ساهڙ جا سينگار

سهيڙيندڙ: سنڌيڪار

جي. ايم. سيد

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ

ساهڙ جا سينگار

[حضرت علامہ امداد علي امام علي قاضي عليہ الرحمة
جي حياتيءَ جو مختصر احوال، راقم الحروف ڏي، لکيل خط ۽ ڪن
مضمونن جو مجموعو]

سهيڙيندڙ ۽ سنڌيڪار

جي. ايم. سيد

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو، سنڌ
2007ع

[ڪتاب جي هن ڇاپي جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن]

ڇاپو پهريون سال 1969ع تعداد هڪ هزار
ڇاپو ٻيو سال 2007ع تعداد هڪ هزار

قيمت: هڪ سؤ ويهه رپيا
[Price Rs. 120-00]

Gul Hayat Institute

خريداريءَ لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

فهرست

نمبر	عنوان	صفحو
	چپائيندڙ پاران	4
1.	علامہ قاضي صاحب ۽ مسز قاضي جي يادگار تصوير	5
2.	علامہ قاضي صاحب ۽ مسز قاضي جي چند خطن جا عڪس	6
3.	جناب ميان الهہ بخش خان ڪريم بخش خان بروهيءَ جو تعارفي خط	13
4.	سهيڙيندڙ جو پيش لفظ	19
	فصل پهريون	27
5.	علامہ قاضي صاحب ۽ مسز قاضيءَ جي حياتيءَ جو مختصر احوال	
	فصل ٻيو	39
6.	1929ع کان 1945ع تائين جا خط	
	فصل ٽيون	128
7.	1946ع کان 1967ع تائين جا خط	
	فصل چوٿون	141
8.	سنڌن مضمون	
	فصل پنجون	155
9.	علامہ قاضي صاحب جو پيغام، مقام ۽ اسان جون جوابداريون	
10.	ضميمو	168

Gul Hayat Institute

ڇپائيندڙ پاران

علامہ آءِ.آءِ.قاضي سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي اتهاس جو هڪ وڏو نالو آهي. جنهن سنڌ جي شعور کي منظم ڪرڻ ۾ هڪ عظيم اداري جيڏو ڪم ڪيو آهي. سائين جي.ايم.سيد ڏانهن لکيل سندن خطن ۽ ڪجهہ اهم تحريرن تي ٻڌل هن ڪتاب کي سيد پاڻ انگريزيءَ مان ترجمو ڪري، ان کي ڪتابي شڪل ۾ ترتيب ڏئي سال 1969ع ۾ ڇپرايو هو. هن ڪتاب ۾ علامہ آءِ.آءِ.قاضي صاحب جي زندگيءَ جو مختصر احوال، حياتي بابت سندس فلسفياڻو نقطئہ نظر ۽ سندن پيغام ۽ مقام کي جنهن مختصر پر جامع نموني سان ڏنو ويو آهي. انهيءَ جي مطالعي ڪرڻ ۽ هينئن سان هنڊائڻ سان اسان جي زندگيءَ جي ڀرپور اصلاح ممڪن آهي. سنڌي ادبي بورڊ هن خطن جي مجموعي جي اهميت کي سمجهندي ٻيهر ڇپرائڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

ادب ۽ تاريخ ۾ خطن جي اهميت تمام گهڻي وقت کان رهي آهي. گجرات جي وزيراعظم عين الملڪ عين الدين عبدالله بن ماهرو جي خطن وانگر علامہ آءِ.آءِ.قاضي صاحب جي خطن ۽ ڪجهہ مضمونن جو هي مواد سنڌ جي جديد اتهاس جوڙڻ ۾ هڪ اهم تاريخي ماخذ طور ۽ سنڌ وطن جي علمي ۽ عملي خدمت ڪندڙن لاءِ مشعل راهہ طور ڪم ايندو.

هن ڪتاب کي اصل مسودي سان ڀيٽي، درست ڪرڻ ۽ ڪجهہ نوان خط شامل ڪرڻ ۾ محترم آزاد قاضي، ۽ جي.ايم.سيد فائونڊيشن جو بنيادي سهڪار حاصل رهيو آهي. هيءَ ڪتاب علامہ آءِ.آءِ.قاضيءَ جي روشن زندگيءَ جي وڏيڪ گوشن تي روشني وجهڻ سان گڏ علم سان چاهت رکندڙن لاءِ ڇڻ تہ هڪ "سونهون" ثابت ٿيندو. آءٌ پنهنجي ايام ڪاريءَ ۾ بورڊ پاران هن ڪتاب جي پهرين پيرو ڀڏرائيءَ تي تمام گهڻي سرهائي محسوس ڪيان ٿو.

جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو نينهن جو.
(ڀٽائي رح)

اعجاز احمد منگي
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

ڄام شورو، سنڌ
اربع، ٢- ربيع الثاني ١٤٢٨هہ
بمطابق 21- اپريل 2007ع

Gul Hayat Institute

حضرت علامہ آءِ. آءِ. قاضي رحمت الله عليه

۽ سندن اهليہ محترمہ ايلسا قاضي مرحومہ.

CITY LINE
TELEGRAPHIC ADDRESS
"AMICUS" GLASGOW
GEORGE SMITH & SONS.
MANAGERS
GLASGOW

S.S. City of Nagpur
at Suez
31st March 1924

My Dear Shah Sahib,

If ever we return to Sind you will be the cause. My dearest friend, if it does one's heart good to love you. But retain your noble enthusiasm. Do not grow self-centred. There is no other between The All, The Beautiful & me, but 'I'. پاٽان پا - پيئي.

But before all that, self, individuality has to be born. Then — از دل سنگ گنهگار برآرم آبی

کآتش اندر نفس آدم و حوا فگنم

Gul Hayat Institute

علامہ صاحب رحہ جي انگريزي خط جو عڪس (اڳيون صفحو)

'Work' [illegible] for That
brings you nearer to 'Beauty'.
Beauty That you can only
see مِن وراءِ حِجاب. So long
'I' is not 'perfect' when
'I' is 'realized' and 'I'
submits Then ال I is
complete then the Beauty
is in your lap.

This is only for you!

Excuse Reply & tell me
all about you.

Yours.
[illegible signature]

P.S.
Try to acquire Lalchand
a [illegible] in [illegible]
He has love for [illegible]. and he [illegible]

Gul Hayat Institute

علامہ صاحب رحہ جي انگريزي خط جو عڪس (پنيون صفحو)

Craigmoor
48, Pembroke Rd
Bromley
(Kent)
England.
12th April 1932

P.S. Please write again directly to this address. also to [illegible] [illegible]

ڊيئر سيد غلام مرتضيٰ

From the above writing you can see that I am trying to learn Sindhi. But I am sure the words are not written correctly. I think there are many mistakes. I was trying to write: "Dear Sayed Ghulam Murtaza." I wonder if you can read it and how many mistakes are there?

Many thanks for your kind letters which we both received a few days ago. I am grateful for all the kind things you are saying in your letter. Mr. Kazi translated to me the verses of the Persian poet 'Sadi' and true to my poet nature I am anxious

Gul Hayat Institute

مسز قاضي مرحوم جي انگريزي خط جو عڪس (اڳيون صفحو)

reply to you in my own way.
The flower that gave perfume to the clay ~~x~~ has told me her history!
originally it was a scentless weed, but now it is a rose and I did ask her how she has become a rose:

"Who made you sweet? who gave you this array
The rose replied "But yesterday I lay
Beside an earthen pot, a lamp of clay;
The lamp was lit with love; its holy flame
Did gently breathe on me, then I became
With fragrance sweet; the lamp's immortal light
Did make me beautiful, did make me bright
No longer now I am a weed, because
The glance of love did change me in a rose"

E.K.

So you see, it was by love's alchemy that a scentless worthless weed had been transformed into a rose! You have looked with eyes of love at the things that God has created! Beneath the eyes that are lit with the light of love all things become beautiful and fragrant! You look upon birds with the glance of kindness and love and beneath your

Gul Hayat Institute

مسز قاضي مرحوم جي انگريزي خط جو عڪس (پنيون صفحو)

حيدرآباد

اڪيس جانان منا مرتضيٰ

محبت نامه نمبر ٣ مارچ جو محصل ٿيو

[illegible] تاريخ ٤ [illegible] آهي

هفتي کان [illegible] بيماري [illegible]

[illegible] هفتو آرام [illegible] آهيان

جي خدا کي بقا [illegible] ته آئون [illegible]

[illegible] ته تو کان [illegible] ڏسي [illegible]

هفتي [illegible] آئون [illegible] کان [illegible]

دعا جي ضرورت

امداد علي

1966

Gul Hayat Institute

علامہ صاحب رحہ جي سنڌي خط جو عڪس

تعارفي خط

پاڪستان جي اعليٰ قانوندان، فيلسوف، اڳوڻي وزير، سفيرِ پاڪستان ۽ علامہ قاضي صاحب مرحوم جي معتمد خاصَ جناب الله بخش ڪريم بخش بروهيءَ جو (ڪتاب جي مواد بابت) تعارفي خط انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

جناب اللّٰہ بخش بروھي صاحب

ڪراچي،

11 ڊسمبر 1968ع

پيارا جي. ايم. سيد

سڀ ڪان اول آءٌ پدرِ بزرگوار، علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب جي، اوهان ڏي موڪليل خطن جي، ڪتاب جي تعارف موڪلڻ ۾ دير لاءِ معافي گهران ٿو. جيئن تہ وڪالت جي مشغوليءَ ڪري گهڻي فرصت ڪانہ ملي اٿم، تنهنڪري ساري مسودي کي اکر بہ اکر پڙهي، تعارف لکڻ ۾ دير ٿي ويئي آهي.

جنهن صورت ۾ علامہ قاضي صاحب جي خطن جو اهو مجموعو سندن تعليمات ۽ روشنيءَ طبع جو پتو ڏيئي سگهندو، تنهنڪري ان تي وڌيڪ روشني وجهڻ جي عيوض هي خط ئي تعارف جو ڪم ڏئي سگهندو. ان کي تعارف طور ڇپائي سگهو ٿا.

مون کي خطن جي پڙهڻ بعد هن ڳالهہ جو بخوبي احساس ٿيو آهي تہ، مُربيمِ قاضي صاحب جو ڪيتريقدر نہ اوهان سان پيار هو! ان جو اندازو هنن خطن جي پڙهڻ بعد هر ڪنهن کي پئجي سگهندو.

علامہ قاضي صاحب اعليٰ درجي جو اديب هو، جنهن جي جهلڪ سندس خطن مان پئجي سگهي ٿي. هن جن بہ ماڻهن کي خط لکيا، تن انهن کي قيمتي خزانو تصور ڪري محفوظ رکيو آهي. سندس خط واقعي ذهني ۽ روحاني معلومات جو وڏو ذخيرو ميسر ڪن ٿا. ازانسواءِ، آءٌ اهو بہ محسوس ڪريان ٿو تہ پاڻ جن کي بہ خط لکيا اٿن، تن جو مقصد انهن ماڻهن جو روزمرهہ جي خسيس ۽ معمولي معاملن ۽ خيالن کان توجهہ هٽائي، اعليٰ فڪر ۽ عمل جي ڳالهين سان روشناس ڪرڻ جو هو. سندن ان ساري خط و ڪتابت پويان اعليٰ محبت جو جذبو ڪار فرما نظر اچي ٿو.

Gul Hayat Institute

سندن محبت حقيقي ۽ غير شخصي هوندي هئي. هتي شايد اهو سوال پڇو تہ ’محبت بہ ڪڏهين غير شخصي ٿي سگهي ٿي؟‘

ان جي جواب ۾ والد بزرگوار قاضي صاحب جي مون سان ملاقات جي دوران ڪيل گفتگو ۾ ذڪر ڪيل هڪ نقطي جو حوالو پيش ڪريان ٿو:

”ترقي يافتہ ارواح لاءِ محبت فطرت ثاني ٿيو پوي، جا ڪنهن ارادي يا خواهش جي محتاج نٿي رهي.“

ان جي تشريح آءٌ هن طرح ڪري سگهان ٿو تہ جهڙيءَ طرح هڪ شيدي پنهنجي فطرت سببان ڪارو هوندو آهي ۽ ساندي وانگر ڪيس رنگ مٽائڻ جو اختيار نہ هوندو آهي، تهڙيءَ ريت برگزيده اشخاص، جن پاڻ کي هيٺانهينءَ سطح کان چاڙهي بلند ڪري ڇڏيو آهي، سي فطري طور همہ گير محبت جا مخزن بنجيو پون. اهي ’تون‘ ۽ ’مان‘ جي صفت کان آزاد ٿي وڃن ٿا، تنهنڪري سندن محبت، سموريءَ انسانذات لاءِ وقف ٿيو پوي، نہ رڳو ايترو، پر پرريان سندي پار (ساري ڪائنات) کي محبت جي ئي نظر سان ڏسڻ لڳن ٿا.

اهڙا بزرگ مادي حُدود ۽ رنگ و بوءِ جي فرق کان مٿي چڙهي، هر شيءِ ۾ حسن ازليءَ جي تجلي ڏسي، ان کي پيار ڪرڻ لڳن ٿا.

جڏهين ڪو شخص اهڙي درجي تي پهچي ٿو، تہ ان جي محبت، غير شخصي ۽ همہ گير صورت اختيار ڪري ٿي. پوءِ هن جي محبت گلاب جي گُل جي خوشبوءِ وانگر هر ڪنهن کي پنهنجيءَ سڳند سان معطر ڪري ٿي ۽ منجهانئس بدبوءِ اچڻ جو امڪان نہ آهي.

اها تعجب جي ڳالهہ نہ آهي تہ جو بہ شخص پدر بزرگوار علامہ قاضي صاحب جي محبت مان مستفيد ٿيل هو، تنهن تي اهو اثر ويٺل هوندو هو تہ هن (قاضي صاحب) سڀ کان زياده کيس پيار ڪيو ٿي. اهو تجربو سندس ڪيترن مدح خوانن، دوستن ۽ خود منهنجو (بہ) آهي.

مون کي پيار ۽ محبت جو ايڏو پُرڪيف اثر، ڪنهن بہ ماڻهوءَ مان ميسر نہ ٿيو آهي، جهڙو مُربيمِ قاضي صاحب مان. مون کي اميد آهي تہ تو بہ اها ئي ڪيفيت محسوس ڪئي هوندي.

محترم قاضي صاحب جي گذريل چاليهن سالن جي خط و ڪتابت کي شايع ڪرائڻ مان مون کي اميد آهي تہ تنهنجي خاص مراد، هن دور جي اعليٰ شخصيت جي، توهان ۾ پيار، اعتبار ۽ دعائن جي اظهار جي پڌرائي آهي.

Gul Hayat Institute

بيشڪ توھان جي زندگيءَ سان وابستہ چڱين لياقتن مان ھيءَ بہ خاص آھي تہ ھن دور جي برگزيده انسان جي محبت ۽ توجهہ جو مرجع رھيا آھيو. واقعي توھان جي دل جمعيءَ ۽ تسڪين طبع لاءِ اھا ھڪ وڏي غنيمت آھي ان لاءِ توھان کي خدا جو شڪر گذار ٿيڻ گھرجي.

مون کي اھو معلوم ڪري نهايت خوشي ٿي آھي تہ، گھڻي وقت تائين محترم قاضي صاحب، سن ۾ مڪتبِ حڪمت کولي، سنڌي مسلمانن جي اخلاقي، ذھني ۽ نفسياتي اصلاح لاءِ ارادو رکندو آيو. واقعي جيڪڏھن 1930ع جي ابتدائي سالن ۾ اھڙو ادارو قائم ٿئي ھا تہ بيشڪ اھو مسلمانن جي نشاطِ ثانيہ جو وڏو مرڪز بنجي، ڪم ڏئي ھا. ان جي ذريعي تربيت يافتہ مرد ۽ عورتون، دنيا ۾ پکڙجي، انسانذات جي اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ لاءِ مبلغ ۽ مصلح ٿيڻ جو ڪم ڏين ھا.

پدرمِ قاضي صاحب پنھنجي ھڪ خط ۾ اھڙيءَ تعليمات لاءِ سن کي مرڪز بنائڻ طرف اشارو ڏئي ٿو، ھو واقعي اھڙي اداري جي رھبري ڪرڻ جو اھل ھو.

ھتي آءٌ سندس 1- جولائي 1931ع جي خط جو ھڪ ٽڪرو، حوالي طور پيش ڪريان ٿو:

"ھا، سن ۾ رھڻ مون کي زياده پسند اچي ٿو. مون کي سنڌي مسلمانن جو ماضي اجا دل تي تازو آھي، جيتوڻيڪ اھو خاڪ ۾ مليل آھي."

"مرتضيٰ جو غلام ٿيڻ، دنيا جي وڏي ۾ وڏيءَ بادشاھت کان بالاتر آھي."

"محمد ﷺ ڪھڙو نہ سھڻو نالو آھي. حيف آھي دنيا کي، جو پنھنجي وڏي کان وڏي محسن کي وساري ويٺي آھي. ھيءَ دنيا، محمد ﷺ کان اڳ تنگ ۽ تاريڪ جھنگل ھئي، جنھن مان ڪوبہ رستو روشنيءَ طرف نيندڙ نہ ھو."

صلي الله عليٰ نوراً کزوشد نورھا پيدا

يعني، خدا جون برڪتون ان نور تي ھجن، جنھن مان بيون سڀ روشنيون پيدا ٿيون.

ڪھڙي نہ سھڻي مدح ھڪ اڏ پڙھيل سنڌي شاعر ڪئي آھي:

جڏھن چايو محمدا، تڏھن ڏپ لھي ويو ڏاءُ،\
لٿو انڌارو عالم تان، ٿيو سوجھرو صفا!

Gul Hayat Institute

افسوس تہ ان محمد ﷺ جا پوئلڳ ئي آهن جي پاڻ وڏيءَ اونداهيءَ ۾ قاتل آهن، جن ڪجهہ وقت اڳ، ساريءَ دنيا جي رهبري ڪئي تي.

”منهنجا پيارا ياءِ، منهنجي اچڻ ڪري توکي تڪليف تہ ڪانہ ٿيندي؟ ڇا ان ڪري توکي پنهنجا موجوده سماجي ڪاروبار، جن ۾ تون مشغول آهين، ڦٽا ڪرڻا تہ نہ پوندا؟ آءٌ توکان پنهنجي خاطر قرباني ڪرائڻ نٿو چاهيان. تون مون کي سجائين، مون لاءِ اها وڏي ڳالهہ نہ آهي تہ صرف هڪ چادر ۾ ئي گذاري سگهان ٿو. ورهين جا ورهيہ ائين ڪيو اٿم ۽ منبر تان بانگون بہ ڏنيون اٿم. آءٌ پراڻو موذن آهيان. مون انن ورهين جي عمر ۾ ائين ڪيو هو، اهو جهڙو منهنجو ورثو آهي، تهڙو تنهنجو.“

تو کي خبر آهي تہ محترم قاضي صاحب انهيءَ مشن جي سرانجاميءَ لاءِ سال 36-1939ع ڌاري، ڪراچيءَ ۾ رهڻ وقت، مسلم هاسٽل، ڪچهري روڊ تي مسجد ۾. خطبن ۽ نمازن پڙهائڻ ذريعي گهڻي ڪوشش ڪئي هئي.

اهو ئي زمانو هو، جو اسان مان ڪيترن ئي نوجوانن سندس اعليٰ شخصيت کان متاثر ٿي، وٽانئس ذهني ۽ روحاني حظ حاصل ڪيو.

واقعي سندس ساري زندگي پيغمبرِ اسلام ۽ قرآن جي تعليم ۽ روشنيءَ کي دنيا تائين پهچائڻ ۾ گذري.

مون کي پڪ آهي تہ توڏانهن سندس لکيل خطن جو شايع ٿيڻ نہ صرف سندس مصاحبن لاءِ دلي تسڪين ۽ خوشيءَ جو باعث ٿيندو جي ڪيس پنهنجو رهبر سمجهندڙ هئا. پر توسان سندس تعلقات جو مسلم ثبوت. سَندَ ۽ يادگار تي ڪم ايندو.

Gul Hayat Institute

منهنجي نظر ۾، اسان جا ايندڙ نسل تنهنجا شڪر گذار ٿيندا جو تو هن دور جي اعليٰ هستيءَ جي خط و ڪتابت کي شايع ڪري، عام منظر تي آندو آهي.

مون کي خطن جي فائيل مان مادر ايلسا قاضيءَ، جا لکيل بہ خط بہ نظر مان گذريا آهن. مون کي پتو نہ آهي تہ تون انهن کي محترم قاضي صاحب جي خطن سان گڏ ڇپائڻ گهرين ٿو يا جدا؟ منهنجي راءِ ۾ اهي خط جدا ضميمي طور ڇپايا وڃن تہ بهتر ٿيندو.

12- اپريل 1932ع تي، مادر ايلسا قاضيءَ، لنڊن مان توڏي هڪ خط لکيو آهي جو خط نويسيءَ جو هڪ شاهڪار آهي. هن شيخ سعديءَ جي فارسي

بيتن، جي "تہ ڪيئن گل، مٽيءَ کي خوشبوءِ پهچائي ٿو"، جي عجيب غيرفاني تشريح ڪئي آهي. ان ۾ لکي ٿي تہ:

"جڏهن ٻوٽي کان پڇيم تہ هو ڪهڙيءَ طرح گلاب جو گل بڻيو؟ ڪنهن منجهس اهڙو حسن پيدا ڪيو؟ ۽ ڪهڙيءَ طرح منجهس اها خوشبوءِ آئي؟" تڏهن گل جواب ڏنو. "ڪالهوڻي ڪالهہ آءٌ نڪر جي ڪونديءَ ۾، مٽيءَ جي ڍير اندر پيل هوس. اها مٽي محبت جي جلوي سان پرپور هئي. ان جي پاڪ تجلي آهستگيءَ سان مون ۾ پرجي ويئي، جنهن جي طفيل ئي مون ۾ هيءَ خوشبوءِ پيدا ٿي آهي. ان محبت جي غيرفاني نور، مون کي خوبصورت ۽ چمڪندڙ بڻايو آهي. هاڻ آءٌ معمولي ٻوٽو نہ آهيان. محبت جي نظر مون کي گلاب جو گل بڻائي ڇڏيو آهي."

مٿي ذڪر ڪيل مصراعن جي تشريح مان ضمني طور سندن شخصيتن جي خيالي پرواز ۽ راهبر اثرات جي نشاندهي ٿئي ٿي. انهن ٻنهي خدا جي ٻندن، پنهنجن مصاحبن جي زندگين ۾ جو ڦيرو آندو، ان جو پورو مثال مٿئين حوالي مان پئجي سگهي ٿو، تہ ڪهڙيءَ طرح نہ ان اعليٰ روح، اسان جهڙن جي مٽيءَ کي نئين زندگي بخشي ڇڏي.

سينٽ ڊي يو گسپر چوي ٿو تہ:

"روح، ماده ۾ حلول ٿيڻ ڪري ماڻهو پيدا ٿئي ٿو، رڳو ٻرندڙ شمع ٻين بتين کي روشن ڪري سگهي ٿي."

Gul Hayat Institute

هڪ عربي چوڻي آهي تہ:

"صرف اَنجير جو وڻ ئي پنهنجي پاڇي وجهڻ سان ٻئي اَنجير جي درخت کي بارآور ڪري ٿو."

مقناطيسي ڪشش جي ڪليہ قانون وانگر، نجات يافتہ (خدا رسيده) شخص ئي پنهنجي ڪيميائي نظر سان، ٽامي مان سون بڻائي سگهن ٿا. جهڙيءَ طرح سج جي گرمي ۽ روشني، نباتات ۾ زندگي پيدا ڪري ٿي.

قرآن ۾ فرمايل آهي تہ:

"خدا زمين ۽ آسمان جو نور آهي، جنهن کي چاهي، پنهنجي نور سان منور ڪري سگهي ٿو."

وڏيڪ قرآن ۾ اهو بہ آيل آهي تہ:

"اهو الله ئي آهي جو ماڻهن کي اونده مان ڪڍي سوجهري ۾ آڻي ٿو."

منهنجي خيال موجب برگزيده بزرگ ئي رهبر ٿي، اسان کي نفساني خواهشن جي قيد کان آزاد ڪري، فڪر جو مادو بخشي، حسن ازلي، سچ ۽ نيڪيءَ سان روشناس ڪرائي سگهن ٿا.

مُربيمِ قاضي صاحب جي هنن همدردانہ خطن مان اهو صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ هو عاشقِ رسول هو ۽ ڪيس پيغمبر خدا جي پوئلڳن جي اصلاح جو بي انتها شوق هو.

هنن خطن جي وسيلي اسان کي علامہ صاحب جي فيض بخش اثر ۽ طاقتور شخصيت جو پتو پوي ٿو.

توهان جي محبت رکندڙ

اي. ڪي. بروهي

Gul Hayat Institute

پيش لفظ

جڏهن پوي ياد، صحبت سپرين جي
فريـادون فـريـاد، ناگھہ وجن نڱئو. (شاھ)

1925ع کان جڏهين مختلف علمن جي ڪتابن پڙهڻ، جدا جدا مذهبن جي تعليم مان واقف ٿيڻ، مٽيريلزم (دهريت) جي دليلن کان متاثر ٿيڻ، ۽ تاريخ ۽ فلسفي جي مطالعي منهنجي روايتي مذهبي اعتقادن جي ديوار ۾ شڪن جا سوراخ وجهڻ شروع ڪيا، تہ ذري گهٽ ناستڪ ٿي وڃڻ جو امڪان هوم.

عين انهيءَ وقت ڏاري ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي ڪم سان ڪراچيءَ ۾ جاءِ وٺي رهڻ جو موقعو مليو. خوش قسمتيءَ سان چند اهڙن صالحن جي صحبت نصيب ٿي، جنهنڪري شهري زندگيءَ جي خراب اثرن کان محفوظ رهي سگهيس. مسٽر جمشيد نسروانجي ميهتا، مسٽر حاتم علوي، مسٽر غلام علي چاڳلا، مولانا محمد صادق کڏي وارو ۽ مولوي فتح محمد صاحب سيوهاڻي انهن مان مکيہ هئا. پهرين ٽن جي اثر ڪري، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ ۾ وقت بوقت وڃي ليڪچرن ۽ بحث مباحثن ٻڌڻ جا موقعا مليا. قاضي صاحب جي پهرين ملاقات ۽ ديدار پڻ اُتي نصيب ٿيو. اُتي ئي سندس خيالات مان واقف ٿيڻ جو پهريون پيرو موقعو مليو. ان کان پوءِ سگهوئي وٽن وڃي، ساڻن ملاقاتن ذريعي، پنهنجي پيدا ٿيل شڪن جي دفع ڪرڻ ۽ مختلف مسئلن تي معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آيس.

جيئن تہ آءٌ 1920ع کان اڪثر ڊائري لکندو رهيو آهيان، تنهنڪري قاضي صاحب جي ملاقاتن جون ڪيترين تاريخون ۽ هر ملاقات ۾ ٿيل گفتگوءَ جو تت منهنجي ڊائريءَ جي ڪيترن ئي ورقن ۾ موجود آهي. انهن جو منفصل ذڪر

Gul Hayat Institute

طوالت جو باعث سمجهي، هتي ڪرڻ مناسب نٿو ڄاڻان. جڏهين بہ ڪراچيءَ ۾ هوندو هوس، تہ سندس ملاقاتن ليڪچرن مان مستفيد ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. ڳوٺ اچڻ بعد بہ خطن ذريعي نصف ملاقات طور اُنهيءَ سلسلي کي جاري رکندو آيس. جڏهين پاڻ ولايت ڏي ويا ٿي، تہ اتي بہ ساڻن خط و ڪتابت ٿيندي رهي ٿي، مون حتي الامڪان سندن آيل جملي خطن کي خستوريءَ وانگر محفوظ رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ممڪن آهي ڪي خط شايد زماني جي هيٺ مٿانهين ڪري گم ٿي ويا هجن، پر انهن جي ڪثرت مون وٽ محفوظ آهي، جا ناظرين اڳيان هن ڪتاب جي صورت ۾ پيش ڪريان ٿو.

1934ع ۾، ولايت کان جڏهن واپس آيو، تڏهن وري سندس ملاقاتن ۽ خطبن ٻڌڻ جو سلسلو شروع ٿيو. پاڻ ڪڏهين حيدرآباد ۾ رهندا هئا تہ ڪڏهين ڪراچيءَ ۾. سندن رهڻ جون مختلف جايون اجا تائين اکين اڳيان پيون ڦرن. فليٽ نمبر 4 وڪٽوريا روڊ، صدر ڪراچي، حيدرآباد ڪئنٽونمينٽ بنگلو نمبر 4، قاضي ميان علي محمد جي جاءِ برنس روڊ ڪراچي، برسٽل هوٽل ڪراچي، پيسٽنجي هائوس گارڊن ڪوارٽر ڪراچيءَ جون جايون بخوبي ياد اٿم.

سندن ملاقاتن ۽ صحبت مان جا معلومات ميسر ٿي، سا مشڪل سان سوَن ڪتابن پڙهڻ مان حاصل ٿي سگهي ها. بقول شاعر:

يڪ زمانہ صحبتِ با اوليا، بهتر از صد سالہ طاعت بي ريا.

مون ۾ جيڪو بہ اسلام جي صحيح تخيل، محبت نبويءَ ۽ انساني همدرديءَ جو ذرو موجود آهي، ان لاءِ قاضي صاحب جي ملاقاتن ۽ صحبت کي وڏو دخل آهي.

Gul Hayat Institute

سندن صحبت بعد آءٌ هينين نتيجن تي پهچي سگهيس.

(1) ڪائنات رٽا ۽ مقصد سان بنايل آهي:

ابتدا ۾ جڏهن پهريون مذهبي اثر، مختلف ذڪر ڪيل وجوهات سبب ٿٽڻ لڳو، تہ غور فڪر ڪرڻ بعد دنيائي معاملن ۽ زندگيءَ جي ڪاروبار ۾ بي ترتيبي ۽ بي ڍنگائي ڏسڻ ۾ اچڻ لڳي هئي، جهڙوڪ:

(الف) روزانہ ڪروڙين ماڻهو غربت ۽ مسڪينيءَ ڪري، باوجود مشقت ۽ مزدوريءَ جي بہ، پوري ڪاڌي، ڪپڙي ۽ اَجهي نہ هئڻ سبب حيران ۽ پريشان نظر آيا ٿي، تہ

ٻئي طرف چند ماڻهو بنا ڪنهن سخت محنت جي، عيش آرام جي زندگي گذاري رهيا هئا.

(ب) ڪروڙين ماڻهو مرضن ۽ طرح طرح جي مصيبتن ۾ گرفتار هئا. ڪي ڄمندي لنگڙا، لولا، انڌا ۽ گونگا بنا علاج جي حياتي گذارڻ تي مجبور هئا، تہ ڪن تازا توانا ۽ تندرست رهي، بنا ڪنهن تڪليف جي پينگهي کان قبر تائين فرحتن ۾ وقت پئي گذاريو.

(ج) ڪيترا جهيڙا، لڙايون، ظلم ۽ فساد، ڏاڍن جي حرص ۽ خود مطلبيءَ جي پورائي لاءِ ٿيا ٿي، جنهنڪري دنيا ۾ دک ۽ درد پکڙيو پيو هو.

(د) هڪڙا ماڻهو حسين ۽ ٻيا ڪوجها، هڪڙا عاقل ۽ ٻيا جاهل، هڪڙا شاهوڪار ٻيا غريب، هڪڙا زبردست ٻيا هيڻا، هڪڙا رحمدل ۽ ٻيا ظالم هئا.

(هہ) ڌرتين جي ڌٻڻ، طوفانن جي لڳڻ، سيلابن جي اچڻ ۽ باهين ۽ بيمارين وغيره ڪري لکها جانيون بي گناهہ تباهہ ٿيون ٿي.

جڏهن انهن ڳالهين تي غور ٿي ڪيم، تہ منهنجي ناقص سمجهہ ۾ نٿي آيو تہ جيڪڏهن ڪائنات ڪنهن رٿا ۽ مقصد سان بنايل هئي، تہ ان ۾ عدل ۽ انصاف جو موجود نہ هو ۽ ڇا جي لاءِ هيءَ بي ترتيبي، بي ڍنگائي ۽ انتشار موجود هو!

قاضي صاحب جي صحبت اُن تصوير جو ٻيو طرف ڏيکاريو. فرمايائون- ·

سڄن جي چوطرف سيارن جي باقاعدگيءَ سان ڦرڻ، ستارن جي مقرر مفاصلن تي خلا ۾ قائم رهڻ ۽ مقرر زمانن ۾ چڪر لڳائڻ، راتين پنيان ڏينهن جي اچڻ، موسمن جي تبديليءَ، هر جاندار شيءِ جي ڄمڻ ۽ مرڻ، پاڻيءَ جو سمندن مان ٻاڦ رستي ڪڪر ٿي، برف بنجي، دريائن ۽ بارشن ذريعي زمينن کي سيراب ڪري، ٻيلن ۽ ٻوڪن بنائڻ ۾ ترتيب ۽ يڪسانگي هئي.

Gul Hayat Institute

اول ۾ ذڪر ڪيل بي ترتيبي سطحي نگاهہ جو ڪارڻ
هئي، اونهي غور بعد سموري مسئلي ۾ هڪ رتا ۽ ترتيب نظر
آئي ٿي. پهرئين غلط نقط نگاهہ جو مکيہ ڪارڻ ڪائنات جي
منصوبہ ساز جي اونهن اسرارن جي عدم واقفي هئي.

انهيءَ سمجهاڻيءَ بعد قرآن جي هن آيت جي حقيقي معنيٰ جو مفهوم سمجهڻ ۾ اچڻ لڳو:

"ما خلقت هذا باطلا"

(يعني، ڪابہ شيءِ بيڪار ۽ بنا مقصد جي نہ ٺاهي ويئي هئي.)

ان مان معلوم ٿيو تہ خلقت حادثو نہ هئي، بلڪ رٿا ۽ پلئن سان بنايل هئي. ظاهري بي ترتيبيءَ جو مکيہ سبب خدا جو شخصي يا محدود تصور هو. قاضي صاحب جن هميشہ، اُن ٿي شيخ سعدي عليہ الرحمت جو هيءُ بيت اُچاريندا هئا—

اي برتر از خيال و قياس و گمان وهم،
وز هرچہ گفتہ اندر وشنيديم و خوانده ايم،
مجلس تمام گشت و بہ آخر رسيده عمر،
ما همچنان در اول وصف تو مانده ايم.

(2) مسئلي وحدت الوجود (ويدانت) جي ساڄاهہ —

جنهن مطابق هر شيءِ جو مرڪز ذات الاهي هو، ٻيون سڀ شيون اُن جي صفات، تجلي يا پرتوو هيون. انهيءَ تعليم جي ذريعي سنڌ جي صوفياءِ ڪرام، جهڙوڪ: شاهہ عنايت عليہ الرحمت، شاهہ عبداللطيف عليہ الرحمت، سچل سرمست عليہ الرحمت، وغيره جي ڪلام، جو ننڍپڻ کان ٻڌندو آيو هوس، جي معنيٰ ۽ مطلب جو پتو پوڻ لڳو.

هر شی دي وچ تونهين وسدا، اپنا آپ ڇهپايئي ڪيون!
اندر باهر تونهين وسيا، بانورا لوڪ ڀلايئی ڪيون!
(دلپت- طالب شاهہ عنايت عليہ)

● سو هي سو هوءَ، سو اجل سو الله.
سو پرين سو پساهہ، سو ويري سو واهرو. (شاهہ لطيف)

● صورت جو سبحان، پاڻ ڏسڻ آيو پنهنجو تماشو. (سچل عليہ)

Gul Hayat Institute

(3) ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت -

وٺانئن معلوم ٿيم تہ انسان ذات لکن ورهين کان هن دنيا ۾ پيدا ٿيل هئي. ان جي پيدائش کان وٺي، انسانن ۾ ڪي عقيدا، رسمون، رواج ۽ عبادتن جا طريقا مروج ٿيئي رهيا هئا، جن مختلف زمانن، ملڪن ۽ قومن جي ضرورتن ۽ تقاضائن مطابق جدا جدا صورت اختيار ڪئي هئي، جن آهستي آهستي تي عالمگير مذهبن جي صورت ورتي. اهي سڀ ڳالهيون قانونِ ارتقا (فطرت) موجب مختلف دورن جي ذهني معيارن، وقت جي ضرورتن ۽ سماجي تقاضائن مطابق هڪ ئي زنجيري سلسلي جُون ڪڙيون هيون. اسلام اُنهيءَ نقطي نگاهہ جي افشاي راز جو پيغام آندو، جنهن ظاهري ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت ڏيکاري، ۽ تسلسلِ حيات، اتحادِ انساني، امن عالم ۽ ترقي اشيا جو راز سمجهايو.

ڏسڻ ڏسين جي، تہ همہ ڪـي حق ڇئين،
شارڪ! شڪ مَ ني، انڌا! انهيءَ ڳالهہ ۾. (شاهہ)

(4) اسلام (قانون فطرت) کي ڪڏهن بہ محدود ۽ مڪمل ڄاڻڻ روح اسلام جي خلاف هو-

دنيا جي هر شيءِ مسلسل طور ارتقا پذير هئي. دؤر بدلبا رهيا ٿـي، جهڙوڪ: پٿر جو دؤر، ڪٺ جو دؤر، لوهہ جو دؤر، وحشيانہ دؤر، بدوُيانہ دؤر ۽ زراعتي، تجارتي، هنري ۽ سائنسي دؤرَ. هر دؤر جون ضرورتون ۽ تقاضائون علحده هُيون. انڪري هر دؤر جا قانون، دستور ۽ عقيدا مختلف هئڻ ضروري هئا. انهن کي محدود ۽ مسدود ڪري، مڪمل ۽ آخري ڄاڻڻ قانونِ فطرت جي، روح جي خلاف هو.

(5) دين وحدتَ خيالَ ۽ عمل جو مجموعو هو-

اسلام (دين فطرت) کي چند عقيدن، قانونن ۽ دستورن تائين محدود ڪرڻ ۽ ان جي پوئلڳن کي وحدت خيال ۽ عمل کان سواءِ جدا گروه تسليم ڪرڻ قرآني تعليم ۽ معيار جي خلاف هو. علامہ مشرقيءَ جي "تذڪري" ۾ مسلمان جي بيان ڪيل تشريح کي پاڻ صحيح مسلمان جي بهترين تشريح ٿي ڄاڻائون- يعني هيءَ تہ:

Gul Hayat Institute

”هر صالح ماڻهو، پوءِ ظاهري طرح هو ڪهڙي بہ مذهب جو پوئلڳ هو، مسلمان هو، ۽ هر غير صالح ماڻهو، پوءِ ڪٿي ظاهري طرح هو مسلمانن جي قطار ۾ شمار ٿيل هجي، غير مسلم هو“.

قرآن جي هيٺين آيت ان جي ثبوت ۾ پڙهندا هئا -

ان الذين آمنوا والذين ها دوا والنصاريٰ والصابئين من آمن
بالله واليوم الآخر و عمل صالحاً فلهم اجرهم عند ربهم
ولا خوفٌ عليهم ولا هم يحزنون٥

(معنيٰ- جن ايمان آندو آهي (مسلمان) ۽ جي يهودي يا نصاريٰ ٻئي مذهب جا آهن، ۽ انهن خدا تي ايمان آندو آهي، انسان جي روشن مستقبل ۾ ويساه اٿن ۽ چڱا ڪم ڪن ٿا، تن ڪي خدا وٽان فائدو ملندو ۽ اهي خوف خطري (تنزل ۽ موت جي) ڪان آجا آهن.)

باوجود انهيءَ صريح حڪم جي نجات ۽ جنت (حقيقي خوشي ۽ ترقيءَ) جو حقدار صرف چند اهڙن ماڻهن جي گروه کي ڄاڻن، جن ۾ هر قسم جا غاصب، ظالم، زاني، راشي، استعمال غرضي (ايڪسپلائٽرس) وارا پڻ اچي ٿي ويا— انهيءَ عقيدي جي اصليت مون تي کلي پيئي. اهو مذهب، جو انسانذات مان ننڍ وڏائيءَ، ذات پات، رنگ نسل جي فرقن کي مٽائڻ ۽ مختلف فرقن ۽ مذهبن جي نالي ۾ ماڻهن جي وچ ۾ ڪڙي ڪيل ديوارين کي ڊاهڻ لاءِ آيو هو، جو مساوات، اخوت، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جو سبق ڏيڻ آيو هو، سو جدا گروه بنجي اختلاف، اڳرائيءَ، تشدد ۽ هٺ ڌرميءَ جو حامي ڪهڙيءَ طرح ٿي سگهيو ٿي؟

(6) <u>سر زمين سنڌ جا رهاڪو هڪ خاص مشن جا پيغامبر هئا:</u> سندس صحبت ۽ تعليم مان مون کي ان ڳالهہ جو پتو پيو تہ سرزمين سنڌ جي رهاڪن کي، مختلف وجوهات جي بنياد تي، جنهن جو منصل ذڪر هن ڪتاب جي آخر ۾ ذيل سندس مضمون نمبر 1 ۾ آيل آهي، انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ خاص پيغام پهچائڻ جو منصب سپرد ٿيل آهي. اسان کي ان جي سرانجاميءَ لاءِ تيار ٿي ڪم ڪرڻو آهي.

Gul Hayat Institute

(7) متي ذڪر ڪيل مقصدن جي حصول لاءِ: سنڌ ۾ هڪ مرڪز (خانقاه يا آشرم) بنائي، مخلص ۽ قربانيءَ جي مجسمن ۽ راسخ العلم ڪارڪنن کي تعليم ۽ تربيت ڏيئي، مشنري تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو هو.

قاضي صاحب مرحوم سان گهري واقفيت، سندس لکيل خط نمبر 38 مان معلوم ٿئي ٿو تہ جولاءِ 1929ع کان ٿيل هئي. ان وقت کان وٺي وقت بوقت سندس صحبت مان مستفيد ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو آيس، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو تہ پاڻ مون تي نهايت مهربان ۽ شفيق ٿيندا ويا. آءٌ بہ جڏهين ڪانئن پري هوندو هوس، تہ نصف ملاقات لاءِ خط لکي سندن صحبت کي تازو ڪندو هوس، ۽ پاڻ بہ مهرباني ڪري خطن ذريعي جواب ڏيندا رهندا هئا. سندن خطن جي اڪثريت انگريزيءَ ۾ لکيل آهي، تنهنڪري پهرين خيال آيو هوم تہ، انهن کي ساڳيءَ زبان ۾ ڇپائي، انگريزي ديباچي ۽ حياتيءَ جي بيان سان پاڪستان ۽ دنيا جي مختلف حصن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪريان، پر غور ۽ فڪر بعد هيٺين سببن ڪري انهن کي سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪري پيش ڪريان ٿو-

(1) جنهن صورت ۾ سندن خيال هو تہ سر زمين سنڌ جي رهاڪن کي انسانذات لاءِ خاص پيغام ڏيڻو هو، ان جي ابتدا سنڌ مان ڪرڻي هئي، هتي ئي مرڪز بنجڻو هو، انڪري ضروري سمجهيم تہ اول ۾ اهل سنڌ کي متي ذڪر ڪيل پيغام کان واقف ڪري، سندس منشا پوري ڪجي.

(2) منهنجي خيال ۾ سندس متي ذڪر ڪيل مِشَن جي سرانجاميءَ جا بہ پهلو آهن:

(الف) بين الاقوامي پهلو

(ب) سر زُمين سنڌ جي مخلص ڪارڪنن جي گروه پيدا ڪرڻ جو پهلو.

پهرئين پهلوءَ جي سرانجاميءَ جو لائق ۽ اهل قاضي صاحب جن مسٽر الهہ بخش خان بروهيءَ کي پاتو ۽ هُــن کي ئي اُن منصب لاءِ پاڻ مقرر فرمايو هئائون- سندن مختلف اقوال اُن ڳالهہ جي دليل طور موجود آهن. ان ڪري اهو ڪم محترم بروهي صاحب جي حوالي ئي سونپي ٿو. قاضي صاحب مشن جي ٻئي پهلوءَ جي سر انجاميءَ لاءِ ٻانده کي منتخب فرمايو هو. انهيءَ نقطہ نگاهہ موجب، اُن ٻئي پهلوءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ اهل سنڌ مان مخلص ڪارڪنن جو گروهہ پيدا ٿي، پنهنجون خدمتون سندس حقيقي جاءِ نشين مسٽر بروهيءَ جي

Gul Hayat Institute

سپرد ڪري سگهي، اُن مقصد جي پوئواريءَ لاءِ پڻ هي ضروري سمجهيم تہ قاضي صاحب مرحوم جا هي خط پهريائين سنڌي بوليءَ ۾ پيش ڪيا وڃن.

هي خط مختلف موقعن تي لکيل آهن- جي يا تہ منهنجي لکيل خطن جي جواب ۾ يا روبرو ڪيل گفتگوءَ جي سمجهاڻيءَ لاءِ لکيل هئا- مون کي خبر نہ آهي تہ منهنجا خط قاضي صاحب مرحوم جي ڇڏيل ڪاغذن جي ذخيري ۾ محفوظ آهن يا نہ؟ سندن هڪ خط ۾ اهڙو اشارو ڪيل آهي، جنهن مان معلوم ائين ٿئي ٿو تہ اُهي خط پاڻ بہ محفوظ ڪيا اٿن. بهرحال سندن هنن خطن جي پس منظر ۾ ڪثير ملاقاتن وقت ٿيل گفتگو ۽ منهنجي لکيل خطن ۾ ظاهر ڪيل خيالن کي ڪافي دخل آهي. تنهنڪري مناسب ائين سمجهيو اٿم تہ ضرورت سارو اڪثر خطن جي هيٺان مختصر نوٽن ۾ انهن جي پس منظر معلوم ڪرائڻ لاءِ "شان مڪتوب" بہ پيش ڪريان. اهي نوٽ وڏين ڏنگين ۾ آندل آهن. خطن ۾ ڪٿي ڪٿي مطلب جي واضع ڪرڻ لاءِ پنهنجي طرفان ڪجهہ لفظ ڏنا اٿم، جي پڻ وڏين ڏنگين ۾ رکيل آهي.

منهنجي خيال ۾ سرزمين سنڌ جي خاص پيغام جا مبلغ صوفياءِ ڪرام، شاه عنايت شهيد عليہ، شاه لطيف عليہ، سچل سرمست عليہ وغيره هئا: هن دؤر ۾ انهيءَ پيغام جو صحيح شارح، جناب علامہ امداد علي قاضي صاحب عليہ الرحمت هو— اسان سڀئي انهيءَ عظيم پيغام جا اسٽوڊنٽ (طالب) يا قاصد (پروپيگنڊسٽ) ٿي، ان جي مشتهريءَ جو ڪم ڪري سگهون ٿا.

سن
جولاءِ 1968ع

- غلام مرتضيٰ

Gul Hayat Institute

فصل پهريون

علامہ صاحب ۽ مسز قاضيءَ جي حياتيءَ جو مختصر احوال

آءٌ سندس زندگيءَ جي مختصر احوال کي هينئين چئن پاڱن ۾ ورهائي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس —

(1) سندن شخصي زندگيءَ جو مختصر احوال.

(2) سندن نتيجۂ فڪر جو لب لباب.

(3) سندن ڪارڪردگي ۽ عملي زندگي.

(4) ساڻن پنهنجي نيازمنديءَ جو مختصر احوال.

علامہ صاحب جي حياتيءَ جو مختصر احوال:

سندن نالو ميان امداد علي ميان امام علي انصاري هو. سندن ولادت اپريل 1886ع ۾ ٿي ۽ وفات 13- اپريل 1968ع تي 83 سالن جي عمر ۾ واقع ٿي.

قاضي صاحب جا وڏا انصاري خاندان مان اصل پاٽ ضلعي دادوءَ جي شهر جا وينل هئا. سندن چوڻ هو تہ اهي محمد بن قاسم سان گڏ سنڌ ۾ آيل هئا. پاٽ جو ڳوٺ 603 هہ ۾ ٻڌو ۽ اُن جو اصل نالو باتر (پاتر) هو. علامہ جي والد ميان امام علي ريونيو کاتي ۾ سرڪاري ملازمت سانگي پاٽ مان لڏي اچي حيدرآباد جي شهر ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

حيدرآباد شهر ۾ اُن وقت سيٺ محمد حافظ بااثر ۽ ٻيـنل ماڻهو هـو. قاضي ميان امام عليءَ اُن جي وڏي نياڻيءَ سان شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس ٻہ فرزند ۽ ٻارنهن نياڻيون[1] پيدا ٿيون. فرزند — قاضي ميان فخرالدين امام علي ۽ قاضي ميان امداد علي امام علي.

---

[1] تفصيل لاءِ ڏسو ضميمہ.

سندس نياڻين جو عقد هينئن طرح ٿيو:

پهرينءَ نياڻيءَ جو خانبهادر قاضي ميان غلام نبي (هڪ وقت غلام نبي ڊائريڪٽر آف ايڊوڪيشن) سان عقد ٿيو. جنهن جو اولاد قاضي آفتاب احمد، غلام نبي ۽ ٻيا ٿيا.

ٻيءَ نياڻيءَ جو عقد قاضي ميان علي محمد (هڪ وقت ڊسٽرڪٽ سپريٽينڊنٽ پوليس) سان ٿيو، جنهن جو اولاد قاضي مشتاق ۽ ٻيا ٿيا.

ٽين نياڻيءَ جو به عقد ٿيو، جنهن مان ڊاڪٽر قاضي علي احمد (هڪ وقت ڊائريڪٽر هيلٿ سنڌ) ۽ قاضي غلام مصطفيٰ (هڪ وقت ڪليڪٽر) پيدا ٿيا.

قاضي امداد علي، جو آئينده هلي علامه آءِ آءِ قاضي سڏجڻ لڳو، اپريل 1886ع ۾ حيدرآباد ۾ تولد ٿيو. ابتدائي تعليم آخوند ميان عبدالعزيز وٽ ورتائين، جيڪو سندس والد صاحب خاص سندس تعليم لاءِ مقرر ڪيو هو. اُن وٽ هُو قرآن مجيد ۽ فارسي پڙهيو. مرحوم قاضي امام عليءَ کي ان ڳالهه جو گهڻو فڪر هوندو هو ته سندس فرزند جو عام بازاري ڇوڪرن سان ملڻ نه ٿئي. انڪري جڏهين ڪيس ڏهن سالن جي عمر ۾ اسڪول ۾ داخل ڪرايائين، تڏهين متيون آخوند صاحب ڪيس اسڪول وٺي ويندو هو ۽ وري موٽائي گهر آڻيندو هو.

1902ع ۾ قاضي صاحب کي صوفي فقيرن جي صحبت نصيب ٿي، جن مان ڪي پاٽ جا ۽ ڪي حيدرآباد جا هئا. انهن مان احمد فقير ٽيبو خاص هو. 1904ع ۾ قاضي صاحب خانگي طرح سنڌي فائنل جي تياري ڪري، امتحان ڏيئي ڪامياب ٿيو، جنهن ۾ فارسيءَ ۾ پهريون نمبر کنيائين. 1905ع ۾ وري خانگي طرح بمبئي يونيورسٽيءَ جو مئٽرڪ امتحان ڏيئي، ڪاميابي حاصل ڪري، 1906ع ۾ عليڳڙهه ڪاليج ويو، جتي ڪجهه وقت رهي، واپس آيو. 1907ع جي مارچ ۾ قاضي صاحب ۽ سندس مامات ميان محمد عبدالقادر حافظ ولايت ڏي پڙهڻ لاءِ ويا. اُتي قاضي صاحب هڪ سال خانگي طرح ايڪانامڪس (اقتصاديات) جي تعليم ورتي. 1909ع ۾ لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس ۾ داخل ٿي، ڊاڪٽر ڪئنٽ وٽ پڙهيو. ساڳئي وقت ڪنگس ڪاليج لنڊن ۾ ڊاڪٽر برائون وٽ سئڪالاجي (نفسيات) جي تعليم ورتائين. ۽ فلاسافي ڊاڪٽر آرنولڊ وٽ به پڙهيو. اُهي پروفيسر هاڻ پنهنجي دور جي عظيم استادن ۾ شمار ٿين ٿا. قاضي صاحب اتي خانگي طرح فزڪس (طبيعات) ۽ علم الحيات (بايولاجي) جي تعليم به حاصل ڪئي.

Gul Hayat Institute

1910ع جو سڄو سال جرمنيءَ ۾ رهيو. انهيءَ سال سندس شادي ايلسا قاضيءَ سان ٿي. 1911ع ۾ بئرسٽريءَ جي ڊگري وٺي، واپس وطن موٽيو. موٽڻ بعد مختلف علوم جو مطالعو جاري رکيائين. وقت بوقت جڏهين ولايت ويو، تہ باوجود وڏيءَ عمر جي مختلف استادن کان تعليم حاصل ڪندو رهيو. جيئن تہ 1932-1933ع ۾ شيخ گوما (الاظهر) کان لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ عربيءَ جي تعليم ورتائين، ۽ پروفيسر ڊاڪٽر ٽريٽن کان بہ عربي سکيو.

قاضي صاحب مرحوم 1911ع کان 1951ع تائين ڪجهہ وقت سنڌ ۾ گذاريو، تہ ڪجهہ وقت انگلينڊ ۾ گذاريو. وطن ۾ رهائش واري عرصي ۾ ڪجهہ وقت ٽنڊي محمد خان ۾ سول ڪورٽ جو جج ٿي رهيو. ان کان پوءِ ڪجهہ عرصي لاءِ خيرپور رياست ۾ سيشن جج ۽ رياست جي ايگزيڪيوٽو ڪائونسل جو هوم ميمبر ٿي رهيو. ڪجهہ وقت حيدرآباد ضلعي جو پبلڪ پراسيڪيوٽر ٿي رهيو. انگلينڊ ۾ رهائش جي وقت ڪجهہ عرصو لنڊن اسڪول آف اورينٽل اسٽڊيز ۾ سنڌي زبان جو استاد ۽ ممتحن ٿي رهيو. اهو عهدو اعزازي هوس. 1924ع ۾ انگلنڊ ۾ قاضي صاحب کي شعر جي انجمن (Poetory Soceity) جو نائب صدر چونڊيو ويو. ان عهدي تي هُو 1943ع تائين رهيو. 1929ع ۾ کيس انگلنڊ جي فلاسافيڪل سوسائٽيءَ جو لائيف فيلو (تا حيات ميمبر) مقرر ڪيو ويو.

قاضي صاحب ڪجهہ وقت لنڊن شهر ۾ 1929ع کان 1932ع تائين اسلامي تبليغ جو ڪم ڪيو. لنڊن جي ايسٽ اينڊ ۾ ان ڪم لاءِ هڪ تبليغ جو مرڪز کوليائين، جنهن ۾ لنڊن جا رهاڪو، ڪيترا عرب ۽ ٻيا مسلمان سائنس شريڪ ڪار هئا. ان تحريڪ جو نالو "جميعت المسلمين" رکيو ويو هو. 1933ع ۾ قاضي صاحب برنارڊشا جي مشهور ڪتاب "ائڊوينچرس آف اي بلئڪ گرل ان سرچ آف گاڊ" جي نموني تي هڪ "ائڊوينچرس آف اي برائون گرل ان سرچ آف گاڊ" لکيو.

پاڪستان قائم ٿيڻ بعد حالتون سازگار نہ ڏسي انگلينڊ هليو ويو. هبڙي حساس دل ۽ محبت انسانيءَ ۾ سرشار ماڻهوءَ کي هندن، سکن ۽ مسلمانن طرفان هڪ ٻين جي خونريزين نهايت پريشان ڪري وڌو هو، جي ڳالهيون هن لاءِ ناقابلِ برداشت هُيون. پر پوءِ جڏهين حالتون ڪجهہ بهتر ٿيون، تہ ڪن

Gul Hayat Institute

دوستن طرفان زور پرڻ تي واپس موٽي آيو. ۽ اپريل 1951ع ۾ اچي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلريءَ جي چارج ورتائين. سنڌ يونيورسٽيءَ جي حيثيت ان وقت صرف امتحانن وٺڻ واري بورڊ جي هئي. ان کي قاضي صاحب محنت ڪري تعليمي يونيورسٽي بنايو. جتي پوسٽ گريجوئيٽ تعليم جو انتظام ڪيو ويو.

پاڪستان سان مارشل لا لاڳو ٿيڻ بعد جلد ئي ٻئي سال 1959ع جي مئي مهيني ۾ هن وائيس چانسلريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏني. ان کان پوءِ سمورو وقت حيدرآباد شهر ۾ ڪئنٽونمينٽ جي بنگلي نمبر 4 ۾ گوشہ نشين زندگي گذارڻ لڳو.

ننڍپڻ ۾ مائٽن سندس ٻہ شاديون ڪرايون هيون. پر ولايت وڃڻ کان اڳ انهن سان تعلق نہ رهيو هوس. 1910ع ۾ ايلسا قاضيءَ سان شادي ڪيائين، جنهن سان 1967ع تائين 57 سال گڏ گذاريائين.

مسز قاضيءَ 28- مئي 1967ع تي وفات ڪئي. اُن رفيقِ حيات جي صدمي سندس صحت تي گهڻو اثر ڪيو. هو دنيا ۾ پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو. باوجود عزيزن طرفان ساڻس گڏ گذارڻ جي آڇن جي، هن اڪيلي رهڻ ۾ لطف محسوس ڪيو. ڪيس حيات بعدالممات ۾ پڪو يقين هو. ٻڌڻ ۾ آيو ٿي تہ مسز قاضيءَ جي انتقال بعد مانيءَ جي ميز تي، مسز قاضيءَ جي ويهڻ واريءَ جاءِ تي، هميشہ وانگر طعام رکيو ويندو هو، ۽ هن جو بسترو هميشہ وانگر وڇايل رهندو هو. پاڻ 13- اپريل 1968ع تي شام جو سنڌو درياه ۾ ٽپو ڏيئي وڃي خدا سان مليو.

قاضي صاحب جي زندگيءَ ۾ اپريل ۽ مئي مهينا نهايت اهم رهيا هئا. پاڻ اپريل ۾ تولد ٿيا هئا. مسز قاضيءَ سان سندن شادي اپريل مهيني ۾ ٿي هئي. پاڻ اپريل مهيني ۾ وفات ڪيائون. مسز قاضيءَ مئي مهيني ۾ وفات ڪئي. سندن سنڌ ۽ انگلينڊ ۾ رهائش جو وقت پوريءَ طرح معلوم ٿي نہ سگهيو آهي، پر تخميني طور اهو هيٺئين موجب سمجهڻ ۾ اچي ٿو:

ولايت ۾ رهائش جو عرصو	سنڌ ۾ رهائش جو عرصو
1907ع کان 1911ع تائين	1911ع کان 1917ع تائين
1917ع کان 1919ع تائين	1919ع کان 1924ع تائين
1924ع کان 1927ع تائين	1927ع کان 1929ع تائين

Gul Hayat Institute

1929ع کان 1934ع تائين	1934ع کان 1935ع تائين
1935ع کان 1937ع تائين	1937ع کان 1947ع تائين
1947ع کان 1951ع تائين	1951ع کان آخر تائين.

سنڌ ۾ سندن رهائش جون جايون هي هيون-

(1) ٽنڊو محمد خان، فرسٽ ڪلاس سب جج جو بنگلو.

(2) حيدرآباد، ڪئنٽونمينٽ.

(3) خيرپورميرس، سيشن جج جو بنگلو.

(4) ڪراچي، وڪٽوريا روڊ هائوس نمبر 4.

(5) حيدرآباد ڪئنٽونمينٽ بنگلہ نمبر 4.

(6) ڪراچي، ميان علي محمد قاضيءَ جو بنگلو، برنو روڊ، ۽ پيستنجي هائوس، گارڊن ڪوارٽر.

(7) حيدرآباد ڪئنٽونمينٽ، هائوس نمبر 4.

سندن آخري مرقد سنڌ يونيورسٽي علامہ آءِ آءِ قاضي ڪئمپس ڄامشورو ۾ آهي.[1]

قاضي صاحب بابت 1929ع کان تي افواه ٻڌڻ ۾ ايندا هئا. انهن جي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ، باوجود گهري واقفيت جي، ڪڏهين بہ جريت نہ ٿي ۽ نہ مناسب سمجهيم تہ، سندس شخصي زندگيءَ متعلق پکڙيل افواهن بابت ڪائنس دريافت ڪريان. سندن آخري وفاتيءَ جي ڪارڻ بعد انهن جي اظهار ڪي غير مناسب نٿو ڄاڻان. انهن ڪي ڪيتري قدر وقعت ڏجي، ان بابت هرڪو پنهنجي راءِ قائم ڪري سگهي ٿو.

(1) اهو مشهور هو، تہ مسٽر قاضي ۽ مسز قاضيءَ جو تعلق رفيقِ حيات جو هو، نہ عام طرح زال مڙس وانگر.

(2) ڪن جو چوڻ هو تہ شاديءَ جي وقت کان وٺي هنن فيصلو ڪيو هو تہ اولاد پيدا نہ ڪندا، جو اُن جي پيدا ٿيڻ بعد محبت ورهائجي وڃي ٿي.

(3) هنن جو پاڻ ۾ وعدو هو تہ گڏجي رهندا ۽ گڏجي وفات ڪندا. جيڪڏهين هڪڙي اڳ ۾ وفات ڪئي، تہ ٻيو جلدي وڃي فوت ٿيل سان گڏجڻ

[1] سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو کي پهرين نيو ڪئمپس سڏيو ويندو هو. هاڻ علامہ آءِ آءِ قاضي ڪئمپس نالو ڏنو ويو آهي.

جي ڪوشش ڪندو، جن طريقن مان خودڪشي به هڪ طريقو هو. معلوم ائين ٿئي ٿو ته وفاتيءَ کان اڳ گهڻو وقت پاڻ انهيءَ مسئلي تي پئي سوچيو اٿن. چوڻ ۾ اچي ٿو ته ڪجهه وقت اڳ پاڻ قاضي فيض محمد نواب شاهه واري سان، جو سندس معتقدن مان هڪ آهي، ان مسئلي تي گفتگو ڪئي هئائون. ازانسواءِ وفاتيءَ کان ٿورو اڳ پروفيسر غلام مصطفيٰ خان صاحب، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وڏي عالم، صاحبِ فڪر ۽ تقويٰ، سان ٻڌڻ ۾ آيو ته ان مسئلي تي شريعتي نقطي نگاهه کان گفتگو ڪري، خودڪشيءَ جي خلاف ڪا قرآني يا شريعتي سندَ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين، جنهن بابت مٿيون بزرگ وقت اندر ڪا به تسليٰ بخش سند ڪيس پيش ڪري نه سگهيو. ٻيو ڪارڻ اهو به ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته مسز قاضي هڪ بيماريءَ ڪري هڪ مهينو ڪن "ڪوما" ۾ بيهوش ٿي ويل هئي. انهيءَ ساڳيءَ بيماريءَ جا آثار هن پاڻ ۾ ڏٺا هئا. خوف هوس ته جي هو گهڻي عرصي تائين بي هوشيءَ جي حالت ۾ رهيو، ته ڪيترن ماڻهن جي تڪليف جو باعث بڻبو.

سندن نتيجۂ فڪر جو مختصر لب لباب:

جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، ته قاضي صاحب، نفسيات، فلاسافي، تصوف، مذهب، اقتصاديات، تواريخ، علم الحيات، فزڪس، (علم طبيعات) ۽ قانون جي تعليم وٺڻ کان علاوه وسيع ڪتابن جي مطالعي جو مالڪ هو. نوڪريءَ ۾ يا اُن کان ٻاهر زندگيءَ جو گهڻو وقت مطالعي ۽ فڪر ۾ گذاريندو هو، ۽ رڳو ملاقاتن ۽ بين دنياوي مشغلن ۾ وقت صرف نه ڪندو هو. جنهنڪري هو راسخ العلم ۽ صاحب دلِ شخص جي درجي تي پهچي چڪو هو ۽ روحاني رازن مان گهڻي واقفيت حاصل ڪري ويو هو. خاص ڪري دنيا جي جملي مذهبن جي ڪافي معلومات حاصل ڪئي هئائين. ان ڪري زندگيءَ جي مختلف مسئلن بابت ڪي پختا نتيجا اخذ ڪري چڪو هو، جن جو اختصار منهنجي نظر ۾ هينئون ٿي سگهي ٿو—

(1) ڪائنات حادثي طور پيدا ٿيل نه هئي، پر هڪ منصوبي يا رٿا سان ۽ ڪن متصدن لاءِ وجود ۾ آيل هئي. ان سموريءَ ڪارگذاريءَ پويان ڪارساز جو هٿ ڪارفرما نظر ٿي آيس. ان ڪارساز جا ڪيئي تخيل، مختلف مذهبن ۽ فلسفن طرفان پيش ڪيل، سندس نظر مان گذريا هئا.

Gul Hayat Institute

بقول شاھ ڪريم:

ڪنز قدوري ڪافيا پڙهي پروڙئين سڀ،
تہ ڪر منديءَ ماڪوڙي ڪوھ ۾ پيئي ڪچي اُپ.

ان نتيجي تي پهتو هو تہ ان ڪارساز فطرت جو تخيل انساني فڪر ۽ فهم ۾ سمائجي سگهڻ کان متي هو. حافظ شيرازيءَ ساڳئي مسئلي تي فرمايو آهي:

در هر طرف کہ رفتم جز حيرتم نيفزود،
فرياد زين بيابان وز راه بي نهايت.

(2) هن ڪي فڪر ڪرڻ بعد، فلسفي وحدت الوجود ۾ ڪائناتي عقده جي سلجهائڻ جي صلاحيت ۽ هر مسئلي جي ڪنجي ڏسڻ ۾ آئي هئي.

(3) هن ڪي تاريخ مذاهب جي پڙهڻ بعد هيءَ ڳالھ ذهن نشين تي ويئي هئي تہ ابتدائي آفرينش کان انسانذات جي مختلف قبيلن ۽ قومن ۾، جدا جدا ملڪن جي ماحول ۽ سندن ارتقائي حالات ۽ تقاضائن مطابق، ڪي عقيدا، رسمون ۽ رواج، عبادتن جا طريقا ۽ دستور مروج تي ويل هئا— جن مذهبن جي تاجي پيٽي جو ڪم ڏنو تي. موجوده عالمگير مذاهب انهيءَ مواد جي بنياد تي نون اضافن سان نهيا هئا. اهي سڀ قانون فطرت موجب مختلف دورن جي ذهني ارتقاءَ، ضروريات زندگي ۽ سماجي تقاضائن مطابق هڪ ئي سلسلۂ قانون جون ڪڙيون ۽ مدارج هئا. انهن جي ظاهري ڪثرت پويان بنيادي وحدت سمايل هئي. اسلام انهيءَ حقيقت جي اظهار ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

(4) سندن نظر ۾ ان بنيادي وحدت جا مکيہ اجزا: (1) تسلسل حيات، (2) وحدت انساني، (3) امن عالم ۽ (4) ارتقائي اشيا هئا.

(5) اسلام ۽ دين فطرت هڪ ئي ڳالھ هئا. فطرت قانونِ ارتقاءِ هئي. ارتقاءِ جي ڪنجي محبت ۾ مضمر هئي.

عشق سارو اسلام. مذهب محبت عين مبارڪ.
(مصري شاھ)

محبت ڪثرت کان ڪيي وحدت طرف ڇڪيندڙ هئي. اتحاد انساني انهيءَ وسيلي حاصل ٿيڻو هو. اتحاد مان امن پيدا ٿيڻ وارو هو. امن عالم انساني ترقيءَ لاءِ نهايت ضرورت هو. انهن بنيادي ڳالهين کي مدِنظر رکندي، هڪ صالح

۽ راسخ العلم ماڻهن جو گروه پيدا ٿيڻ وارو هو. جن کي مٿي ذڪر ڪيل مقاصد جي تڪميل لاءِ ڪم ڪرڻو هو. انهيءَ واسطي اعتقاد ۽ عمل جي يڪساني ضروري هئي. تنهنڪري مذهبن جي پوئلڳن جي موجوده ورهاست مصنوعي ۽ غير فطري هئي. هر صالح ۽ راسخ العلم ماڻهو ان دين فطرت جو پيروڪار هو. ۽ هر غير صالح، جاهل، نفرت ۽ نفاق رکندڙ ماڻهو ان دائري کان خارج هو.

(6) سرزمينِ سنڌ جي رهاڪن کي تاريخي روايات، جاگرافيائي حالات ۽ طبعي ميلان ڪريَ اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقيءَ بني آدم جي لاءِ خاص مشن سپرد ٿيل هئي، جنهن لاءِ هتان ئي صحيح تربيت ۽ تعليم ڏيئي، مخلص ڪارڪنن جو گروه پيدا ڪري، دنيا کي اهو پيغام پهچائڻو هو.

(7) اسلام (دين فطرت) ڪنهن بہ خوف ۽ خطري کان محفوظ هو. اهو روز بروز ارتقاءِ پذير هو. ان کي خطري پهچڻ جو تصور غير اسلامي هو.

انهن مقصدن جي حصول لاءِ سن ۾ سنڌس رهبري ۽ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي شراڪت سان هڪ مرڪز بنائڻ جي تجويز مرتب ٿيل هئي، جا مختلف سببن ڪري پايہ تڪميل تي پهچي نہ سگهي.

(3) سنڌن ڪارڪردگي ۽ عملي زندگي

قاضي صاحب جيتوڻيڪ ظاهري طرح گوشہ نشين، ڪم سخن، سياسي ۽ سماجي سر گرمين کان دور پيئي نظر آيو، پر سنڌس نتيجۂ فڪر سنڌ جي مخلص ۽ سمجهدار ماڻهن ۾ روح ڦوڪي، خدمت خلق لاءِ تيار ڪيو هو. جن مان مسٽر الهہ بخش بروهي، قاضي فيض محمد ۽ ٻيا نوجوان ۽ شاگردن جو هڪ گروه ۽ هي بندو فيضياب ٿيا. هن نہ صرف هتي، پر خود انگلينڊ ۾ جتي ان وقت بين الاقوامي مرڪز هو، هڪ خاص مقام پيدا ڪري مٿي ذڪر ڪيل خيالن جو پرچار شروع ڪيو هو. هو گذريل دور جي درويشن وانگر، ان راءِ جو هو تہ انهن روحاني رمزن ۽ دقيق علمي مسئلن جي سمجهڻ ۽ مشتهر ڪرڻ لاءِ چند اهڙن ڪارڪنن جو گروه پيدا ڪيو وڃي، جي تزڪيہ نفس، حميدہ اخلاق، صحيح تعليم ۽ تربيت سان آراستہ هجن.

ان مشن جي سر انجاميءَ لاءِ پاڻ ڪاليجن، ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ، علمي مجلسن، جمعي نماز جي خطبن، يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي هفتي ۾ هڪ دفعو سمجهائڻ، اهل علم ۽ خاص مصاحبن جي خانگي ملاقاتن ۾ رهبري

Gul Hayat Institute

ڪرڻ ۾ ساري زندگي صرف ڪئي. اهو سارو ڪم بغير ڪنهن مشتهريءَ ۽ نمائش جي ڪندو رهيو.

سنڌ جي سياست، سماجي ڪمن، ڪلچر ۽ صحيح مذهبي اصلاح جي رهبريءَ ۾ هن جو مخفي هٿ هوندو هو. ان لاءِ هن مختلف طريقن سان ڪم ڪيو. ڪتاب لکڻ، ليڪچر ڏيڻ، جمعي نماز بعد خطبا پڙهڻ، اهلِ علم ۽ جوياءِ حق ڪي شخصي ملاقاتن ذريعي هدايت ڪرڻ سندس زندگيءَ جا ناقابل فراموش ڪارناما آهن.

هڪ وقت پاڻ فيصلو ڪيائون تہ، قديم درويشن وانگر خانقاہ يا آشرم بنائي، اتي مخلص ڪارڪنن ڪي مٿي ذڪر ڪيل مشن جي سرانجاميءَ لاءِ تربيت ڏني وڃي. مون سياست ڇڏي ان معاملي ۾ سندس خدمت ۾ رهي ڪم ڪرڻ جو وعدو ڪيو. سن جي شهر ۾ منهنجي درياہ جي ڪناري واري بنگلي ۾ متعلقہ جاين ۾ اهڙي مرڪز ناهڻ جو فيصلو ٿيو. مون پنهنجا معمولي وسائل ان ڪم لاءِ وقف ڪرڻ جو انجام ڏنو. اهو احوال سندس خطن مان معلوم ٿي سگهي ٿو. مولوي عبيدالله سنڌيءَ جي شرڪت ۽ ڊاڪٽر محمد اشرف سان ان معاملي ۾ ڪيل گفتگو يا خط و ڪتابت ان سلسلي جون ڪڙيون آهن.

اها اسڪيم هيٺين مشڪلاتن سبب پايہءِ تڪميل تي پهچي نہ سگهي.

(1) مسلم سوسائٽيءَ ۾ تعليم يافتہ ۽ هوندوارن ماڻهن مان هڪ گروہ زندگي وقف ڪري، آشرم جي باضابطہ تربيت حاصل ڪرڻ بعد خدمت خلق لاءِ تيار ٿي ڪم ڪري. ان جو امڪان ڏسڻ ۾ نہ آيس. هو پنهنجن ڏنڌن، نوڪرين ۽ شخصي فرضن ۾ اهڙا ڦاٿا پيا هئا، جو زندگي وقف ڪري اهڙي مشن لاءِ ڪم ڪرڻ واسطي هوءَ تيار نہ ٿي ڏنا.

(2) مسز قاضي، باوجود ان تجويز ڪي قبولڻ جي، قاضي صاحب جي راءِ مطابق ڳوناٺي ۽ آشرم جهڙي رهبانيت واريءَ زندگيءَ جو بار ڪٺي سگهڻ جو اهل نہ هئي، ۽ هوءَ ڪيس ڇڏي بہ نٿي سگهي.

پاڻ مضمونن ۽ ليڪچرن کان علاوہ هيٺيان ڪتاب تصنيف ڪيائون:

(1) برائون گرل ان سرچ فار گاڊ (انگريزيءَ ۾)[1]

Gul Hayat Institute

[1] ان جو سنڌي ترجمو، سنڌي ادبي بورڊ 1986ع ۾ شايع ڪيو.

(2) شاه عبداللطيف جو رسالو نئينءَ ترتيب سان تيار ڪيائون.[2]

(3) شاه لطيف جي رسالي تي هڪ انگريزي پمفليٽ سندس آرٽ جي تعارف تي لکيائون.[1]

(4) شاه لطيف جي رسالي جي چوند اشعار جو مسز قاضيءَ ذريعي انگريزيءَ ۾ منظوم ڪتاب تيار ڪيائون.

(5) سندس انگريزي مضمونن جو مجموعو، بروهي صاحب جي تعارف سان، ”ڪيوئل پيپس ائٽ صوفيا“ جي نالي سان شايع ٿيو.[2]

(6) مسز قاضيءَ جو لکيل ناول، ”اولڊ انگلش گارڊن سئفوفي“ بروهي صاحب جي مدد سان شايع ٿيو، جنهن ۾ حق، حسن ۽ خير جي هڪ متلاشي ڪردار جي تربيت ۽ عمل جو نقش چٽيل آهي.

(7) مسز قاضيءَ جا ٻه شعر جا مجموعا، ۽ سندس هڪ ”ارتقاءِ انساني تي لکيل ڪتاب جي نالي سان شايع ٿيا.

(8) قاضي صاحب ۽ مسز قاضيءَ پنهنجن مضمونن ۽ مقالن جا ڪيترائي مخطوطا ڇڏيا آهن.

ازانسواءِ سنڌ يونيورسٽي ڪاميٽي (جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسڪيم تيار ڪئي) ڪي ميمبر طور مفيد مشورن سان مستفيد ڪيائون. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ مذهبي تعليم کي لازمي طور رائج ڪرڻ لاءِ، مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ تي چيئرمن ٿي ڪم ڪيائون، جنهن رپورٽ ڏني تہ اُن مان فائدي جي عيوض نقصان زياده ٿيندو. سنڌي لٽرري بورڊ، جو پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو، ان جي هڪ اوائلي ميمبر طور ڪم ڪيائون. ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جا 1951ع کان 1959ع تائين وائيس چانسلر ٿي رهيا.

(4) سائٽن نياز منديءَ جو مختصر احوال

جيتوڻيڪ مون ننڍي هوندي کان سندس نالو ٻڌو هو، ليڪن سائٽن پوريءَ طرح واقفيت سال 1929ع جي اوائلي مهينن کان ٿي، سندن صحبت فيض اثر

---

[2] اهو رسالو 1961ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو.

[1] اهو تعارف بعد ۾ “Shah Abdul Latif: An Introduction to his Art” نالي ڏار ڪتاب طور متعارف ٿيو.

[2] هيءَ ڪتاب پهريون ڀيرو 1967ع ۾ شايع ٿيو جنهن جو 1995ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران سنڌي ترجمو پڻ شايع ڪيو ويو آهي.

Gul Hayat Institute

هيث، پنهنجي مٿي ذڪر ڪيل مذهب جي دائري ۾ پيدا ٿيل علمي شڪن شبهن مان گهٽڻ جي تسليٰ ٿي.

ڪو وقت هو، جو مون ڪين سن ۾ مهاتما گانڌيءَ جي سابرمتي آشرم جي نموني تي خانقاه بنائڻ لاءِ آماده ڪيو هو، ليڪن مٿي ڄاڻايل سببن ڪري اها تجويز برثواب ٿي نہ سگهي. منهنجي لاءِ سندن محبت ۽ دعائن جو اظهار سندن خطن مان ظاهر ٿئي ٿو. آءٌ پاڻ کي نهايت خوش قسمت سمجهان ٿو، جو هن علامہ دهر، صاحب دل ۽ صاحب نظر بزرگ جي راءِ منهنجي لاءِ اهڙي بني، جن جو ذڪر سندن خطن ۾ ڪيل آهي.

آنانڪہ خاڪ را بنظر ڪيما ڪنند،
آيا بود ڪہ گوشہ چشمي بما ڪنند.

در حقيقت هن زماني ۾ جڏهين مذهب جا بنيادي عقائد ۽ مقاصد ميٽريلزم جي نظريي سان ٽڪرجي، آخري طور غلط يا صحيح هجڻ جي حد تائين زير بحث آهن، تنهن وقت ۾ قاضي صاحب جهڙن بزرگن جو وجود، مذهب جي وجود ۽ تشريح لاءِ نهايت ضروري هو. ليڪن حڪمران طبقي طرفان اسلام جي فسطائي تشريح کي فروغ ڏيڻ ۽ ملن جي باهمي فرقيوارانہ اختلاف ۽ دقيانوسي خيالات ايڏو هنگامو ڪڙو ڪيو هو، جو اهڙن بزرگان حق جو آواز نقاره خاني ۾ طوطي جي آواز برابر وڃي رهيو هو. ان رد عمل ڪري نوجوانن جو ڪثير تعداد مذهب جي رسمي تشريح کان بيزار ٿيندو وڃي.

قاضي صاحب گوشہ نشين، بلند اخلاق، صاحب استغنا، نازڪ مزاج، اعليٰ مفڪر ۽ وسيع معلومات جو خزانو هو. سندس وجود سنڌ لاءِ باعث فخر هو. سندس حساس دل ۽ بلند خياليءَ ساڻن بقول شاعر— "اي روشنيءَ طبع برمن بلا شدي." وارو حال ڪيو.

ارمان اهو اٿم تہ سندس آخري دفعي ولايت مان واپس اچي سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ٿيڻ بعد، سندس صحبت مان گهڻو فائدو حاصل ڪري نہ سگهيس— جو تہ پاڻ حيدرآباد ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪم ۾ مشغول هئا ۽ منهنجو گهڻو وقت سن ۽ ڪراچيءَ ۾ ٿي گذريو ۽ بيو سنڌ اسيمبليءَ ۽ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي ڪاروبار، سنڌ جي ون يونٽ ۾ داخلا خلاف جدو جهد، جيلن ۾ رهڻ، ولايت ۾ چار پيرا وڃڻ، 1958ع کان اڃ

Gul Hayat Institute

تائين گهڻو عرصو نظر بند رهڻ ڪري، سندن خدمت ۾ وقت بوقت حاضر نٿي ٿي سگهيس. ليڪن سندن آخري خط ۾ ان وقت ڪيل ملاقات مان پتو پوندو تہ منهنجي عقيدت ۾ سندس صحبت ۾ باوجود گهٽ ملڻ جي بہ گهٽتائي ڪانہ آئي هئي. مون کي يقين آهي تہ هن وقت بہ سندس دعائن جي سهاري هلي رهيو آهيان.

مسز ايلسا قاضي:

سندس ڄمر جي تاريخ، والد ۽ والده جو نالو، تعليم، خانداني احوال، باوجود قريب رهڻ جي، ادب ۽ احترام جي ممانعت سبب حاصل ڪري نہ سگهيس. صرف ايترو معلوم ٿيو تہ هوءَ جرمن نسل مان هئي، جن پوءِ انگلنڊ ۾ اچي سڪونت اختيار ڪئي هئي. 1910ع ۾ سندن قاضي صاحب سان ملاقات ٿي، ان کان پوءِ سندس رفيق ٿي رهندي آئي.

هوءَ بهترين مصوره، شاعره ۽ اديبہ هئي. سندس لکيل ڪتابن جا نالا مٿي قاضي صاحب جي احوال ۾ ڏيئي آيو آهيان. اڪثر دنيا جي اعليٰ پايي جا اديب ۽ عالم، رفيق حيات جي سلسلي ۾ قاضي صاحب جهڙا خوش نصيب نہ هئا- مثلاً علامہ ليوٽالسٽاءِ جي رفيق حيات جي، مسز قاضيءَ سان ڀيٽ ڪجي، تہ زمين آسمان جو تفاوت معلوم ٿيندو.

مسز قاضيءَ جي زير تربيت ڪيترن سنڌ جي شاگردن کي رهڻ جو موقعو مليو. جن مان هڪ خوش نصيب منهنجو فرزند امير حيدر بہ آهي. هوءَ اعليٰ منتظم ۽ وڏي فهم و فراست جي مالڪ عورت هئي.

آخري عمر ۾ ڪجهہ وقت بي چاڪ رهڻ بعد 28 مئي 1967ع تي حيدرآباد شهر ۾ وفات ڪيائين. اول ۾ ڪيس قاضي صاحب جي مائٽاڻي قبرستان ۾ مدفون ڪيو ويو. ليڪن قاضي صاحب جي انتقال بعد ڪيس سنڌ يونيورسٽي ڪئمپس ۾ قاضي صاحب جي پير ۾ رکيو ويو. مون کي ٻنهي جي ملاقاتن جو موقعو نصيب ٿيو ۽ انهن مان جو فائدو حاصل ٿيو، ان جو اظهار صرف شاهہ عبداللطيف جي هيٺئين بيت ذريعي ئي ٿي سگهي ٿو -

مُون سي ڏِٺا ماءِ، جَنهين ڏٺو پرينءَ کي،
اُنهين سندي ڪاءِ، ڪري نہ سگهان ڳالهڙي. (شاهہ)

Gul Hayat Institute

فصل ٻيو

قاضي صاحب جا خط

(1945 - 1929)

(1)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

4 - وڪٽوريا روڊ، ڪراچي

5 - سيپٽمبر، 1929ع

منهنجا پيارا سيد صاحب،

مون کي اميد آهي تہ سيڪريٽري ڪاليج ائسوسئيشن توکي اڄ ۾ دعوت نامو موڪليو هوندو. تنهن هوندي بہ مون تنهنجي لاءِ هڪ ڪارڊ پاڻ وٽ ونئي رکي ڇڏيو آهي.

اسان سڀ ڪاليج ۾ گڏجي هلنداسون، پر جيئن تہ مسز قاضيءَ کي صدارت ڪرڻي آهي انڪري اسان کي پوري وقت تي اتي پهچڻ گهرجي.

جيڪڏهن تون مهرباني ڪري 6-30 بجي شام جو اچين، تہ اسان هتان پوري وقت تي نڪري، مجلس ۾ شرڪت ڪري سگهون ٿا. مون کي اميد آهي تہ توکي اهو وقت موزون لڳندو.

سياڻي ڇهين سيپٽمبر 6:30 بجي اسان تنهنجو انتظار ڪنداسون.

اسان ٻنهي جا پيار رسن.

— تنهنجو مخلص،

آئي. آئي قاضي

Gul Hayat Institute

[اُن وقت ضلعي لوڪل بورڊ ڪراچيءَ جي پريزيڊنٽ هئڻ ڪري گهڻو وقت ڪراچيءَ ۾ رهندو هوس. ممڪن آهي ته هن خط کان به اڳ ڪي خط لکيا هجنس، جي محفوظ تي نه سگهيا هجن. پر سانديل خطن مان هي پهريون خط آهي.

هي خط ڏي جي سنڌ ڪاليج ۾ ڪلچرل شو تي هلڻ لاءِ لکيل هو. ان مان هينيون ڳالهيون ثابت ٿين ٿيون -

1 - قاضي صاحب انهيءَ وقت ذاري مون سان ڪافي بي حجاب ۽ شفيق بنجي چڪا هئا، ورنه جيڪي سنڌن محبوب طبيعت کان واقف آهن، تن کي پتو آهي ته هو سواءِ قريبي تعلق واري ماڻهوءَ جي ڪنهن کي اهڙو خط لکي نٿي سگهيو.

2 - ان وقت سياست مون تي غالب هئي، ان کان مون کي ٻاهر ڪڍي، ڪلچر جي ميدان ۾ آڻڻ ۽ علمي ذوق ڏيارڻ لاءِ سنڌن توجهه جو هن خط ۾ ثبوت ملي ٿو.

(2)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي،
7 - آڪٽوبر 1929ع

منهنجا پيارا شاهه،

جنهن وقت تون مون وٽان روانو ٿي وئين، مون بروقت پرائمر (آف پالٽيڪس) لاءِ لکيو. جو اميد ته سڌو توکي پهچندو. جڏهين ڪتاب توکي رسندو ان وقت آءُ لاڙڪاڻي هو ن.

Gul Hayat Institute

منهنجي مرضي آهي ته ان ڪتاب کي ٻه ٽي دفعا پڙهج. ان ڪانپوءِ جڏهين مون سان ملڻ اچين، ته ڪتاب ساڻ آڻج. پوءِ توکي ان تي وڌيڪ سمجهاڻي ڏيندس.

سنڌ جي مسلمانن جي موجوده ناگفته حالت تي گذريل منجهني ٻن ڪان جڏهين ٻه غور پئي ڪيو اٿم، ته نهايت ارمان پئي ٿيو اٿم. ڪين سڌارڻ ۽ منظم ڪرڻ لاءِ رٿن پويان رٿون سوچي پئي بدلايون اٿم.

آخري تجويز جنهن بابت مون توسان گفتگو ڪئي هئي. سا به وڌيڪ غور ڪرڻ بعد تسلي بخش معلوم نه ٿيم. ان ڪي وقتي ضرورتن پٽاندر هرويرو

پوريءَ طرح صحيح هئڻ طور نہ پر عارضي طور پيش ڪيو هوم. وڌيڪ غور ڪرڻ ڪان پوءِ ان جي صلاحيت ۾ مون کي شڪ آهي. مهرباني ڪري سارو ڏينهن نويڪلائيءَ ۾ ان تي غور ڪرڻ بعد مون کي ان تجويز جي نفعن ۽ نقصانن بابت پنهنجي آخرين راءِ موڪل. جيترو جلد تون پنهنجي غور فڪر بعد مون کي اطلاع ڏيندين، اوترو جلد آءٌ ان بابت فيصلو ڪندس ان بابت صرف تنهنجو رايو معلوم ڪرڻ گهران ٿو- منهنجي خيال ۾ پوءِ ان تي عمل ڪرڻ ۾ تڪليف ڪانہ ٿيندي.

منهنجي خيال ۾ آفيسرن کي بہ اها تجويز قبول پوندي. آءٌ فرقيوارانہ سيني ڳالهين کي نفرت جي نگاه سان ڏسان ٿو. جڏهين آءٌ مجبور ٿي، ڏکويل دل سان اهڙي قسم جي ڳالهہ ڪريان ٿو، جنهن ۾ فرقيوارنہ بوءِ اچي ٿي، تہ ان مان خوشي محسوس نہ ٿيندي اٿم. پر حالات جي تقاضا مطابق توکي مسلمانن جي حالت درست ڪرڻ لاءِ قدم کڻڻ ۾ سبقت ڪرڻ گهرجي. جيستائين تون مسلمانن کي سندن حالت سڌارڻ لاءِ مدد نہ ڪندين، ممڪن آهي هو مصيبتن پنيان مصيبتون سهي ختم ٿي وڃن. ڇا اها ڳالهہ صحيح نہ آهي؟

تو "سنڌ هيرالڊ" جي 5 آڪٽوبر 1929ع جو پهريون صفحو پڙهيو هوندو. آرتوار وارو پرچو. تو ان ۾ جذباتي ۽ سڌريل مسلمان ڪارڪن بابت رمارڪ پڙهيا آهن؟ هن جو لکندڙ ايڊيٽر تہ مسلمانن جو گهڻي ۾ گهڻو هندو دوست آهي، پر سندس ذڪر ڪيل رمارڪن مان مسلمانن لاءِ سندس حقارت جو پتو پوي ٿو. مضمون جي آخر ۾ هو ڪن ڪارڪنن بابت دوستانہ راءِ جو اظهار ڪري، انهن سان همدرديءَ جو اظهار ڪري ٿو. اهو رويو پنتي پيل مسلم فرقي کي منظم ڪرڻ لاءِ نيڪ نہ آهي. هندو دوستن کي مسلمان ڪارڪنن جي عيبن کي درگذر ڪندي انهن جي مدد ڪرڻ گهرجي. ٻئي طرف مسلمانن کي يا تہ موجوده حقارت آميز حالت ۾ رهڻو آهي، يا همت ۽ ترقي ڪري پنهنجي شخصيت پيدا ڪرڻي پوندي- جيئن برابريءَ جي حيثيت ۾ گڏجي ڪم ڪري سگهن. معاملو صاف پيو آهي. ان تي غور ڪري منهنجي اپر سنڌ ڏي وڃڻ کان اڳ اطلاع ڏي، سو ان تجويز کي آخرين طرح فيصلي ڪرڻ کان اڳ واشگاف نہ ڪرڻ گهرجي.

پيار بعد، تنهنجو دعاگو،

امداد قاضي

Gul Hayat Institute

[مون کي ڊائريءَ ۾ بين متعلق ڪاغذن ڏسڻ بعد بہ پوريءَ طرح معلوم نہ ٿي سگھيو آهي تہ هن خط لکڻ لاءِ محرڪ جذبو ڪهڙو هو. بهرحال هيٺيان سوال ان وقت مسلم ورڪرن جي زير غور هئا.

(1) 6 سيپٽمبر، 1929ع تي جڏهين قاضي صاحب سان گڏ ڊي. جي. ڪاليج ۾ وياسون، اتي ناٽڪ جو سمورو ڏمو هندو ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کنيو هو. تنهن ڪري انهن جي پروفيسرن دعوت نامن ۾ مسلمان شاگردن مان گهڻن کي ڪونہ گهرايو هو. ان تي ڪن مسلمان ڇوڪرن بنا دعوت جي رئيس شهمير خان ڪاڇيءَ جي ليڊريءَ هيٺ، زوريءَ اندر گهڙي، ناٽڪ ڏسڻ گهريو. هڪ پروفيسر انهن کي روڪيو، ان تي شهمير خان ان کي چماٽ هڻي ڪڍي. ان تي پرنسپال ٻنائيءَ هن کي رسٽيڪيٽ ڪيو. اسان مان گهڻن ڪيس منٿون ڪيون، پر ان وقت تائين پرنسپال صاحب هڪ نہ مڃي، ان ڪري مسلمان شاگردن ۾ رنجش هئي.

(2) سنڌ سينٽرل ڪوآپريٽو بئنڪ، آبادگارن جي مفاد لاءِ ڪولائي ويئي هئي، پر ان تي ڊئريڪٽرن جي اڪثريت، واپاري طبقي جي هئڻ ڪري ان جو فائدو انهن کي پهتو ٿي. خانبهادر عظيم خان، ڊپوٽي رجسٽرار، نئين بورڊ ۾ مون کي، حاتم علويءَ ۽ ڪن بين مسلم ڪارڪنن کي آڻي، پاليسي بدلائڻ ٿي گهري، ان بہ هندن جي هڪ گروه ۾ بي چيني پيدا ڪئي هئي.

(3) بمبئي ڪائونسل ۾ چونڊجي ويل سنڌي مسلمان ميمبرن، شخصي غرضن حاصل ڪرڻ لاءِ، سرڪار سان تعاون ڪري، سائيمن ڪميشن سان ساٿ ڏيڻ قبول ڪيو هو. ازانسواءِ ٻيا ڪيترا سوال هئا. جهڙوڪ سنڌ جي جدائيءَ وغيره جا مسئلا، جي پڻ زير ويچار هئا. مسلمانن جي مخلص ڪارڪنن ۾ ان ڪري مسلمانن جي تنظيم ۽ بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ جذبو پيدا ٿيل هو، ان ڪري خانبهادر کهڙي سنڌ محمدن ائسوسيئيشن ۾ نئين روح ڦوڪڻ لاءِ تجويز سوچي هئي.

(4) ان سال جي پهرين جنوريءَ تي مون ڪراچي ضلعي ۾ "ڳوٺ سڌارڪ تحريڪ" شروع ڪري. ڳوٺاڻن جي زندگيءَ کي هر معاملي ۾ سڌارڻ لاءِ مختلف قومي ڪارڪنن کي خط لکي، 9 فيبروري 1929ع تي مسٽر جمشيد نسروانجيءَ جي صدارت هيٺ هڪ ڪانفرنس پنهنجي بنگلي (گارڊن ڪوارٽر)

Gul Hayat Institute

۾ سڏائي ۽ پروگرام رٿي هڪ جماعت ”رورل ريڪنسٽرڪشن“ جي نالي سان ٺاهي هئي، جنهن کي قاضي صاحب نهايت پسند فرمايو هو.

(5) ان کان اڳئين سال ۽ ان سال جي اوائل ۾ شاه حيدر عليہ الرحمت جي ميلي جي موقعي تي، مون سنڌ جي مڪيہ قومي ڪارڪنن جي ڪانفرنس سڏائي هئي، جنهن ۾ مسلمانن جي تنظيم، تعليم ۽ ڪلچر جي واڌاري لاءِ تجويزون سوچيون ويون هيون. ان بہ قاضي صاحب تي اثر ڪيو هو.

قاضي صاحب جيتوڻيڪ گوشہ نشين زندگي گذاريندو هو، ليڪن ملڪ ۽ مسلمانن جي هر مسئلي سان دلچسپي رکندو هو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ مٿين سڀني ڳالهين کان متاثر ٿي، هن مسلمانن جي تنظيم ۽ تعليم لاءِ ڪا تجويز سوچي، مون کي ٻڌائي هئي. ليڪن ان جي پوريءَ ريت درست هجڻ ۾ ڪيس پورو يقين نٿي ويٺو. ان ڪري هي خط لکيو هئائين.]

(3)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد، ڪئنٽونمينٽ نمبر 4

17 ڊسمبر، 1929ع

پيارا شاه،

توکي پتو آهي تہ تو منهنجي اڳوڻي خط جو جواب قريباً مهيني کان نہ ڏنو آهي. اسان تنهنجي ملڪ ۽ قوم جي خدمات جو احوال پڙهي، خوش ٿيون ٿا ۽ فخر ٿا محسوس ڪريون.

تو ملڪ جي بهتريءَ جا جي ڪم هٿ ۾ ڪنيا آهن، خدا شل توکي انهن جي سرانجام ڪرڻ جي توفيق ڏئي ۽ مدد ڪري. پر انهن ڪمن ۾ ڦاسي پوڻ ڪري اسان اهو نٿا گهرون تہ تنهنجي اسان لاءِ پيار ۽ محبت ۾ ڪوتاهي ٿئي. اسان کي حسد ٿو ٿئي. خط لکي پنهنجي خوش خير و عافيت کان واقف ڪندو رهہ.

مون ڏي پلي سنڌيءَ ۾ خط پنهنجي هٿن سان لکندو ڪر. حاتم علويءَ مون ڏي بہ خط لکيا آهن. توکان هڪ بہ نہ مليو آهي. توکي خبر آهي تہ آءٌ توکي ڪيترو پيار ڪريان ٿو. هاڻ جلدي خط جو جواب ڏي.

Gul Hayat Institute

تنهنجو ياءُ، امداد.

[مون كيس خط لکي اطلاع ڏنو تہ جواب ۾ دير ٿيڻ جو كارڻ سماجي كم كاريون ۽ ٻيون مشغوليون نہ هيون، پر منهنجي ڀڇي عالم خاتون، جنهن مون کي نپايو هو، ان جي كجهہ وقت تائين بيماري ۽ آخر ۾ 8 نومبر 1929ع تي انتقال هو، ۽ سندس لاءِ منهنجي محبت ۽ عقيدت ۾ كابہ گهٽتائي نہ آيل هئي.]

(4)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد، كئنٽونمينٽ نمبر 4

26 ڊسمبر، 1929ع

منهنجا پيارا شاه،

تنهنجي پيار ڀرئي خط لاءِ شڪريو. مون کي اهو معلوم كري نهايت ارمان ٿيو آهي. تہ تون بہ دکن ۾ اچي ويو آهين - جيكو ٻين جي دکن دور كرڻ ۾ مشغول رهي ٿو.

كل من عليها فانٍ ويبقيٰ وجهہ ربك ذوالجلال والاكرام ٥

باوجود ان جي جيسين ماڻهو زنده آهي، پيارن جو وڇوڙو نهايت دردناك ٿئي ٿو. خدا مرحومہ تي رحمت كري، ۽ توكي تسكين قلب عطا فرمائي.

آءُ هتان جي آس پاس جي ڳوٺن ۾ ويندو رهان ٿو. ماڻهن جي پريشان حالي، جنهن جو كارڻ غربت ۽ جهالت آهي، [مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ] ناقابل برداشت آهي. جيكڏهين شاهوكارن کي [انهن جي حال كان غافل رهي،] خدا جي غضب لاءِ ترسڻو آهي تہ كم از كم غريبن کي پنهنجي مدد پاڻ كرڻ لاءِ تيار كرڻ گهرجي.

مون کهڙي کي لکيو آهي تہ كنهن وقت مون سان ملي، تہ اسان اهڙو كو رستو ڳولي لهون. جنهنكري كم از كم غريبن مان جهالت كي دور كري سگهجي. جيكڏهن ٻيا شاهوكار ان طرف ڌيان نٿا ڏين، تہ ٿورا بہ كافي ٿيندا. غريب ڇوكريون پردي ۾ نہ آهن، انهن جي تعليم لاءِ بہ انتظام

ڪرڻ ضروري آهي. جڏهين ڪهڙي ڪان جواب ايندو، تہ توکي خط لکي اطلاع ڏيندس. پوءِ اِچج. غريب ميران محمد شاهہ هتي گهڻن ئي ذنذن ۾ مشغول آهي، پر مون کي منجهس ڪافي اميد آهي تہ هي بہ دل سان تعاون ڪندو.

سنڌ جي مسلمانن جي حالت روز بروز تباهہ ٿيندي وڃي. اهڙين حالتن هيٺ، ايندڙ ويهن سالن اندر، نتيجو مڪمل تباهيءَ جي صورت ۾ نڪري سگهي ٿو-

دائمي برحِال ماو بر احوال ما!

اسان خدا جو ڏڙڪو پوريءَ طرح وساري ڇڏيو آهي-

"فبعہ اللقومٍ الظالمين"

اسان سمجهون پيا تہ صرف مسلمان سڏائڻ ڪري سچ پچ مسلمان ٿي پئون ٿا.

فر بهي چيزي ديگر و آماس چيزي ديگرست

ٻڌاءِ تہ ڪهڙيءَ طرح هنن نالي ماتر مسلمانن کي سجاڳ ڪجي؟ هي نالي ۾ مسلمان آهن، پر خواب غفلت ۾ ستل ۽ پاڻ وساريل آهن. نتا ڏسن تہ صور اسرافيل پنتي پيل [قومن ۽ ماڻهن] کي خاڪ ۾ ملائڻ لاءِ تيار ٿيو بيٺو آهي.

چي: خس ڪم جهان پاڪ.

"فاعتبروا يا اولي الابصار."

پيارا ڀاءُ، خدا اسان جو مددگار ٿئي! نہ تہ نااُميدي سنڌي مسلمانن جي منهن ۾ بکي رهي آهي. خدا توکي بيدار ڪيو آهي ۽ حساس دل ڏني آهي. شل خدا اسان سڀني کي اهڙي دل عطا ڪري!

وڌيڪ آءٌ ٻئي دفعي لکندس.

مسز قاضي ۽ منهنجي طرفان سلام ۽ دعائون رسن.

امداد.

نوٽ - [هي خط منهنجي خط جي جواب ۾ هو. ڪهڙو ۽ ميران محمد شاهہ اسڪول بورڊ جا چيئرمن هئا. آءٌ ضلعي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جو پريزيڊنٽ هوس. قاضي صاحب اسان جي ذريعي عام تعليم کي وڌائڻ تي گهريو.]

Gul Hayat Institute

(5)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد

12- فيبروري، 1930ع

پيارا شاه صاحب،

اسان تنهنجي سرگرمين جو احوال گهريءَ دلچسپيءَ سان پڙهندا رهون ٿا. ازانسواءِ تنهنجا بهترين مضمون پرڪاش اخبار ۾ بہ پڙهيا اٿئون— ”جزاڪ الله خيراً“

خدا تنهنجو انهيءَ پروگرام جي ڪاميابيءَ لاءِ مددگار ٿيندو. تون سندس ڪم ڪري رهيو آهين. تنهنجي مخالفن جو تعداد بہ ٿورو نہ آهي. انهن کي خدا راه هدايت بخشي پر انهن لاءِ خدا جو لقب — ”خيرالماڪرين“. ڪم ڏيندو.

دشمن چہ کند، چہ مهربان باشد دوست!

خدا شل توتي برڪتون ۽ مددون موڪليندو رهي.

اسان هت پوريءَ طرح رهڻ جو فيصلو نہ ڪيو آهي. ممڪن آهي تہ ڪنهن بہ وقت وري اچي ڪراچيءَ ۾ رهون. اسان جي دل مان هفتيوار اخبار ڪڍڻ جو خيال هڪ ڏينهن لاءِ بہ نہ نڪتو آهي، بلڪ روز بروز تازو ٿي رهيو آهي. اسان تنهنجا رايا ان جي ابتدائي مسئلن، جهڙوڪ نالو، ان ۾ ڪهڙو مواد اچڻ گهرجي، ان جي فنڊس جو ڪيئن پورائو ڪجي، قيمت ڪيتري رکي وڃيس، اُن جي ڇاپي ۽ وڪري لاءِ ڪهڙو انتظام ڪرڻ گهرجي، وغيره بابت معلوم ڪرڻ گهرون ٿا.

اسان ٻن ڏينهن لاءِ ڪراچيءَ ۾ اچون ٿا، اُتي توسان ان مسئلي تي ڪافي وقت تائين گفتگو ڪنداسون. اسان شايد چند ڏينهن لاءِ لاڙڪاڻي بہ وڃون، اتان واپسيءَ ۾ ڪراچيءَ ايندا سون.

ان وچ ۾ هڪ هفتيوار اخبار جو نمونو لکي رهيو آهيان: جنهن کي ڏسي، پاڻ گفتگو ڪري، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جي ڪوشش ڪنداسون.

حاتم علوي اهڙوئي مشغول هوندو، جهڙو هميشه رهي ٿو. مون کي گهڻي وقت کان وتانئس ڪو خط نہ پهتو آهي. جنهن وقت ملينس، تہ منهنجا سلام ڪيس ڏج.

اسان ٻنهي جا پيار ۽ سلام رسن.

تنهنجو پيار ڪندڙ،

امداد قاضي

Gul Hayat Institute

[هن خط ۾ ٽن ڳالهين جو ذڪر ڪيل آهي—

(الف) منهنجي سماجي سرگرمين جو،

(ب) منهنجي مخالفن جو، جن جي شر کان بچڻ لاءِ دعا ڪئي اٿن.

(پ) پرڪاش اخبار ۾ منهنجن مضمونن جو.

انهن ڳالهين جي پس منظر معلوم ڪرڻ لاءِ مختصر وضاحت ضروري ٿو ڄاڻان.

(1) منهنجون سماجي سر گرميون:

14 ڊسمبر 1929ع ۾ سنڌ اسڪولس ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪيم.

ساڳيءَ تاريخ شام جو حاجي عبدالله هارون جي ڪوٺيءَ تي انگريزي اخبار ڪڍڻ لاءِ صلاح مشورو ڪيم.

8 - 9 جنوري 1930ع تي لوڪل سيلف گورنمينٽ باڊيز، سنڌ جي ڪارگذاريءَ ۾ خالقڏني هال ڪراچيءَ ۾ خاص بهرو ورتم.

10 جنوريءَ 1930ع تي ضلعي ڪراچيءَ ۾ ڪوآپريٽو تحريڪ کي زور وٺائڻ لاءِ، ڪوآپريٽو ڪانفرنس، درگداس آڏواڻيءَ جي زير صدارت، سڏايم.

11 تاريخ، ضلع ڪراچيءَ جي چوپايي مال جي بهتريءَ لاءِ ڪراچي ضلعي جي مالدارن جي ڪانفرنس سڏائي، سنڌن انجمن ناهيم. ان جو صدر مير محمد بلوچ چونڊايم.

انهيءَ تاريخ تي ضلعي ڪراچيءَ جي زميندارن جي ڪانفرنس پڻ سڏايم، جنهن ۾ باهمي حالتن جي بهتريءَ لاءِ تجويزون رٿيون ۽ سوچيون ويون.

Gul Hayat Institute

(2) مخالفن جو ذڪر:

ان کان اڳئين سال، 10 اپريل 1929 کان ڳوٺ سڌارڪ تحريڪ جي سلسلي ۾ ساري ضلعي ڪراچي لاءِ پروگرام مقرر ڪري، مسٽر حاتم علوي ۽ مولوي عبدالڪريم چشتيءَ سان گڏ، گشت ۾ ويو هوس. منهنجي سياسي مخالفن اُن گشت کي، ضلعي جي ڪليڪٽر مسٽر گبسن وٽ سرخرو ٿيڻ ۽ شخصي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ، سياسي رنگ ڏيئي، هن کي پڙڪايو- ڇي، اهو گشت ڳوٺ سڌار هلچل لاءِ نه هو، پر ڪانگريس جي تعميري پروگرام جو جزو هو. ان تي مسٽر گبسن ناراض ٿي، مون لاءِ گشت بند ڪرڻ ۽ ڪيس ملڻ جو حڪم ڪڍيو. ان جي انحرافي ڪندي ساري ضلعي جو گشت پورو ڪيم،

جنهن تي هو نهايت ڪاوڙجي ويو. سگهوئي مسٽر محمد هاشم گزدر جي لوڪلبورڊ ڪراچيءَ جي انجنير مقرر ڪرڻ ۽ ڪليڪٽر جي پرسنل اسسٽنٽ مسٽر ڊسلوا جي سفارشي ڪرسچن ڪي مقرر نه ڪرڻ تي ڪليڪٽر ڪراچيءَ سان تعلقات وڌيڪ ڪشيده ٿيا.

(3) اخباري مضمون:

باوجود انهن مخالفتن جي آءٌ سماجي ڪم ڪندو رهيس. "پرڪاش" اخبار ۾ ڳوٺ سڌار جي موضوع تي مضمون لکندو رهيس.[1]

[هي خط انهن حالتن هيٺ منهنجي همت افزائيءَ لاءِ لکيو ائن.]

(6)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد ڪئنٽونمينٽ،
6 - مارچ، 1930ع

پيارا ڀاءُ شاه صاحب،

خط لکي ياد ڪرڻ لاءِ شڪريو. مون کي تنهنجو خط لاڙڪاڻي مان واپس موٽڻ بعد مليو. اسان وري هفتي لاءِ ٻاهر وڃي رهيا آهيون. موٽڻ بعد خدا گهريو ته توسان اچي ملڪ جي شاندار خدمات ۾ شريڪ ٿيندس.

دشمن چه ڪند چه مهربان باشد دوست!

ڪوبه خوف نه ڪر. خدا وڏو مهربان آهي. جنهن صورت ۾ اسان صرف غريب ۽ جاهل عوام جي خدمت ڪريون ٿا ۽ انهن جي ڏک دردن دور ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهيون، ته اهڙيءَ حالت ۾ اسان کي خدا جي مدد تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي.

فيتوڪل عليٰ لله فهو حسبهٗ - ولا هم لايحزنون. خدا وڏو آهي.

تنهنجو پيار ڪندڙ،
امداد قاضي

[هي خط، مٿي ذڪر ڪيل خط ۽ صورتحال جي سلسلي جي ڪڙي آهي.]

Gul Hayat Institute

---

[1] سيد صاحب جا اهي مضمون جي.ايم.سيد فائونڊيشن پاران 2004ع ۾ "چوند سماجي مضمون" عنوان هيٺ شايع ٿيا آهن.

(7)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد ڪئنٽونمينٽ،

14 - اپريل، 1930ع

منهنجا پيارا شاه صاحب،

آءٌ سمجهان ٿو تہ اوهان ڪراچي ميونسپل اليڪشن ۾ مشغول آهيو. مون کي اميد آهي تہ پياري حاتم، ڪراچي ميونسپالٽيءَ ۾ ڪا جڳهہ حاصل ڪري ورتي هوندي.

اسان اوچتو منهنجي همشيره جي ننديءَ نياڻيءَ جي بيماريءَ ڪري هتي روڪجي پيا آهيون. جنهن وقت فراغت ٿيندي، تہ پنهنجي روانگيءَ جو توکي اطلاع ڏينداسون.

تون جاءِ ۾ مانيءَ لاءِ ڪابہ تڪليف نہ ونج، جو اسان هڪ ڏينهن هوٽل ۾ رهي، پوءِ ٻيو رهڻ جو انتظام ڪنداسون. ان ڪان پوءِ تو وٽ رهڻ لاءِ انتظام ڪرڻ واسطي ڪافي وقت ملندو. اسان توکي بنگلي جي اڌ مسواڙ ڏينداسون، جيڪا تون ڏين ٿو، جيئن تہ اسان مٿي فليٽ ۾ رهنداسون، تنهنڪري فائدو اسان کي آهي. ڪراچيءَ ۾ اسان کي جاءِ جي هيٺين طبقي ڪان مٿيون طبقو زياده پسند اچي ٿو.

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ ينگ وِمينس ڪرسچن ائسوسئيشن هڪ ڪلچرل شو، ڪمشنر سنڌ ۽ پادرين جي مدد سان ملهائي رهي آهي. مون کي نهايت خوشي ٿيندي جيڪڏهن حج جي موقعي تي ينگ مينس مسلم ايسوسئيشن وارا بہ عيدالحج جو ڏينهن پوريءَ طرح ملهائين. گذريل 13 سوَن ورهين ڪان عيدن جي موقعي تي خطبو پڙهيو وڃي ٿو، جنهن ۾ چيو وڃي ٿو تہ "ليس العيد الخ"- يعني اها عيد هن قسم جي نہ آهي پر ٻئي قسم جي آهي. اڄ ڪلهہ جا مسلمان منع ڪيل ڳالهين سان عيد ملهائين ٿا. پر جن ڳالهين جي ڪرڻ لاءِ ڪين هدايت ڪيل آهي اُن کي وساري ڇڏيو اٿن. ڇا، اها صريح حڪمن جي غلط تعبير نہ آهي؟ ان جو ڪارڻ اهو آهي تہ عربيءَ وارو خطبو سمجهيوئي ڪونہ ويو آهي. ڇا، ڪمشنر سنڌ جهڙيءَ طرح ينگ وِمينس

ڪرسچن ائسوسئيشن جي سرپرستي ڪري ٿو، اهڙي طرح ينگ مينس مسلم ائسوسئيشن جي سرپرستي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو؟ پر اسان لاءِ خدا جي سرپرستيءَ تي ڀروسو رکڻ بهتر آهي. الائي، ڪڏهين اسان کي ان ڳالهه جو احساس ٿيندو؟

فَمَنْ يَتَوَكَّلْ عَلَى اللهِ فَهُوَ حَسْبُهُ - نِعْمَ الْمَوْلٰى وَنِعْمَ الْوَكِيل.

وري لکندس.

تنهنجو پيار ڪندڙ،
امداد قاضي

[خط نمبر 5 ۾ پاڻ اشارو ڪيو هئائون ته جلد ڪراچيءَ ۾ اچي هو مون سان خدمت خلق جي ڪم ۾ شرڪت ڪندا. ان تي مون کين لکي عرض ڪيو هو ته منهنجو بنگلو وڏو هو، آءٌ اڪيلو رهيس ٿي. پاڻ اچي اُتي رهن - آءٌ هڪ ڪمري ۾ سندن خدمت ڪندو رهندس. هيءُ خط ان جي جواب ۾ هو. هميشه وانگر، محجوب طبيعت هئڻ ڪري، ڀرين چون ٿا ته هوٽل ۾ رهي پوءِ خيال ڪبو. باوجود محبت جي مون سان گڏ نه رهڻ جو مکيه ڪارڻ سندن ڪنهن تي بار نه پوڻ جو احساس هو، جو هميشه سندن استغنا ۽ محجوب طبيعت جو جزو هو. پوءِ حالتون اهڙيون واقع ٿينديون آيون، جو سارو سال ڪراچيءَ اچي رهڻ جو پروگرام ملتوي ڪري ڇڏيائون. ائين وچ ۾ ٻه - ٽي دفعا ڪراچيءَ آيا. 30 سيپٽمبر 1930ع شام جو جڏهين جناح صاحب کي پنهنجي بنگلي تي دعوت ڏيئي، سنڌ جي جدائيءَ لاءِ عرض ڪيوسون، ته ان وقت قاضي صاحب به شريڪ هئا.

21 نومبر 1930ع تي ڪراچيءَ ۾ منهنجي بنگلي تي انگريزي اخبار ڪڍڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ واسطي ميٽنگ ڪني ٿي. جنهن ۾ به جناب قاضي صاحب ۽ حاجي عبدالله هارون ۽ ٻيا آيل هئا. اخبار لاءِ گهٽي خرچ جو اندازو ٿيو، جنهنڪري ايترن پيسن ملڻ جي اُميد نه هئڻ ڪري، تجويز حال ڦٽي ڪئي ويئي.]

Gul Hayat Institute

(8)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪئنٽونمينٽ حيدرآباد،

7 - جنوري، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

مون کي تعجب لڳو تہ تو ڇو نہ اسان جي نئين سال جي مبارڪن جو جواب موڪليو آهي. حاتم بہ جواب نہ موڪليو آهي. تنهنڪري مون کي خيال ۾ آيو تہ هاڻ ڪو نئون دستور نڪتو آهي، جنهن مطابق نئين سال جون مبارڪون نہ ونجن، نہ جواب ڏجي.

مون کي اڳ ۾ خط لکي تنهنجي خوش و خير و عافيت معلوم ڪرڻ جو خيال هو. عين ان وقت تنهنجو ماٺهو آيو. عجيب ماٺهو هو. منجهس ڪيتريون ئي لياقتون هيون، جن جو ڪيس پتو نہ هو.

مون کي افسوس آهي تہ پاليٽڪس تي ڪتاب اجا توکي نہ پهتو آهي. ان وچ ۾ هي ننڍو ڪتاب "روم جي مختصر تاريخ" پڙهڻ لاءِ موڪليان ٿو. اها پڙهي، پوءِ ٻيو ڪتاب پڙهج. مهرباني ڪري پڙهي هضم ڪج. پڙهي وري پڙهج. اهڙي قسم جا واقعا وقت بوقت هر ملڪ جي تاريخ ۾ پيا پيدا ٿين. گهٽ ۾ گهٽ بہ دفعا خيال سان پڙهج.

ان کانسواءِ آءٌ افلاطون جي "ريپبلڪ" بہ موڪليان ٿو. جيڪڏهين تو ارسطاطاليس جي "سياست" مان ڪي نوٽ ورتا آهن، تہ انهن جي افلاطون جي خيالن سان ڀيٽ ڪج.

Gul Hayat Institute

ڪڏهين هن طرف بہ اچ. آءٌ ٿيو ڏينهن بہ دفعا سن کان دادوءَ ويندي ۽ ايندي لنگهيس. سن جي اسٽيشن کان ڳوٺ تائين نهيل رستو بہ گاڏيءَ مان ڏٺم. مون کي ڀڳي ٽوڙي کان دريا جو نظارو نهايت پسند آيو. لڪي ۽ ڀڳو ٽوڙو پُر لطف، منظر ميسر ڪن ٿا. خدا هر جاءِ تي آهي. انڪري جنهن جاءِ تي هو هجي، سا شيءِ بدصورت ٿي نہ ٿي سگهي.

حاتم جي ڪهڙي خبرچار آهي؟ مون کي خيال آهي تہ مسٽر جئسنگاڻيءَ کي واجبي عذر آهي مون کان ناراض ٿيڻ جو، ڇاڪاڻ تہ آءٌ سائنس اڪبر آشرم

جي معاملي ۾ جيتريقدر هن کي اميد هئي، پوريءَ طرح تعاون نہ ڪري سگهيو آهيان. خدا ڪري سندس ڪوششون بارياب ٿين.

خط جلد جلد لکندو ڪر. ان مان تو ي بہ واندڪائيءَ وقت ڪم جو مشغلو ملي ويندو.

پيار ۽ محبت سان، تنهنجو هميشہ وانگر پيار ڪندڙ،

امداد قاضي

[هن مان قاضي صاحب جي مون کي سياسي علم جي واقفيت ڏيارڻ لاءِ ڪتاب چوندي پڙهائڻ جو پتو پوي ٿو- ٿي ڪتاب 1 - ارسطاطاليس جي "پاليٽڪس"، 2 - روم جي مختصر تواريخ، 3 - افلاطون جي "ريپبلڪ" پڙهڻ لاءِ موڪليا هئائين.]

(9)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد

9 - جنوري، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

خط لاءِ مهرباني. مون کي هي معلوم ڪري خوشي ٿي تہ تون بمبئيءَ طرف سير تي ويل هئين. سفر زندگيءَ ۾ مفيد معلومات ميسر ڪري ٿو. حاتم جي صحبت ان مسافريءَ کي وڌيڪ پر لطف بنايو. هوندو.

روم جي تاريخ جو ڪتاب جيتوڻيڪ ننڍو آهي، پر رومن ايمپائر جي ڪيترين صدين جي تاريخ تي طائرانہ نظر وجهائي ٿو. وري بہ پڙهينس. ان مان دنيا ۾ جي وقت بوقت تبديليون ٿيون آهن، سي ڪهڙيءَ طرح رونما ٿين ٿيون، ان تي غور ڪرڻ جو موقعو ملنديءِ ۽ پتو پونديءِ تہ ان جا نتيجا ڪهڙا ٿا نڪرن. ڇا مان ڇا پيدا ٿئي ٿو! تاريخ جو مطالعو صرف تڏهين مفيد ٿي سگهي ٿو، جڏهين ان کي مٿي ذڪر ڪيل نقطي نگاه سان پڙهيو وڃي. ٻيو ڪتاب افلاطون جي "ريپبلڪ" بہ ڪافي ڪارائتو اٿئي. مون کي وقت بوقت پنهنجي سرگرمين کان واقف ڪندو رهہ.

مسٽر جئسنگاڻي سنڌس ڇوڪرين (اڪبر آشرم) تي شايع ڪندو رهي ٿو.

Gul Hayat Institute

سنڌ مسلم (هفتيوار اخبار)گهڻي وقت کان بند ٿي ويئي آهي، مير محمد شاه ۽ ٻئي سندس مددگار هلائي هئي. هاڻ خيال ڪر تہ جيڪڏهن اسان ان ۾مضمون موڪليون ها، تہ ان جو ڪهڙو حشر ٿئي ها. آءٌ بہ پنهنجي رسالي جا ٽن اشاعتن کان وڌيڪ پرچا ڪڍي نہ سگهيس. اهڙيون ڪوششون ساري قوم ۾ بد دلي پيدا ڪن ٿيون. ان ڏنڌي مون کي ان مسئلي بنسبت ڪيئي تجربا ميسر ڪيا آهن.

افسوس اهو اٿم تہ مون کي سنڌي مسلمان جي ٻڏندڙ قوم جي بچائڻ لاءِ ڪو رستو ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ڪاش هي وڏا زميندار سندن ذاتي مفاد کي ڪجهہ وقت پاسيرو رکي، قوم لاءِ ڪجهہ ڪن! هاڻ خط کي پورو ٿو ڪريان.

سلامن ۽ محبت سان، تنهنجو مخلص

امداد قاضي

[هن ۾ جنهن سفر جو ذڪر ڪيل آهي، سو لوڪل سيلف گورنمينٽ ڪانفرنس جي سلسلي ۾ بمبئيءَ وڃڻ جو آهي. اتان حاتم ۽ آءٌ مائونٽ آبوءَ جو سير ڪندي، موٽي وطن پهتا هئاسون. ڪيس اهڙو اطلاع ڏنو هوم.]

مسٽر امرت جٽسنگاڻي لاڙڪاڻي ضلعي جي طبيب وارن سينين مان هو، جنهن ڪراچيءَ ۾ بنگلو وني، اڪبر آشرم کولي، چوپڙيون ڇپائي، هفتہ ۾ هڪ ميٽنگ سڏائي، هندومسلم اتحاد لاءِ ڪوشش ڪئي ٿي. ان کي ساراهيو اٿس.

"سنڌ مسلم" اخبار ۽ پنهنجي رسالي جي گهڻي وقت جٽاءَ نہ ڪرڻ تي افسوس ظاهر ڪري ٿو.

مسلمان زميندارن ۽ وڏن ماڻهن جي خود مطلبيءَ ۽ قوم جي لاءِ هنن جي ڪجهہ نہ ڪرڻ تي افسوس جو اظهار ڪري ٿو.

(10)

حيدرآباد،

20 - فيبروري، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

عيد مبارڪ پهتي. خير مبارڪ. ان سان گڏ موڪليل خط لاءِ مهرباني. مون لاءِ تو جن عقيدت مندانہ خيالات جو اظهار ڪيو آهي- جزاڪ الله.

Gul Hayat Institute

عيد هميشه مون کي پيغمبر ﷺ جي هينين لفظن جي ياد تازي ڪرائيندي آهي تہ "ليس العيد في ليس الجديد الخ"- جن لفظن کي هر عيد تي هر هڪ منبر تان پڙهيو وڃي ٿو - شايد پنج سيڪڙو ماڻهو انهن چيندڙ لفظن جي معنيٰ سمجهندا هوندا. مون کي پنهنجي لاءِ ان باري ۾ هي رستو سجهي ٿو تہ انهن ڳالهين تي فڪر ڪرڻ ڇڏي ڏيان، جيتوڻيڪ اها ڳالهہ طفل تسليٰ جي آهي.

پيارا شاهہ، مسلمان مورڳو اها انڌي محبت، جا اسلام ۽ پيغمبر لاءِ رکندا هئا، سا بہ وڃائي رهيا آهن.

ڪيترا منهنجي ماديءَ تي "سمعنا و اطعنا" چوندا؟ افسوس!

"صُمٌ بُكمٌ عُميٌ".

"فاعتبرو يا او اليٰ لابصار"

پر اهي اکين وارا ڪتي آهن؟

ساڌو واسواڻيءَ جو معاملو مختلف آهي. جڏهين هو رواجي ڳالهہ ڪري ٿو، تہ بہ سندس محب ۽ مداح سندس چوڌاري مڙيو وڃن، هي بہ اسان جو ئي هندو آهي. پر هندو بہ سواءِ سندس ظاهر عزت ۽ پوئلڳيءَ جي، سندس حقيقي سمجهاڻيءَ طرف ڌيان نٿا ڏين.

ليڪن اسان جي مسلمانن ۾ اها محبت ۽ عزت بہ سندن هدايت ڪندڙن لاءِ معدوم آهي. خدا اسان تي مهربان ٿئي. ساڌو واسواڻيءَ جي چرنن ۾ هر روز سوَها ماڻهو وڃن ٿا، جو صرف روشنيءَ ۽ چند همت افزائيءَ جي الفاظ ڪانسواءِ نٿو ٻڌائين، تہ بہ ڏسين ٿو هندن ۾ ڪيڏو احساس آهي.

تنهنجي لکڻ مان صرف اهو معلوم ٿئي ٿو تہ "چڱن جو اولاد چڱائيءَ جون ڳالهيون سوچي ٿو". آءُ ڏسان ٿو تہ اها ساڳي جوت تو ۾ جلي رهي آهي، جا تنهنجي وڏن جي ارشاد ۾ نمايان هئي.

جوڳيئڙا جهان ۾ نوري ۽ ناري.

اهو تنهنجي سوز درون جو شعلو ڪڏهين آتش بنجي، "و الله نورالسمٰوات" جا اسرار پڌرا ڪندو. ۽ ان مان "نوراً کزوشد نورها پيدا" پڌرو ٿي، محسوس ٿيڻ لڳندو.

جيئن تا پچن اَن ڪي تيئن جي پچن پنڌ،

تہ هوند رڙهي لڏائون رند، لتين ڏک لطيف چئي (شاهہ)

Gul Hayat Institute

پر پنڊ جي ڳولا تہ ڪوبہ نٿو ڪري، ماڻھو رڳو ان جي پويان آھن. تنھن ڏينھن ڪنھن مون سان ڳالھہ ڪندي ظاھر ڪيو تہ پير گشت ۾ وجي ماڻھن کي ڦري پيسا گڏ ڪن ٿا. مون ڪيس جواب ڏنو تہ اھي سندن وڏن جا قبا آھن، جي پير ڏاري ھلڻ لڳا آھن.

سيد! "و رئيت الناس يدخلون في دين الله افواجاً" جو وقت نزديڪ ايندو وجي. ان وقت ھزارن ماڻھن کي ھدايت نصيب ٿيڻ لڳندي. ان مان رڳو چند شخص مستفيد نہ ٿيندا، پر ساري دنيا فائدو حاصل ڪندي. صحيح اسلامي پيغام کي صرف سمجھڻ جي دير آھي. ان جي تعليم گذريل تيرھن سون ورھين ۾ ڇا نہ ڪري ڏيکاريو آھي. تون سندن اڳواٽي ڪر، خدا تنھنجو مددگار ٿيندو. پيغمبر پاڪ کي بہ "قم" جو حڪم مليل ھو، نہ "اجلس" جو.

خدا جي برڪت توسان آھي. جاڳ ۽ ماڻھن کي خبردار ڪر.

تنھنجو

امداد قاضي

[مون عيد مبارڪ سان گڏ خط ۾ لکيو ھون تہ جھڙيءَ طرح ساڌو واسواڻي مرڪز ناھي سنڌي ھندن کي تعليم ۽ تربيت ڏيئي رھيو آھي، اھڙيءَ طرح قاضي صاحب کي مسلمانن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ [ڪوشش] ڪرڻ گھرجي - آءٌ بيا سڀ ڪم ڇڏي، سندس خدمت ۾ رھڻ لاءِ تيار ھوس. ھيءُ خط ان جي جواب ۾ لکيو ائن.]

Gul Hayat Institute

(11)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

"سٽي آف ناگپور"، سئيزواھ

31 - مارچ، 1931ع

پيارا شاھ صاحب،

جيڪڏھن اسان سنڌ ۾ وري موٽي آياسون، تہ ان جو ڪارڻ صرف توں ھوندين. منھنجا پيارا دوست، توکي ڏسي دل کي راحت ٿي اچي. پر پنھنجو پاڪ (Noble) جذبو قائم رکندو اچج. متان (Self centered) ("آءٌ" وارو) ٿي خوديءَ جو تہ چاڙھين. ان ڪان وڌيڪ حق ۽ حسن جي آڌو بيو

ڪوبہ حجاب (پردو) نہ آهي. مون ۾ آءٌ ڪان پري رهج. "پاٽان پاسي تيءُ" جو سبق سکڻ گهرجيئي. ان ڪان پوءِ اها شخصيت (Individuality) پيدا ٿيندي، جا "از دل تنگ گناهه گار بر آرم" آهي (جا) ڪہ آتش اندر خرمن آدم هوا فگنم - جو ڪم ڏيندي.

هتي اسان جي هڪ طرف حجاز ۽ ٻئي طرف سوڊان آهي. ٻہ ٽي ڪلاڪ اڳ اسان راس محمد، تان گذرياسون، جا سينا جي اپ ٻيٽ جي ڏکڻ ڪنڊ ۾ آهي. عقبا بہ اتي آهي.

جيترو آءٌ غور ڪريان ٿو اوترو طوفان خيز "(راس) محمد" جو نظارو مون تي اثر انداز ٿئي ٿو. "يا خدا آءٌ توکي محمد ﷺ ڪانسواءِ سڃاڻان ئي ڪونہ ها"— اهي بي بي رابع بصريءَ جا چيل لفظ اڄ بہ مون لاءِ اهائي معنيٰ رکن ٿا، جي ڙي بي بي صاحبہ وٽ رکندا هئا. جيڪڏهن ڪو محمد ﷺ کي پوريءَ طرح سڃاڻي، تہ پوءِ ٻئي مرشد ڪان آزاد ٿي وڃي ٿو. حافظ فرمائي ٿو تہ:

ما مريدان خدائيم، خدا رهبر ماست.

منهنجا پيارا دوست، خدا تنهنجو نگهبان ٿئي. خدمت خلق لاءِ جدوجهد ڪر. ڇاڪاڻ تہ جدوجهد (عملن) جو ئي انعام ملندو آهي. جلد رات اچي ٿي، جڏهين ڪوبہ ڪم ٿي نہ سگهندو. فڪر، عمل يا جيڪي بيو چوڻ ۾ اچي ٿو، سو سڀ پاڻ سڃاڻڻ ۾ مضمر آهي. فردعمل ڪري ٿو "پاڻ" کي مڪمل ڪرڻ لاءِ. پاڻ کي دوئيءَ جي بند مان آزاد ڪرڻ، عمل صالح ۾ لڪل آهي. "عملاً صالحاً" توکي حسن ازلي جي نزديڪ آڻيندو. اهو حسن صرف من ورائي حجاب ڪان ٻاهر ڏسي سگهبو. اهو حسن نور آهي. جنهن کي اسان علم جي نالي سان تعبير ڪريون ٿا، سو پاڻ سڃاڻڻ آهي. "پاڻ" مڪمل ٿي نہ سگهندو، جيستائين "پاڻ" کي سڃاتو نہ ويو آهي. جڏهين "آئون" گم ٿي وڃي ٿي، تہ پوءِ ئي اسلام مڪمل ٿئي ٿو. تنهان بعد حسن تنهنجي هنج ۾ اچي پوندو. هي سڀ تنهنجي لاءِ آهي. السلام عليڪم- جواب ۾ پنهنجو سارو احوال موڪليندو ڪر. ڪوشش ڪري لالچند (امرڏنومل) جڳتياڻيءَ کي سنڌ مدرسي ۾ ماستري وٺي ڏي. هن کي مسلمانن لاءِ محبت آهي. سنڌن بهترين خدمت ڪري سگهندو.

امداد قاضي

Gul Hayat Institute

[پاڻ ٻيو دفعو باوجود حرصائڻ جي، سنڌي مسلمانن جي خواب غفلت کان ذري گهٽ نااميد ٿي، انگلنڊ وينديءَ، مون کي دعائون ڪندو ويجي ٿو. ان جي معنيٰ اها نڪري ٿي ته اهڙيءَ حالت ۾ ڪم ڪرڻ هن جهڙي حساس دل ماڻهوءَ لاءِ ناممڪن هو. هتي مون جهڙي فرد کي ڪم ڪرڻو هو، جو سوَ دفعا ”جنين لاءِ مُياس، سي ڪلهيَ ڪانڌي نه ٿيا.“ جي تجربي بعد به منهن پڪو ڪريو سندن پٺ چڏڻ لاءِ تيار نه هو. وڏيڪ هن خط مان قاضي صاحب جي فنا في الرسول جي منزل جو پتو پوي ٿو، جنهن لاءِ شاعر چيو آهي ته!

اين سعادت بزور بازو نيست،
تا نه بخشد خدائي بخشنده.

(12)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

22 - اولڊ براڊسٽريٽ E.C. لنڊن
14 - مئي، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجو پيار پريو خط ڏينهن اڳ پهتو. هتي پهچڻ بعد اهو پهريون خط هو، جو پهتو، جنهنڪري دل کي پاڻ وڏيڪ خوشي ٿي. ان هن چوٽيءَ جي صداقت ظاهر ڪئي ته:

”دل را بدل ست راهي.“

خط پهچڻ کان ٿورو اڳ اهو خيال دل تي آيو هو ته سن ۾ اچي ٿو وٺ رهي، ان مرڪز تان مخلص ڪارڪنن جي تربيت ۽ تعليم جو ڪم ڪريان. منهنجون گهرجون تمام ٿوريون آهن. منهنجي رهڻ لاءِ هڪ هجرو (ننڍو روم) ڪافي ٿيندو. اهڙي جاءِ هجي، جتي پکي به پهچي نه سگهي. ان روم کي آءٌ ڪپڙو ڪري ڪتب آڻيان. ڪپڙن (روم) اندر ماڻهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪانه ڪندا. گهر منهنجي لاءِ بدن مٿان ٻيو ڪپڙن جو وڳو آهي. اهو بدن کي گرميءَ ۽ ٿڌ کان ڍڪي ٿو. جهڙيءَ طرح ڪپڙا ڍڪين ٿا. ڪپڙا ۽ گهر هڪجهڙو ستر ڏين ٿا. قرآن شريف زال کي ڪپڙن سان تشبيهه ڏني آهي. اهو هڪ قدم وڏيڪ يعني ڪَل کان اندر طرف جو ويس آهي. گهر هڪ ڊگري ڪپڙن کان مٿي

Gul Hayat Institute

آهي. پر سيئي ڍڪ آهن. جنگ جي زماني ۾ هٿيار بہ ڍڪ آهن. قوم وري گهر کان بہ مٿي وارو وڳو ۽ ڍڪ آهي.

بين لفظن ۾ هي پردا حق مٿان آهن - جيئن قرآن چوي ٿو تہ ”تون حق (خدا) کي من ورائي حجاب (پردن پويان) ڏسي سگهندين.“ غزالي عجيب نموني ۾ نورِ حق تي پردن مٿان پردن جو ذڪر پنهنجي تفسير ”مشڪوات الانوار“ ۾ ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح ڪپڙن يا پردن هيٺ ساري دنيا ڇُپي پيئي آهي. ڪارلائل جڏهين ’سارتوس، ريسارتوس‘ جو لفظ ڪتب آڻي ٿو، تہ ان مان سندس مطلب حجاب هو. گذريل جنوريءَ ۾ مون حيدرآباد جي ميٽنگ ۾ ان مسئلي تي ڳالهايو هو. پر ڪن ٿورن سمجهيو هوندو.

ڏس آءُ ڪٿي ڪان ڪٿي اچي پهتو آهيان. مون تنهنجي سن واريءَ روم کي ڪپڙن طور ڍڪي، سنڌين سان ڳالهائڻ گهريو ٿي. تنهنجي زره هيٺ. چا، اهو توکي قبول آهي؟ سنڌ ۾ صرف تنهنجي زره ڍڪي ڪم ڪري سگهان ٿو. بيو ڪوبہ مون کي نهڪي نہ ايندو. ڳالهہ صاف ڪئي اٿم يا نہ؟ اهو صرف توتي عيان آهي. بين جي اکين کان مخفي آهي. چاڪاڻ تہ صرف تنهنجي دل کي آءُ پنهنجي دل جو ڍڪ بنائي سگهان ٿو. منهنجي زندگيءَ جي اها بهترين گهڙي هئي، جڏهين ڪان توسان ملاقات ٿي. توکي پنهنجو ڪري سمجهان ٿو- عزيزن کان بہ وڌيڪ. چاڪاڻ تہ دنياوي عزازتن کان منهنجي روح تنهنجي روح ۾ سمائجي ڍڪ ورتو آهي، جنهن مان اهو راحت ۽ گرمي دل حاصل ڪري ٿو ۽ ان ۾ ئي خلوت (Privacy) حاصل ڪري ٿو.

مسلمان قرآن پڙهندا يا نہ؟ ڪاش هنن کي پتو پوي تہ دنيا جي واهيات (حقير) شين لاءِ ڪهڙي وڏي خزاني کي وساري ڇڏيو اٿن.

جيڪڏهن تون (20) ويهہ پيار پريا، اصيل ماڻهو قرآن سکڻ لاءِ گڏ ڪري سگهين، تہ آءُ اتي اچي تو وٽ رهان. آءُ پنهنجي پياري زال هڪ سال لاءِ هتي ڇڏي اچان. قبول آهي؟ دنياوي آرام ۽ بي آراميءَ جو مون کي فڪر نہ آهي. صرف جانور کي زنده رکڻو آهي. چاڪاڻ تہ سفر ڏکهو ۽ جابلو آهي. ان جي طئي ڪرڻ ۾ سهڪي ونيو وڃي ٿي.

توکي وري وري لکڻ گهران ٿو. پر صفحن جا صفحا جي لباس بابت لکڻ چاهيان ٿو. ان تي ڌپ ٿو ٿئيم تہ مٿان تنهنجي صبر کي ٽڪائي

Gul Hayat Institute

چڏيان. تنهنڪري صبر ڪريان ٿو. جلد خبر موڪل ته ان تجويز بابت تنهنجي راءِ ڇا آهي.

مون کي گهڻي خواهش هئي ته ٿياسافسٽن سان گڏجي ڪم ڪريان. پر مون کي تجربي بعد معلوم ٿيو ته جيتوڻيڪ هو چون ٿا ته "سچ سڀني مذهبن کان مٿي آهي"، پر حقيقي سچ جو اظهار ڪين ڪاوڙائي ٿو. اهي سچ کي ڦيري گهيري پنهنجي معنيٰ ۽ مطلب ڪڍن ٿا. ٿورن لفظن ۾ هو ٿياسافيءَ کي وري هڪ نئون قومي ۽ دستوري فرقو بين فرقن وانگر بڻائڻ گهرن ٿا ۽ ان کي مذهبي عقيدي ۽ نظام جي شڪل ڏيڻ گهرن ٿا. اها ڳالهه ممڪن آهي ته سناتني مٿي وارن کي قبول پوي، پر [راسخ العلم] مسلمان کي قبول نه پئي سگهندي.

ٿياسافيءَ اها ڪوشش ڪئي آهي ته پاڻ کي مختلف ماڻهن جي رضامندي مطابق پيش ڪري، پر اُن مسلم تصوف کي سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي، ٿياسافيءَ کان وڌيڪ مسلمان هڪ ڪتاب ۾ پاڻ وٽ خزانو رکن ٿا.

ڇا هو [منهن جي ڳالهه] ٻڌندا يا نه؟ هنن کي ڪن آهن يا نه؟

هاڻ، خدا يار شماست.

رنگا رنگي راه جو ڏٺل، تنهنجو ياءُ جنهن کي دعا کان نه وسارج،

امداد

[هن خط مان قاضي صاحب جي سنڌين جي تعليم ۽ تربيت جي ذوق ۽ شوق جو پتو پوي ٿو. مون يڪدم سندس آواز تي لبيڪ چيو. پر بقول شاعر- "اگر قسمت بدست خويش بردي، همه کس پيش ياران خويش بودي"، جو معاملو هو. اميدن ۽ ارادن جو سفر ڏکيو آهي. ۽ ان تي پهچڻ ڏکيو ۽ اڻانگو آهي. هڪ اميدون رکي، نا اميد تي گذر ڪري ويو آهي. بيو "پسڻ خاطر پرين جي" اميد تي پساه پيو کڻي - اجا اميد نه لاٿي اٿس. چوي پيو ته "آڏو تڪر تر متان روح رتيون ٿئين!"- باوجود ان علم جي ته تڪر کي ٽارڻ ۽ روهه کي رتيون ڪرڻ آسان ڪم نه آهي. پر "گهڻن ڪنئين چپر ڪچيو وڃي." سنڌ جي عام چوڻيءَ ۾ ويساه اٿس.]

Gul Hayat Institute

(13)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

لنڊن

15 - مئي، 1931ع

پيارا شاهه،

منهنجي ڪالهوڪي خط جي لفظن ۾ هڪ ڳجهارت ڏنل هئي. پتو نہ آهي تہ تو اها سمجهي يا نہ؟ تو ممڪن آهي تہ سمجهي هجي. آءُ پنهنجي عالم دوست چينمل جي تجويز سان همراهِ نہ آهيان تہ صورتخطيءَ ڪي ڪا اهميت ئي نہ آهي - جڏهين هو "نعوذبالله" ڪي "نوذبالله" لکي ٿو، تہ ان جي معنيٰ جو تفاوت نظر نٿو اچيس ڇا، تو منهنجي خط ۾ "حجره" جي عيوض "هجره" لکڻ جو راز سمجهي سگهئين يا نہ؟ هاڻ ٻڌ! هجرو جاءِ هوندي آهي پناهہ وٺڻ جي، اها منهنجي موجوده حجري کان مختلف هوندي. هاڻ اميد تہ تو سمجهيو هوندو. منهنجي "هجري" لکڻ جو مطلب هجرت ڪرڻ آهي ان سڀ کان، جنهن ۾ آءُ هينئر قاتل آهيان. شايد لفظ 'هجره' تنهنجو توجهہ نہ ڇڪايو هجي. هاڻ جڏهين وري بيهر خط پڙهندين تہ مطلب معلوم ٿيندو.

هاڻ آءُ پنهنجي عالم دوست کان، جيڪو صورت خطيءَ جي پرواهہ نٿو ڪري پڇڻ گهران ٿو تہ جيڪڏهين صورت خطيءَ جي پرواهہ نہ ڪبي، تہ ڪيترا نہ باريڪ امتياز يا نقطا زبان ۾ پيدا ٿي پوندا - جڏهن "مرضي" ۽ "مرذي" يا "اڪرار" ۽ "اقرار" ساڳيءَ طرح لکيا ويندا. هاڻ توکي پتو پئجي سگهندو تہ اسان نون سنڌيءَ جي خيرخواهن کان ڪهڙيون نہ غلطيون ٿين ٿيون. اها ڳالهہ مون کي سنڌي ڀاڪي جي يادگيري ڏياري ٿي تہ:

"نون ميهارن مينهون ڏاريون، ڪتا لاهي ڏونهيون ڪيائون."

جيڪي ڇٽين سي نپائين، شعر ۽ علم ادب جو قدر ماهر ڪري سگهندا، اسان ۽ ادي چينمل اڳيان "رڏون سڀ ٻوٽ ڪاريون."

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[ان خط ۾ ٻن ڳالهين طرف اشارو آهي -

(1) ان ۾ سندس سن ۾ اچي رهڻ جو مطلب سمجهايائين تہ ان مان نہ صرف اتي اچي رهڻ جو مقصد آهي پر ان جي پويان پنهنجي ساري زندگيءَ ۾

Gul Hayat Institute

انقلاب آڻي ان ۾ تبديلي آڻڻ جو خيال مضمر آهي. ان ۾ مسز قاضيءَ کي اتي ڇڏي اچڻ بہ شامل هو، جنهن مان اشارتاً ان تجويز جي تڪميل ۾ جي مشڪلاتون هيون ان جو ذڪر ڪري ٿو.

(2) ان وقت سنڌي صورت خطيءَ بابت بہ انتها پسند رجحان ڪم ڪري رهيا هئا. انهن طرف بہ اشارو هو. انهن مان هڪ رجحان سوامي گووند آنند وغيره جي اڳواڻيءَ هيٺ هلي رهيو هو تہ سنڌي صورتخطيءَ مان عربي فارسي اکر جهڙوڪ: ث - ص - ض - ع - ط وغيره ڪڍي ڇڏڻا هئا- جنهن ڪري "عربي" کي "اربي" ڪري لکڻو پوي ها ۽ "ثواب" کي "سواب" ڪري لکجي ها، وغيره، وغيره. ٻئي طرف سنڌيءَ جي موجوده صورت خطيءَ کي قائم رکي، ٻوليءَ کي عربي ۽ فارسي جي الفاظن سان ڀرڻو هو. ان جي اڳواڻي ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو ڪن مولوين جي مدد سان ڪري رهيو هو. دادا چيتمل ٻنهي انتها پسندين جي وچ ۾ هو، پر ڪيترن سنڌيءَ ۾ مروج ٿيل عربي الفاظن جي صورت خطيءَ بدلجڻ ڪري معنيٰ بدلجڻ واري مسئلي کان پورو واقف نہ هو. هتي قاضي صاحب پهرئين گروه واري سوامي گووند آنند جو ذڪر نٿو ڪري، جو سمجهي ٿو تہ ان جي پويان سياسي ذهنيت ڪم ڪري رهي هئي، پر دادا چيتمل جهڙي صوفي منش جي غلطيءَ کي اهميت ڏيئي ان طرف توجهہ ڇڪائڻ گهري ٿو- ڇاڪاڻ تہ دادا صاحب اسان سان گڏجي ڪم ڪري رهيو هو، ان کي سندس غلطين طرف توجهہ ڏيارڻ ضروري ٿو سمجهي.]

Gul Hayat Institute

(14)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

معرفت امپريل بئنڪ آف انڊيا لنڊن،

22 - اولڊ براڊ سٽريٽ E.C

1 - جولائي، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجو پيار ڀريو خط پهتو، تنهنجي محبت سان ڀريل طبيعت منهنجي لاءِ باعث امنگ (Inspiration) رهي آهي، تنهنجو خط بہ دفعا پڙهڻ بعد ان جي اندروني معنيٰ سمجهي سگهيو آهيان. آءٌ سمجهان ٿو تہ اسان سان

سن ۾ رهڻ ڪري توکي بہ موجوده سياسي ۽ سماجي ڪاروبار کي ترڪ ڪرڻو پوندو. ائين آهي چا؟ ها، سن ۾ رهڻ مون کي پسند پوندو.

مون کي سنڌي مسلمانن جو ماضي اجا دل تي تازو آهي، جيتوڻيڪ هن وقت اهو خاڪ ۾ مليل آهي.

غلام مرتضيٰ. مرتضيٰ جو غلام ٽيڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي شهنشاهيءَ کان بالاتر آهي. محمد ﷺ کھڙو نہ سھٹو نالو آهي. حيف آهي دنيا کي جو پنهنجي وڏي ۾ وڏي محسن کي وساري ويٺي آهي. هي دنيا محمد ﷺ کان اڳ هڪ تنگ و تاريڪ جهنگل مثال هئي، جنهن مان ڪوبہ رستو روشنيءَ طرف نيندڙ ڪونہ هو.

وصلي الله عليٰ نوراِ کزو شد نورها پيدا

کھڙيءَ طرح نہ هڪ اڌ پڙهيل سنڌي شاعر مدح ڪئي آهي-

جڏهين جايو محمدا تڏهين ڏپ لهي ويو ڏاءُ،
لتو انڌارو عالم تان تيو سوجهرو صفا.

افسوس تہ اڄ ان محمد جا پوئلڳ ٿي آهن، جي پاڻ وڏيءَ اونداهيءَ ۾ ڦاٿل آهن، جن ڪجھ وقت اڳ ساريءَ دنيا جي رهبري ڪئي ٿي.

منهنجا پيارا پاءُ، منهنجي اچڻ ڪري توکي تڪليف تہ ڪانہ ٿيندي؟ چا ان ڪري توکي پنهنجا موجوده سماجي ڪم ڪار جن ۾ تون مشغول آهين، ڦٽا ڪرڻا تہ نہ پوندا؟ آءٌ توکان ڪابہ قرباني منهنجي خاطر ڪرائڻ نٿو چاهيان. تون مون کي سڃاڻين. مون لاءِ اها وڏي ڳالھہ نہ آهي. تہ صرف چادر ويڙهي رهي سگهان. ورهين جا ورهيہ ائين ڪيو اٿم، ۽ منبر تان بانگون ڏنيون اٿم. آءٌ پراڻو موذن آهيان. مون انن ورهين جي عمر ۾ ائين ڪيو هو. اهو منهنجو ورثو آهي، جھڙو تنهنجو. پر مون کي دنيا جو زياده تجربو آهي. توکي اجا تجربي جي ضرورت آهي.

هي جي لياڪا لوڪ جا، جان جان سي نہ لٿاءِ،
تان تان ٿئي نہ ماءِ، پورو پسڻ پريڻءَ جو.

(شاه)

آءٌ هيءَ انتظام ڪري ايڏاهين اچڻ جي تياري ڪري رهيو آهيان. جيڪڏهين مون کي ڪابہ شيءِ اچڻ کان روڪيندي تہ پهرين هندستان ۾ هندو

مسلم ڇڪتاڻ، ۽ ٻيو تنهنجي خط مان نااميديءَ جي جهلڪ. جيئن تنهنجي خط مان ظاهر ٿئي ٿو ۽ منهنجي خدمت ۾ رهڻ ڪري توکي پنهنجا سماجي ڪم ترڪ ڪرڻا پوندا، جن ۾ تون مشغول آهين ۽ جن جي ڪرڻ لاءِ تنهنجي دل گهريو پئي. پر فڪر نہ آهي اسان تنهنجي سهوليت خاطر ڪجهہ وقت ڪراچيءَ ۾ بہ رهنداسون. ڪڏهين ڪڏهين تربيت ڏيڻ خاطر ٻاهر نڪرنداسون، ۽ اتي رهي ڪم ڪنداسون، پوءِ جنهن کي سکڻ لاءِ مڪتب ۾ اچڻ جي خواهش هوندي، اهو ڀلي اچي، ائين نيڪ آهي يا نہ؟ خدا ڀلي اسان کي ڪن مخلص ماڻهن کي صحيح تربيت ۽ تعليم ڏيڻ جي توفيق عطا فرمائي- مون کي پنهنجي خيالات کان جلد واقف ڪر.

توکي منهنجي ضروريات بابت خوف نہ ڪرڻ گهرجي. مون کي هڪ صفا ڪمرو، ۽ تمام ٿورن ٻين شين جي ضرورت ٿيندي. مون تنهنجي وڏن جو جذبہ دل ۽ روحاني روشنيءَ جي جهلڪ تو ۾ برندڙ ڏٺي آهي. سن انشاءَ الله، 'نور مرتضيٰ' جي ڪري وڌو ٿي چمڪندو.

خدا جون برڪتون سدائين توتي وسنديون رهن.

تنهن جو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[مون ڏانهس اڳ خط لکي، سن ۾ اچي، خانقاه (تربيت گاه) کولڻ لاءِ دعوت ڏني هئي. ان جي جواب ۾ هجرت جي لفظ جي معنيٰ سمجهائيندي، ان انقلابي قدم کڻڻ جي مشڪلاتن کان مون کي آگاه ڪيو هئائين. ان جي جواب ۾ مون کيس لکيو هو تہ سيني ڳالهين جو اڳ پوءِ جاچي، سندس خدمت ۾ رهي، مخلص ڪارڪنن جي پيدا ڪرڻ جو ذمو کنيو هوم. کين لکيو هوم تہ جڏهين اوهان ايڏي قرباني ڪري، مسز قاضيءَ کي بہ ڪجهہ وقت لاءِ اتي ڇڏي رهبانيت واري زندگي گذارڻ لاءِ تيار هئا، تہ منهنجي لاءِ لوڪلبورڊ، ٻئنڪن ۽ ٻئي سماجي ڪاروبار کي ڦٽو ڪري، پنهنجي ڳوٺ ۾ توهان جي خدمت ۾ رهڻ ڪا ڏکي ڳالهہ ڪانہ هئي. ان منهنجي لکڻ هن جي حساس دل تي اهو اثر ويهاريو تہ هي نوجوان ضلعي لوڪلبورڊ جو پريزيڊنٽ ٿي، ٻئنڪن جو ڊاريڪٽر رهي، سماجي ۽ سياسي زندگيءَ ۾ اهم پارٽ ادا ڪري رهيو آهي- متان ان جي ڇڏڻ ڪري ڪا حسرت نہ رهجي وڃيس ۽

پوءِ پڇتائي. ان ڪري هي خط لکي وري مون کي مشڪلاتن کان متنبهه ڪري ٿو. هن خط پهچڻ کان اڳ آءٌ 14 جولاءِ تي هندوستان جي سير لاءِ بمبئي ۽ پوني وغيره طرف روانو ٿي ويو هوس.]

(15)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

معرفت امپريل بئنڪ آف انڊيا، لنڊن،
13 - آگسٽ، 1931ع

پيارا شاهه صاحب،

منهنجي خط جو جواب نه پهتو آهي. اميد ته پهتو هوندو. جواب جلد موڪل.

سلام ۽ برڪتون.

امداد قاضي

[جيئن ته اڳئين خط پهچڻ کان اڳي هندوستان جي سير تي نڪري ويو هوس، ۽ اتي ٻه مهينا ڪن هوس، ان ڪري انتظار ۾ هي خط لکن ٿا، جو ڪيس مون وٽان جواب ڪونه پهتل هو.]

(16)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

22 - اولڊ براڊسٽريٽ، لنڊن
9 - سپٽمبر، 1931ع

Gul Hayat Institute

پيارا شاهه صاحب،

هي ٽيون خط موڪليان ٿو، ٻن جو جواب ڪونه پهتو آهي. تمام مشغول آهين ڇا؟ ضرور هوندين. آءٌ ته سست آهيان. پر جيڪڏهين توکي تمام گهٽي مشغولي آهي، ته خوف ٿئي ٿو ته قيمتي ڳالهه وساري نه ڇڏين. ڇا، ڪيل وعدي تي قائم آهين؟ تو مون کي جواب نه ڏنو آهي. ان ۾ منهنجو قصور نه آهي.

سلامن ۽ برڪتن سان

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[آءُ 14 جولاءِ کان آگسٽ جي آخر تائين، بمبئي، پوني، حيدرآباد دکن، آگري، دهليءَ، سرهند، لاهور ۽ ڪشمير طرف ويل هوس. ان ڪري واپس اچڻ بعد مٿيان ٻيئي خط گڏ پڙهيم. يڪدم جواب ۾ خط موڪليم.]

(17)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

معرفت امپريل بئنڪ آف انڊيا، لنڊن
9 - آڪٽوبر، 1931ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجا ٻه خط يڪ بعد ديگر ساڳئي هفتي ۾ پهتا. مون کي تو وٽان خطن جي وقت اندر جواب نه اچڻ ڪري تعجب پئي ٿيو. هاڻ پتو پيو ته ان جو سبب هندوستان جي سير لاءِ ٻاهر وڃڻ هو. مون کي هيءَ ڳالهه معلوم ڪري خوشي ٿي آهي ته تون هندوستان جو سير ڪري آيو آهين. قرآن ان لاءِ خاص تاڪيد ڪيو آهي ته "فانتشروا في الارض وبتغوا" ڪو دور هو، جو مذهب سمنڊن تي سفر ڪرڻ کان منع ڪئي هئي - جيئن ويدڪ مذهب ڪيو هو. ان معاملي ۾ "لڪل اجل ڪتاب" جي صداقت معلوم ٿئي ٿي. سڀ ڪنهن دور جي تقاضائن مطابق مذهب جدا حڪم ڏنا آهن، جن جي مڃڻ لاءِ خاص راز رکيل هو.

اسان جو گانڌي ڪيترن انگريزن، يورپين ۽ آمريڪن کي پسند پيو ٿو. هي ان جو لائق آهي. مون کي سنڌس لاءِ هندن کان گهڻ پيار ڪونه آهي. هي هر ڳالهه ۾ عزت جو لائق آهي.

تون پيو لکين ته هاڻي غريب مسلمانن جو کهڙو حال ٿيندو! حيف آهي انهن کي جي مسلمان سڏائي حقيقت ۾ مسلمان نه آهن. مسلمان غريب ٿئي، اها ڳالهه ناممڪن آهي. انڪري مون کي عزت ماب گرونانڪ جا لفظ ياد پون ٿا ـ

"مسلمان ڪهاوڻ مشڪل هووي"

سنڌس اها مصرع نهايت پُر معنيٰ آهي. مسلمان ڪير آهي؟ مسلمانيءَ جي پد تي پهچڻ ڪيڏو نه مشڪل ڪم آهي! تنهن ڪري گرو صاحب جن فرمائين ٿا ته مسلمان تڏهين سڏاءِ جڏهين صحيح طور تي مسلمان ٿيو هجين.

Gul Hayat Institute

هي قول آهي سک پنٿ جي بانيءَ جو. ڇا مسلمان ۽ سک سندس انهن لفظن جي معنيٰ پروڙي سگهيا آهن؟ نه. سک پاڻ مسلمانن جا وڏا دشمن ٿي پيا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي گرو نانڪ جي پيروي نٿا ڪن. اڄ ڪلهه جو اڪثري مسلمان بيو ڪجهه به هجي، پر مسلمان نه آهي. وڏي ۾ وڏي دعا جا پيغمبرِ اسلام گهُري، سا اها هئي ته ”يا خدا مون کي سڃاڻپ ڏي!“ اسان مان ڪير ان جو ڳولائو آهي؟ خسيس خواهشن اسان کي ويڙهي ورتو آهي، ”والعصر“ گهڻن پڙهي هوندي، پر ڪن ٿورن کي پتو هوندو ته ”والعصر“ جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟ اها هيءَ آهي ته ”زماني تي غور ڪريو“! ان کان پوءِ حڪم ڏنل آهن ته ڪهڙي طرح وقت ”عمل الصالحات، وتواصوبالحق وتواصو بالصبّر“ ۾ گذارڻو آهي. تنهنڪري وقت ڏنل حڪمن مطابق صرف ڪرڻو آهي. ٻيءَ صورت ۾، ”ان الانسان لفي خسر“- ماڻهو ڇيئي ۾ پوندو.

منهنجا وطني ڀائر، جي پاڻ کي هندو سڏائين ٿا، تن مان ٿورن کي سندن تاريخ ۽ حڪمت جو پتو آهي. ڪم از ڪم مون کي ته ديوان ڏيارام کان سواءِ ٻيو ڪو ڏسڻ نه آيو آهي. ٻئي طرف مسلمانن کي سندن مذهب جي گهٽ خبر آهي. سک ته سندن مذهب کان قطعي اڻ واقف آهن. ان حالت ۾ منجهن ڪهڙيءَ طرح اتحاد، امن ۽ ترقي ايندي. هلڻ کان اڳ روشني جي ضرورت آهي. اسان سڀ اهڙيءَ ٿهه اونداهيءَ ۾ ڦاٿا پيا آهيون، جو روشنيءَ جي وجود کان بي خبر ٿي ويا آهيون. روشني ”والله نورالسمٰوات والارض“ جي سڃاڻپ آهي.

پيارا ڀاءُ، سنڌين کي تيار ڪر ته انهيءَ نورِ هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن. هندو ڀائر وڏيڪ سڄاڳ آهن. مسلمانن کي سڄاڳ ڪر. مسلمان زميندار هر سال جيترو پيسو وڪيلن جي فين تي خرچ ڪري ٿو، ان مان وڏو ڪاليج هلي سگهي ٿو. ڪيتري قدر گمراهيءَ ۾ گرفتار آهن!

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[هيءُ خط منهنجي بن خطن جي جواب ۾ خاص طرح هدايت لاءِ هو.]

Gul Hayat Institute

(18)

(انگريزي مان ترجمو)

22 - اولڊ براڊ اسٽريٽ، لنڊن

2 - ڊسمبر، 1931ع

پيارا شاھ صاحب،

گھڻو وقت گذريو آھي تہ خط ڪونہ لکيو اٿئي. اڄ وزير اعظم برطانيہ سنڌ کي جدا صوبي بنائڻ جو اعلان ڪيو. پر ان [جوابداري پوڻ جو] ڪنھن کي احساس آھي؟ [سنڌي] مسلمانن کي سندن ڪاھليءَ، جھالت ۽ فضول خرچيءَ تي شرم ڪونہ ٿو اچي. اسلام جو شاندار نالو نا اھل ماڻھن لاءِ ڏک ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو. جي صرف نالي جا مسلمان آھن! اسان کي بئي ڪنھن سان بہ جھيڙو نہ ڪرڻو آھي، صرف ڪاھليءَ سان ڪرڻو آھي. جنھن مان جسم، دل، روح ۽ سنڌ کي نقصان پھچي ٿو. ان مان منھن جو مقصد، خدا جي عطا ڪيل نعمتن جن مان زمين بہ ھڪ آھي، ضايع ڪرڻ آھي. آءُ ٻڌان ٿو تہ سنڌ جا ھندو مسلمان ھڪ ٻين کي نقصان پھچائڻ گھرن ٿا. مھرباني ڪري مون کي ان بابت صحيح حقيقت لکي موڪل. چاڪاڻ تہ ان بابت احوال معلوم ڪرڻ واسطي مون ڪيترن کان لکي پڇيو آھي، پر ڪٿان بہ جواب ڪونہ پھتو اٿم. ان ڪري مون کي شڪ پيدا ٿئي ٿو. تنھنڪري سموري ڳالھہ لکي موڪل. ڇا ٻيئي ڌريون پاڻ ۾ وانگر رھي نٿا سگھن، سواءِ خالي ڏکھين دعوائن ۽ خالي ٻٽاڪن ھڻڻ جي. ڇا تعليم يافتہ ھندو مسلمانن کي تعليم ڏيڻ سان عملي پاڻيءَ جو مثال پيدا ڪري نٿا سگھن؟ ۽ مسلمان انھن جي ھر طرح خدمت ۽ محبت سان ڪين ويجھي اچڻ جي ڪوشش ڇو نٿا ڪن؟ ماضيءَ جي ڳالھين ڪرڻ مان ڪھڙو فائدو! ڪين صرف صوفي ازم ۽ يوگ جون ڳالھيون ڪھڙو فائدو پھچائينديون! حال کي درست ۽ مستقبل کي روشن ڪرڻ لاءِ ٻنھي ڌرين کي عملي ثبوت ڏيڻ گھرجي.

آءُ توکي ڪراچيءَ جي ائڊريس تي خط لکان يا سن جي؟ تڪڙ ۾ لکڻ لاءِ معافي طلب. ھن دفعي خط سنڌيءَ ۾ لکي موڪل. جنھن ۾ گذريل انن مھينن جي سنڌ ۾ سرگذشت جو احوال تفصيلوار لکي موڪل. مون کي ان طرف جي ڪا بہ صحيح خبر ڪانہ ٿي پھچي.

تنھنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

Gul Hayat Institute

[هن خط ۾ نئين صوبي سنڌ جي مستقبل ۾ تعمير لاءِ هندو مسلمانن جي گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ خواهش جو اظهار ٿيل آهي.]

(19)

(سنڌيءَ ۾ لکيل)

48 - پيمبروڪ روڊ،
براملي ڪينٽ، انگلينڊ
26 - جنوري، 1931ع

بجناب محب محترم شاه صاحب سلمہ العزيز،
السلام عليڪم ورحمت الله وبرڪاتہ.

اخوي صاحبا، گهڻن ڏينهن کان پوءِ مس مس خط پهتو، پر خط بہ بي شڪ خطن جهڙو آهي. اونداهين لاءِ روشني هئي، گهڻو مشڪور ۽ ممنون ٿيس.

عام طور سنڌين جو رواج، عام چوڻيءَ مطابق تہ "جي چلهہ تي سي دل تي" جو هوندو آهي. پر اها چوڻي سنڌ لاءِ خود باعث ملامت آهي. انسان جيئن اعليٰ کان اعليٰ درجي تي تو رسي، تيئن اڪين جي تسلط کان آزاد ٿو ٿئي. اکين پورڻ سان ساري جهان جو سير ڪري ٿو سگهي ۽ ان کانپوءِ عالم بالا جو، بقول شاه صاحب، "جڏهين پيئي منهن واريون مجازٿيون پوري ٿو، تہ پيئي عالم تخيل جي اکين اڳيان ظهور ۾ اچنس ٿا." جيتوڻيڪ سنڌين جي اکين ۾ حياءُ آهي، پر مجازياٺين جي تسلط هيٺ پورا پورا مقبوض آهن. اڻ ڏٺي کي ڏسڻ سندن لياقتن مان نہ آهي. ساريءَ سنڌ ۾ فقط چند انسان آهن، جن لاءِ دل خاص طور ڪڍي ٿي.

"دل را بدل ست راهي"

خط پهچڻ کان پوءِ هڪ عجيب منظر پيش آيم. سن شريف هڪ جاءِ ۾ "مڪتب حڪمت" (School of wisdom) ۽ ٻيءَ جاءِ ۾ "عالمگير مذهب جو مرڪز" (Head qarters of the Relegion of the world) ڏسڻ ۾ آيم. ڇو نہ؟ ماشاءالله! قادر مطلق جي اڳيان ڇا ممڪن نہ آهي- [جي] مشيت ازلي هجي! قرآن هي تو ياد ڏياريم-

والتين والزيتون- وطورسينين- وهذاه البلدالامين.

ڇا نہ دنيا ئي معنيٰ هنن ٻن مقولن شريفن ۾ ڪوزه ۾ دريا وانگر بند ٿيل آهي. پر ڪو سمجهڻ وارو هجي؟

برادر، مون اڳي ئي عرض ڪيو هو تہ مسڪين تيار آهي. انهن ٻنهي محلن شروع ڪرڻ لاءِ - هڪ ۾ عام عالم، ٻئي ۾ خاص دينيات.

سن شريف سنڌ جو مرڪز آهي. جي خدا گهريو تہ هڪ ڏينهن پريان پريان جا ماڻهو سن ۽ سنڌوءَ جي زيارت تي ايندا. عام علم خود دينيات آهي، پر بندوبست جدا ٿيندو. ڪريوس شروع. بسم الله - پر بـِـ اِسم الله - واقعي، نہ محض زباني طور.

خدا ڪري تہ شل اسان جي هندن ڀائرن ڪي مسلمانن ڏانهن حقيقي محبت ۽ همدردي پيدا ٿئي، ڇا اجان معدوم آهي. ڪورين جون سُوسِيُون، ڪيسَ ۽ ڪپڙَ ڪونہ خريدين. 'کَدر خريد ڪريو' جي ڏم پئي پوي. گربيون، رومال..... ڇا ڇا نہ سنڌ اُٿندي هئي! پر مسلمان ڪورين جي غريب گهرن ۾ پئسو ڇو وڃي. پر خير، تنهن ڪي ڇا ڪبو؟

هاڻي وري بہ تو لکان تہ جي تياري هجي تہ اسين بي شڪ اچون، ۽ اميد خدا ۾ آهي، جي مشيت بہ ائين هجي، تہ عالمگير مذهب (World Religion) ۽ ان لفظ جي معنيٰ ڇا آهي، سا سن مان دنيا کي ٻڌايون. ڇا لاءِ تہ دنيا کي خبر نہ آهي ۽ جي ڪن کي آهي تہ مفت لڪائين ٿا.

مسز قاضيءَ بہ خط لکيو ٿو ڏسجي. جي هائو، تہ هائو. وڌيڪ اوهان تي منحصر آهي. اوهان جي جواب جا منتظر هونداسون.

پر هنن خطن جو پڙڪو بہ جڏهن ڪنهن جي ڪن تي نہ پوي. خدا ماٺ ۾ بہ هڪ عجيب طاقت ۽ معنيٰ رکي آهي. هن بابت ڪنهن بہ انسان سان ڳالهہ نہ ڪيندا. جيسين سڀ بندوبست ٿئي. ۽ اسين بہ اتي پهچي وڃون. جي قسمت هجي تہ! آينده مولا جي مرضيءَ تي سڀ منحصر آهي.

فدوي، امداد.

[هي خط مون کي فيبروريءَ جي شروعات ۾ پهتو. مون کين اڳي موڪليل خط ۾ پڪو فيصلو ڪري، کين اچڻ لاءِ لکيو هو. جنهن بابت احوال مسز قاضيءَ سان بہ ڪيائين. جنهن جو جواب هيٺ ڏجي ٿو. انهن جي جواب ۾ مون کين يڪدم لکيو تہ جلد اچن، ٻيءَ صورت ۾ سن ۾ گرم هوائون لڳڻ

Gul Hayat Institute

شروع ٿينديون.ڪين ٻڌايم تہ اهو مناسب نٿو ڀانيان تہ گرمين ۾ اچڻ ڪري اوهان کي سن بابت ڀهريان ئي غلط تاثر پيدا ٿين. گرمين ۽، بارشن ۾ بہ چئن ڏينهن لاءِ مچر بہ ٿين ٿا. اها ڳالهہ بہ ڪين گوش گذار ڪيم.]

[مسز قاضيءَ جو] (20) (انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪريگمور،

48 - پيم بروڪ روڊ،

براملي - ڪينٽ، انگلنڊ.

27 - جنوري، 1932ع

ڊيئر مسٽرشاه،

منهنجي مڙس کي اڄ صبح جو اوهان کان خط پهتو. پڙهي نهايت خوش ٿيو. مون معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اها ڪهڙي ڳالهہ هئي جنهن ڪيس ايتري خوشي بخشي هئي. پر جيئن تہ خط سنڌيءَ ۾ لکيل هو، سو سمجهي نہ سگهيس. پر قاضي صاحب ان بابت سموري ڳالهہ مون کي ٻڌائي تہ سيد خواهش ظاهر ڪئي آهي، تہ اسان ڀيئي اچي اوهان جي ڳوٺ ۾ اوهان سان رهون. ان ۾ اوهان جي بنگلي جي دريا جي ڪناري تي هئڻ جو منظر چٽيل هو. اها دعوت اهڙي دلاويز هئي، جو مون خيال ڪيو تہ دريا جي ڪناري تي ويهي، خوش خواب لهي، شعر لکان، يا رات جو چنڊ جي روشنيءَ ۾ ٻيڙيءَ جو سير ڪريان.

مون کي ياد آهي تہ جڏهين اسان انڊيا ۾ هئاسون، تہ اوهان مهرباني ڪري اسان کي ڪراچيءَ جي بنگلي ۾ رهڻ لاءِ دعوت ڏني هئي. پر وڏا شهر مون لاءِ ايترو دلچسپيءَ جو باعث نہ آهن، جهڙو ڳوٺن جو نظارو. مون کي سنڌ جي ڳوناڻي زندگي لاءِ نهايت پيار آهي. مون سدائين ڳوٺن کي شهرن تي ترجيح ڏني آهي. وڏا شهر گندي پاڻيءَ جون کڏون آهن. گوڙ گهمسان جا ڪُنَ آهن ۽ ڪاروبار جا اڏا آهن. پر ڳوٺ آرام جا آستان ۽ پاڪيزه جايون آهن، خاص ڪري ان ماڻهوءَ لاءِ جو خيالي دنيا ۾ رهي، شعر چوڻ گهري- جنهن ڪم لاءِ وڏا شهر بيڪار آهن. بيشڪ اونهاري ۾ اتي گرمي ٿيندي هوندي. پر قوي گمان آهي تہ سن جو ڳوٺ (اُتر سنڌ وانگر) تمام گرم نہ هوندو يا گرميءَ کي جهولڻ سان گهٽائي سگهجي ٿو. مون کي جهولڻا بجليءَ جي پکن کان وڌيڪ

پسند آهن. جيڪڏهين انهن کي چڱيءَ طرح هلائجي تہ انهن مان گهٽي هوا لڳي سگهي ٿي. پر بد بختي اها آهي تہ پڪي ڇڪڻ وارن کي اڪثر ننڊ ڪٽيو وڃي، ۽ ارمان ٿئي ٿو تہ انهن جي تڪليف اسان جي آرام جو باعث بنجي ٿي. پر جيڪڏهن وڏيڪ پڪي وارا رکيا وڃن، جي واري سان پکا ڇڪيندا رهن، تہ انهن لاءِ ايترو تڪليف ده نہ ٿيندو. منهنجي خواهش آهي تہ ايڏا وڏا پَرَ هُجنِم تہ يڪدم اڏامي اتي پهچي وڃان. باوجود ان جي مون کي يقين آهي تہ اوهان جي ان دعوت جو جلد فائدو وٺنداسون.

جڏهين اوهان جلد هن دفعي منهنجي مڙس کي خط لکو تہ مون کي بہ خط لکندا تہ اهڙو ڪو انتظام ٿي سگهي ٿو جو ڪجهہ قدر گرميءَ کان اسان کي بچائي سگهي.

ڇا اجان بہ اوهان سخت مشغول رهي، ننڊ گهٽ ڪريو ٿا! اميد تہ ان عادت کي گهٽ ڪيو هوندوَ. جيڪڏهن اسان اتي آياسون تہ اوهان کي آرام وٺڻ سيکاريندا سون. فڪر ڪرڻ طرف گهٽو خرافات دنيا جي ڪمن طرف گهٽ ڌيان ڏيارڻ لاءِ اوهان کي هيرائينداسون.

مون کي اجان تائين اهي ننڍيون دلچسپ ڪهاڻيون ياد آهن، جي اوهان اسان کي حيدرآباد ۾ اچي ٻڌائيندا هئا. اسان اهي ٻڌي، خوش ٿيو وندرندا هئاسون. مون کي اُميد آهي تہ اوهان هن وقت تائين انهن جو وڏيڪ ذخيرو ڪئو ڪيو هوندو، جي اوهان تنهن وچ ۾ ڳوناٺن کان ٻڌيون آهن. آءٌ اهڙي موقعي جي انتظار ۾ آهيان. مهرباني ڪري لکو تہ ڪهڙي شيءِ اوهان لاءِ هتان آڻيون. مهرباني ڪري ان پروگرام بابت اجان ڪنهن سان ڳالهہ نہ ڪندا، جيئن اسان جو اتي اوچتو اچڻ تعجب خيز نموني ۾ ٿئي.

سلام.

اوهان جي مخلص

ايلسا قاضي

[ٻنهي جي خطن پهچڻ بعد ڪين جدا خط لکيم، جنهن ۾ ڪين لکيم تہ جهڙيءَ طرح ڪين انتظار آهي، ان کان وڏيڪ مون کي آهي. مسز قاضيءَ جي خط ۾ وڏيڪ لکيم تہ، آءٌ جيڪي بہ هن وقت آهيان اُن جو مکيہ سبب سندن

صحبت فيض بخش جو اثر آهي، ورنہ آءٌ هڪ ڳوناٺو اڌ پڙهيل، انهيءَ ڪلاس جو فرد آهيان، جن جي اڪثريت خود مطلب، جاهل، ذهني ۽ دلي خوبين کان محروم آهي. ان جي دليل ۾ مون شيخ سعدي عليہ جو هيٺيون بيت ڪيس لکي موڪليو هو-

گــــل خوشبوءِ در حمــام روزي — رسيدم زدسـت محبوبـي بدسـتم
بدو گفتم ڪہ مشڪ يا عنبيري — ڪـہ آز بوئـي دلاويـزي تـو مسـتم
بگفتـا مــن گـل نـاچيز بــودم — و ليڪــن مدتــي بـــاگل نشـــتم
ڪمال هم نشين درمن اثر ڪرد — و گـر نہ مـن همان خاڪم ڪہ هستم

معني: هڪ ڏينهن حمام خاني ۾ خوشبودار مٽي مون کي پنهنجي محبوب کان دستياب ٿي. ان کان تعجب ۾ پڇجي مون پڇا ڪئي تہ ڇا تون مشڪ يا عنبر آهين، جو تنهنجي دلاويز خوشبوءِ مون کي مست بنائي ڇڏيو آهي! اُن تي ان مٽيءَ جواب ڏنو تہ ”آءٌ اُهائي ناچيز مٽي آهيان، ليڪن ڪو زمانو گلن جي صحبت ۾ رهي آهيان، انهن جي صحبت جي ڪمال مون تي اثر ڪيو آهي، نہ تہ اصل ۾ مان اهائي خاڪ آهيان، جا پيرن هيٺ لتاڙجي ٿي! ان جي جواب ۾ مسز قاضيءَ مون کي هيٺيون خط موڪليو.]

(مسز قاضيءَ جو) (21) (انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪريگمور

پيمبروڪ روڊ،

براملي ڪينٽ، انگلنڊ.

12 - اپريل، 1938ع

ڊيئر سيد غلام مرتضيٰ

مٿين [سنڌيءَ ۾ لکيل] اکرن مان توکي پتو پوندو تہ آءٌ ڪوشش ڪري رهي آهيان تہ سنڌي سکان. پر مون کي پڪ آهي تہ اهي اکر صحيح نہ هوندا. منهنجي خيال موجب انهن ۾ ڪيتريون چُڪون هونديون. مون [سنڌيءَ ۾] ڊيئر غلام مرتضيٰ لکڻ گهريو ٿي. مون کي شڪ ٿي پيو تہ شايد تون پڙهي بہ نہ سگهيو هوندين، جو اُن ۾ گهڻيون چڪون هونديون. تنهنجي بنهي خطن لاءِ مهرباني، جو تو اسان بنهي کي چند ڏينهن ٿيا تہ لکيا آهن.

Gul Hayat Institute

تو جيڪي خط ۾ محبت آميز لفظ اسان لاءِ ڪتب آندا آهن، انهن لاءِ شڪريو ادا تي ڪريان. تو پرشن شاعر سعديءَ جون مصراعون، جي لکيون آهن، مسٽر قاضيءَ انهن جو ترجمو ڪري مون کي ٻڌايو آهي. ان جو پنهنجي شاعرانه طبيعت موجب آءٌ پنهنجي طريقي تي جواب موڪليان ٿي.

”جنهن گل، مٽيءَ کي خوشبوءِ ڏني، ان مون سان جا سندس ڳالهه بيان ڪئي آهي، سا هيءَ آهي ته اصل ۾ اهو گل خوشبوءِ کان سواءِ هڪ ٻوٽو هو. هاڻ اهو گل بنجي پيو آهي. جڏهين اُن کان پڇيم ته هو ڪهڙيءَ طرح گلاب بڻيو، ڪنهن منجهس حسن پيدا ڪيو ۽ ڪهڙيءَ طرح ان ۾ خوشبوءِ آئي،“ ته گل جواب ڏنو ته ”رڳو ڪالهه آءٌ مٽيءَ جي ڪونديءَ جي پير ۾ پيل هوس، جتي مٽيءَ جو ڍير هو. اهو ڍير محبت جي جلوي سان پرپور هو. ان جي پاڪ تجلي آهستگيءَ سان مون ۾ پر جي ويئي، جنهن جي طفيل ئي مون ۾ خوشبوءِ پيدا ٿي آهي. محبت جي غير فاني نور مون کي خوبصورت ۽ چمڪندڙ بنايو آهي. هاڻ آءٌ ٻوٽو نه آهيان. محبت جي نظر مون کي گلاب بنائي ڇڏيو آهي.“

سو تون ڏسي سگهين ٿو ته اها محبت جي ڪيميا ئي هئي، جنهن هڪ رواجي ٻوٽي کي رنگين ۽ خوشبودار گلاب ۾ بدلائي ڇڏيو.

تون محبت جي اکين سان، جي محبت جي نشي ۾ مخمور آهن، خدا جي بنايل شين تي نگاه وجهين ٿو، تنهنڪري توکي سڀ شيون خوبصورت ۽ خوشبودار ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. جڏهين تون پکين کي قرب ۽ محبت جي نظر سان ڏسين ٿو، ته اهي پکي تنهنجي نگاه ۾ بهشتي بنجيو پون. اها محبت جي روشني هئي، جنهن مٽيءَ جي ٽُڪري کي خوشبوءِ ۽ حسن واري گلن جي صورت عطا ڪئي. پر مٽيءَ جي ڍير کي انهيءَ حسن پيدا ڪرڻ جو علم ئي ڪونه هو. حَسين کي پنهنجي حسن جو پتوئي نه هوندو آهي.

ايترو سعدي جي شعر لاءِ ڪافي آهي.

مون لاءِ ان بابت راءِ قائم ڪرڻ مشڪل آهي ته جنهن شاعر اهي موتين جهڙا شعر چيا آهن، تنهن وڏيڪ ڪمال ڪيو آهي يا اُن ماڻهوءَ جنهن سهڻا موتي چونڊي انهن کي عمديءَ مالها جي صورت ونائي آهي؟ موتين جي خوبصورت مالها بنائڻ به وڏو فن آهي. بنا شڪ جي خدا تو ۾ اها جادوءَ پري ذات پيدا ڪئي آهي، جو ڪِنَ جيتري عرصي ۾ تون پنهنجو هٿ شعر جي پندار

۾ وجهيو، ڪڏهين موتي ڪڏهين لعل. ڪڏهين زمرد ٻاهر ڪڍيو ونين. ۽ پوريءَ طرح موقعي جي تقاضا موجب پوئي، خوبصورت هار ٺاهيو ڇڏين. مون تو ۾ حيدرآباد ۾ ڪاڏي جي ميز تي ويهڻ وقت اها لياقت اڪثر پرکي هئي.

هاڻ چند لفظ تنهنجي سن واري بنگلي ۽ اسان جي اتي اچڻ بابت لکنديس. اها ڪهڙي نه سٺي ڳالهه آهي، جو اسان جي رهڻ لاءِ اهڙي پر فضا جاءِ ڪي چونڊيو اٿئي. آءٌ سمجهان ٿي ته درياءَ سنڌ جي ڪناري تي اها واقعي خوبصورت جڳهه هوندي. اهو دلچسپ مڪان درياءَ جي ڪناري تي گلن، باغن ۽ اونهاري ۾ دريا جي پُر منظر نظاري سان اکين اڳيان پيو ڦريم، ان مون کي ايڏاهين اچڻ لاءِ نهايت هرکايو آهي. جيڪڏهن مون وٽ علاوالدين وارو جادوءَ جو غاليچو ميسر ٿي وڃي ته يڪدم اتي پهچي وڃان. تو وٽ هجي ته اسان ڏي ڏياري موڪل. اها افسوس جي ڳالهه آهي ته جديد سائنسدانن اجان ڪو اهڙو سواريءَ جو ذريعو ڳولي نه ڪڍيو آهي، جو ڇهه هزار ميل پنجن منٽن ۾ طئه ڪري وڃي. شايد ڪنهن ڏينهن اها ايجاد به ڪن. ان وچ ۾ صرف انساني فڪر تڪي ۾ تڪو هر جاءِ تي پهچڻ جو ذريعو آهي. سو آءٌ هن خط لکڻ وقت فڪر جي هوائي جهاز ۾ اتي پهچي چڪي آهيان. آءٌ ڪالهه، ٽيون ڏينهن ۽ ان کان اڳ به سن جو سير ڪري آئي آهيان. ڪنهن وقت رات جو اتي فڪر جي پکن تي اُڏامي سن اچان ٿي، جتي دريا جو نظارو خاص ڪري چانڊوڪيءَ رات ۾ پرلطف ۽ آرامده آهي. اتي جديد شهري زندگيءَ جي گهمسان کي مون تائين پهچڻ جو امڪان ئي نه آهي. اتي جڏهين فڪر جي خوابن ۾ غرق ٿيان ٿي، ته خوبصورت رات جا تارا منهنجي مدد ڪن ٿا. ان سبب ڪري ڪڏهين موٽڻ ۾ دير ٿي ڪريان، ته پر واريءَ مسجد مان اذان جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. پر باوجود ان جي [موٽي اڏامڻ وقت] سنڌ جي دنيا کي سٽل ڏسان ٿي- ڪير تو موذن حقيقيءَ جو آواز ٻڌي؟

جيڪي تو گرم موسم بابت لکيو آهي اهو سچ آهي. مون کي شخصي طور گرم موسم ۾ تورن مچرن جي پرواه نه آهي. پر مسٽر قاضي انهن ڳالهين ۾ مون کان زياده ڊڄي ٿو. تنهنڪري چوي ٿو ته سن ۾ اسان کي بارشن کان پوءِ اچڻ گهرجي.

شهر کان تنهنجو بنگلو گهٽو پري آهي؟ معلوم ائين ٿئي ٿو ته شهر دان ڪجهه مڙيئي دور آهي. آءٌ واقعي هن سائنٽيفڪ ماحول کان تنگ ٿي چڪي

Gul Hayat Institute

آهيان. موٽر ڪارون، هوائي جهاز، ايليڪٽرڪ سٽي، ريڊيا، وائرليس، سائنيمائون، ٿئيٽر، ناچ گهر، وڏيون شاپون، هر قسم جي جديد سامان سان پيريل ۽ زندگيءَ ڪي سهل بنائڻ جا مختلف ذريعا سڀ هتي موجود آهن. پر جيئن وڏيڪ آرامده زندگي، تيئن شعر جي آمد گهٽ. هتي سڀڪو جلدائيءَ سان آرام، پيسي ۽ وڏي نالي حاصل ڪرڻ لاءِ ڊوڙي رهيو آهي. اهو گهڻن ڪي وسري ويو آهي ته اسان هتي فاني ملڪيت هٿ ڪرڻ لاءِ نه آيل آهيون پر دائمي روحاني ترقي حاصل ڪرڻ لاءِ پيدا ٿيل آهيون. جيئن زندگيءَ ڪي اسان وڏيڪ خوبصورت ۽ قيمتي بنايون. يورپ ۾ اڄ ڪلهه جو نعرو ”تيز رفتاري“ آهي. هتي فڪر ۽ آرام لاءِ، جنهن مان روح کي راحت ملي، جڳهه نه آهي.

مون کي آرام، شانتي، شعر ۽ دائميت جي حصول جي ضرورت آهي. مون کي هتي جي ڊانسنگ هالن جي ”جازي پيازن“ کان ڳوناٺي نار جو آواز وڌيڪ پسند پوندو. آءٌ گوڙ گهمسان موٽر ڪارن جي هارنن، هوائي جهازن جي آوازن، مئڪسوفن جي دانهن کان دور رهڻ چاهيان ٿي.

اميد ته هي خط توکي بمبئي وڃڻ کان اڳي پهچي ويندو.

نهايت پيار سان

ايلسا قاضي

[هي بيئي خط پنهنجو احوال پاڻ ظاهر ڪن ٿا. انڪري انهن جي وضاحت جي ضرورت نه آهي.]

Gul Hayat Institute

(22)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

48 - پيمبروڪ،

براملي، ڪينٽ، انگلنڊ.

27 - اپريل، 1932ع

پيارا شاه صاحب.

تنهنجا پيار پريا خط مون ڏي ۽ مسز قاضيءَ ڏي نهايت همت افزا هئا. پر اسان فيصلو ڪيو آهي ته بهتر ٿيندو ته اتي گرمين گذرڻ کان پوءِ اچون. تنهنڪري ڪجهه مهينا ترسي، پوءِ ايندا سون. جنهن جاءِ تي تون اسان کي

رهائڻ گهرين ٿو. نهايت ڪشش ڪندڙ آهي. اسان مڇرن جون مهاريون ونيو ايندا سون. جيڪڏهين انهن جي پيدا ٿيڻ جي جاين کي صاف رکي سگهجي، تہ پوءِ مڇرن جي تڪليف گهٽ ٿي سگهي ٿي.

مون کي خوشي ٿئي ٿي تہ باوجود مشڪلاتن جي تون ضلعي لوڪلبورڊ جي عهدي تي هلندو اچين. دادوءَ بابت تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ جو نہ ماڻهن کي اُن لاءِ دلچسپي پيدا ڪجي. اسان کي ڀاءُ چينمل جي مشڪلاتن جو نهايت ارمان آهي. هن ۾ وڏي قربانيءَ جو مادو موجود آهي. جيل ۾ وڃڻ وڌيڪ تڪليف ده آهي بنسبت جنگ جي ڪاهين ۾ رهڻ جي. غير مسلم فرقي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ انهن ۾ قرباني ۽ مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جو مادو زياده موجود آهي. اها ڳالهہ جدا آهي تہ سندن طريقہ ڪار ۽ اقليتن ڏي رويو غلط يا صحيح هجي- پر هنن انساني ترقيءَ جي راهہ ۾ پهرينءَ آزمائش [قربانيءَ] ۾ واقعي ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. جنهن ڳالهہ کي هو صحيح سمجهن ٿا، ان لاءِ قرباني ڪرڻ جو هنن پاڻ کي اهل ثابت ڪيو آهي.

افسوس تہ اسان مسلمانن بابت اهڙي هام هڻي نٿا سگهون. اهي روز بروز پوئتي پئجي رهيا آهن. جن ڪنهن زماني ۾ دنيا کي ثابت ڪري ڏيکاريو هو تہ سندن حياتيون خدا وٽان اُڌار ورتل هيون، جن جي گهر ٿيڻ تي هو اُهي موٽائي ڏيڻ لاءِ بذل هئا- اهي جي بہ جملن ۾ گهيريل هئا: لا قوت الا بالله العلي العظيم، لا غالب الي الله اهي اڄ پيٽ جا پوڄاري ٿي، چون ٿا تہ "نام نم بده و ڪفش بر سرم بزن." اها سندن پستيءَ جي حالت آهي. پيارا شاهہ، منجهن بيداري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. سياست کي حال پاسي رکي، ڪين منظم ڪري ان پستيءَ مان ڪڍين.

ستل قوم جي ڪهڙي پاليسي ٿي سگهي ٿي!

مون کي پتو نہ آهي تہ ميران محمد شاهہ ڇا پيو ڪري. اها بہ خبر نہ اٿم تہ سنڌ جي جدا ٿيڻ تائين، پنهنجن افعالن ڪري ڪيترا زميندار ۽ جاين جا مالڪ باقي وڃي بچندا. اها سنڌ جي جدائي سندن لاءِ ڪهڙي فائدي جي ٿيندي، جڏهين سندن قبضي ۾ رهيل زمين جي ايراضي روز بروز گهٽجي رهي آهي. غير مسلم فرقي جو نظام ايڏو وڏو آهي، جو ننڍي کان وڏي تائين هو هڪ ٻئي جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ٻئي طرف مسلمان هڪ ٻئي جا ڳلا ڪاٽي رهيا آهن.

Gul Hayat Institute

تون صحيح آهين تہ حالتون اهڙيءَ ڪڙيءَ تي پهتل آهن، جو اهي هندو، جي تعصب نتا رکن، سي بہ مسلمانن لاءِ ڪجهہ ڪري نتا سگهن. پر اسان ڪين کهڙو ڏوهہ ڏيئي سگهون ٿا! جڏهين ڏسو پيا تہ مسلمانن خود خدا ڪي بہ وساري ڇڏيو آهي. هنن ڪي دائمي ننڊ ۾ سمهڻ جي خواهش آهي. جو بہ ڪين سجاڳ ٿيڻ لاءِ چوي ٿو، ان ڪي هو بد ترين دشمن سمجهن ٿا. پر باوجود ان جي، تو جهڙن ماڻهن ڪي سندن خدمت کان ڪڪ نہ ٿيڻ گهرجي. منادي (دانهن) ضرور هلي اچي. من ڪو ٻڌي سجاڳ ٿئي.

ڪاش اهي صحيح دعا گهري سگهن، تہ بہ چڱو.

وقت بوقت خط لکندو ڪر. اميد تہ اسان جلد توسان اچي ملنداسون.

اسان جا آداب ۽ سلام رسن

تنهنجو مخلص

امداد قاضي

[متي ذڪر ڪيل خطن مان قاضي صاحب ۽ مسز قاضيءَ جي هيٺين ارادن ۽ خواهشن جو پتو پوي ٿو –

(1) قاضي صاحب ڪي اتحاد انساني ۽ امن عالم جي پيغام لاءِ سنڌ جي سرزمين مان ڪن مخلص ڪارڪنن جي پيدا ڪرڻ لاءِ سن ۾ مرڪز کولي ڪم ڪرڻ جي ڳالهہ پسند هئي.

(2) سنڌي عوام، جن ۾ اڪثريت نالي ۾ مسلمان هئي، جي پست پيل حالت جو ڪيس شديد احساس پيدا ٿيل هو، ۽ انهن جي سماجي حالت درست ڪرڻ جو ڪيس بيحد ارنو وينل هو.

(3) سنڌ جي جدا ٿيڻ بعد هتي جي سياستدانن تي جي جوابداريون پوڻ واريون هيون، ان جو پورو پورو احساس هوس، تنهنڪري سنڌ جي خود مختياريءَ لاءِ سازگار فضا پيدا ڪرڻ جو خواهش مند هو.

(4) مسز قاضي پر فضا مڪان اندر ساڳئي مقصد ڪي شعر ۽ آرٽ ذريعي زرخيز بنائڻ جا خواب ڏسي رهي هئي.

اسان جي بدقسمتيءَ ڪان سندن ارادا ۽ خواهشون هنن جي زندگيءَ ۾ سر انجام نہ ٿي سگهيا. ليڪن هن ڳالهہ کان انڪار ڪرڻ ڪفر نعمت ٿيندو، تہ باوجود ڪيترن قومي صدمن ۽ رڪاوٽن جي، هن وقت سنڌين جي نئين سر

Gul Hayat Institute

زنده ڪرڻ لاءِ جا خواهش ۽ جذبو ڪم ڪري رهيو آهي، ان ۾ قاضي صاحب جي تعليم، خواهش ۽ دعائن کي وڏو دخل آهي.]

(23)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

48 - پيمبروڪ روڊ،
براملي ڪينٽ - انگلنڊ.
23 - آگسٽ، 1932ع

پيارا شاه صاحب،

منهنجي گذريل خط جو جواب اڃان نـہ مليو اٿم. شايد تون مشغول رهيو آهين. مون حاتم ڏي خط لکي جواب گهريو، پر هن بہ تو وانگر جواب نـہ ڏنو آهي. سنڌ ۾ اهو رواج ٿي ويو آهي تـہ شايد اڍائي آنا ٽڪلين جا وڃائڻ نٿا گهرن. پر جن کي پيار ڪجي ٿو، تن جي احوال معلوم ڪرڻ جي ڳڻتي رهي ٿي. جواب نـہ ڏيڻ بخل نہ آهي تـہ بيو ڇا آهي؟ اسان کي پنهنجي خير و عافيت کان واقف ڪندو ڪر. مون کي توسان گهڻا احوال ڪرڻا آهن. پر اهي تڏهين ڪبا، جڏهين ملنداسون. جواب جلد موڪل.

ڪنهن کي خبر تـہ جيڪڏهن خدا گهريو تـہ اسان توهان وٽ سياري کان اڳ پهچي وڃون!

جلد احوال موڪل. ٻئي خط جو انتظار نـہ ڪر.

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد قاضي

[خبر نـہ آهي تـہ قاضي صاحب جي اپريل ۾ لکيل خط کان پوءِ ڪو خط آيل هو، جنهن جو جواب ڪونہ ڏنو اٿم. پاڻ خط لکي، ان اثر هيٺ رهيو آهي تـہ مون کان ڪيس جواب نـہ پهتو آهي.

ان وچ ۾ سنڌ ۾ هيٺيون خاص ڳالهيون ٿي گذريون -

(1) 5 - اپريل 1932ع تي سنڌ جي جدائيءَ لاءِ مالي ڪميٽيءَ ڪراچيءَ ۾ اچي جانچ ڪئي.

(2) 18- اپريل 1930ع تي ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي جدائي لاءِ ڪانفرنس ٿي.

Gul Hayat Institute

(3) 21 - 22 مئي 1932ع تي پنجين سنڌ اسڪول بورڊ ائسوسئيشن جي ڪانفرنس خانبهادر کهڙي جي صدارت هيٺ گڏ ٿي.

(4) 18 - جون کان 21 جون 1930ع تائين پٽ شاهه جي ميلي جي موقعي تي ميران محمد شاهه ۽ بين دوستن جي ڪوشش سان پهريون دفعو هينين ڪانفرنسن جو انتظام ٿيو.

ائگريڪلچرل نمائش، سوديشي بازار، سنڌ هنري نمائش، ڪوآپريٽو ڪانفرنس، راڳ جي ڪانفرنس ادبي مجلس، زميندارن جي ڪانفرنس ۽ صوفي روح رهاڻ.

(5) سنڌ جي جدائيءَ جي مخالف هندن کي منهن ڏيڻ لاءِ صلاح مشورو.]

(24)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

48 - پيمبروڪ روڊ،
براملي - ڪينٽ - انگلنڊ.
6 - آڪٽوبر، 1932ع

پيارا شاهه صاحب،

مون کي هيءَ خبر ٻڌي نهايت افسوس ٿيو تہ تنهنجي قبيلي جو هڪ نوجوان وفات ڪري ويو آهي. ننڍي هوندي ستابي شاهه کي سڃاڻندو هوس، جو اڪثري منهنجي والد وٽ ايندو هو. پُررعب ۽ وجيهہ نوجوان هو. اسان ڇوڪرا هن کي ايترو سڃاڻندا هئاسون، جيترو مائٽن کي، هي اڪثري گهمندو رهندو هو. پوءِ ڪن نامناسب واقعات ڪيس تڪليف ۾ آندو. اسان کي ارمان ٿيو. پر شايد قدرت کي اهو منظور هو. منهنجي خواهش هئي تہ سندس پٽ شايد تنهنجي اثر هيٺ ڪارائتو ٿي سگهي. پر قدرت جي لکئي کي ڪير موڙي سگهي.

خدا ڪري تون بين جي ڀلي لاءِ گهڻو وقت زنده، هميشه نوجوان رهين، مسلمان کي بيدار ڪندو رهين. تون ان خاندان جو فرد آهين، جن ارشاد ڏنو ٿي. خدا ڪري تنهنجي وڏن جو جوهر ۽ حوصلو تو ۾ قائم رهي. اسان کي تو ۾ گهڻيون اميدون آهن.

Gul Hayat Institute

مون کي ان ڪان ڪابہ وڏي خوشي ڪانہ ٿيندي تہ تو ساڻ گڏجي ڪم ڪريان. خدا ڪري شل اهو ڏينهن اچي مون کي خوشي ٿي آهي تہ تون ڪراچيءَ ۾ بنگلو نهرائي رهيو آهين. اهو سنڌ جي نوجوانن ۾ نئين زندگي پيدا ڪرڻ لاءِ مرڪز ٿي ڪم ايندو.

ڪن سببن ڪري، جي خدا چاهيو تہ روبرو مليس تہ بيان ڪندس تہ اسان هتي رهڻ گهرون تا، پر جيڪڏهين حياتيءَ وفا ڪئي، تہ جنهن ڳالهہ جي مون کي تمنا رهي ٿي، سا اهائي آهي تہ توسان گڏجي سنڌين ۾ ذهني تعليم پکيڙيان - ائين نہ ٿئي، جيئن تون موجوده راين کي ڇڏي ڏين. مون کي اميد آهي تہ تون ڪڏهين بہ ائين نہ ڪندين.

مون کي هي معلوم ڪري خوشي ٿي آهي تہ مسٽر جيٺمل پرسرام هاڻ تندرست آهي ۽ حاتم ۽ مسٽر لالچند بہ خوش آهن. انهن مان ڪنهن کي مون کي ياد ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي جو ان مان ڪين فائدو نہ رسندو. آءٌ ڪين ياد ڪريان ٿو، سا ڳالهہ مون لاءِ ڪافي آهي. آءٌ سندن لاءِ شايد ڪم جو نہ آهيان، تنهنڪري هو مون کي خط نٿا لکن. جنهن صورت ۾ سندن وجود منهنجي لاءِ مفيد آهي، تنهنڪري آءٌ سدائين سندن محبت محفوظ رکان ٿو. اسان سڀ حريص آهيون. تفاوت صرف مختلف شين جي حرص جو آهي. بورچيءَ کي ڪاڏي جو سامان کپي، شاعر کي عمدي نظاري جي ضرورت آهي، اهڙيءَ طرح جيترا ماڻهو اوتريون سندن گهرجون. سڀ ڪنهن کي سندس گهرج جو حصول راضي ڪري ٿو.

مهرباني ڪري پنهنجي تندرستيءَ جو خيال رکندو ڪر. گهٽو ڪم ڪري، پاڻ کي ٿڪائي بيمار ڪري نہ وجهج.

Gul Hayat Institute

جيڪڏهن تون دوستن مان، جمشيد، پي ايم آڏواڻيءَ، شيخ عبدالمجيد کي ملين، تہ منهنجا ڪين سلام ڏج. مون کي پتو نہ آهي تہ ميران محمد شاهہ هن وقت ڇا ڪري رهيو آهي. مون ڪيس خط لکيو آهي، پر جواب ڪونہ موڪليو اٿس. مسز قاضي تنهنجي دلچسپ خط لاءِ شڪر گذار آهي ۽ جلد جواب موڪليندي.

ان وچ ۾ اسان جا پيار ۽ سلام قبول ڪر.

تنهنجو مخلص

امداد

[(1) مون خط لکي، پنهنجي سوٽ شهاب الدين شاه بن ستابي شاه جي جون مهيني ۾ وفاتيءَ جو احوال ڏنو هو، ان ڪري خط ۾ عذر خواهي ڪري ٿو.

(2) ان وچ ۾ قاضي صاحب لنڊن ۾ دنيا جي مسلمانن جي تبليغ جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو، جنهن ڪري سنڌ ۾ اچڻ ڪي مهمل ڪري ڇڏيائين، ۽ پاڻ وڌيڪ مشغول رهڻ ڪري جلد جلد خط لکڻ ڇڏي ڏنائين.

(3) سال 1933ع ۾ قاضي صاحب، سواءِ عيد ڪارڊ جي خط ڪونه موڪليو آهي، يا ممڪن آهي ته آيل خط گم ٿي ويا آهن!

(4) اسان هتي سنڌ جي جدائي جي معاملن، لوڪلبورڊ جي چونڊن وغيره جي ڪمن ۾ مشغول هئاسون. دادو ضلعي جي قائم ٿيڻ ڪري منهنجو توجهه ڪجهه ان طرف به ڇڪيل رهيو.]

(25)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

28 - اولڊ براڊ سٽريٽ، لنڊن،

21 - جون، 1934ع

پيارا سيد صاحب،

مون کي اميد آهي ته خوش خرم آهين. هاڻ اسان کي ڇو نٿو خط لکين؟ ڇا، دنيا جامعمولي معاملا توکي اهڙو مشغول رکيو وينا آهن، جو دوستن کي وساري ڇڏيو اٿئي. آءٌ نٿو سمجهان ته ائين به ٿي سگهي ٿو، جو تون اسان کي وساري ڇڏين. اها افسوسناڪ ڳالهه ٿيندي. آءٌ ڪڏهين حافظ وانگر هي اکر چوڻ لڳان ٿو-

وفا مجوئي ز ڪس در سخن نمي شنوي-
بمهر زه طالب سيمرغ و ڪيميامي باش.

پر وري اُن ڪان ڦري وڃان ٿو. ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه مايوسانه آهي. آءٌ آزرده دليءَ ڪان ان ڏينهن نظام الملڪ پڙهي رهيو هوس: هي پاڻ وڌيڪ عاميانه هو-

يڪ دوست ڪه دشمن نشود آخر ڪار،
بسيار بـﮯ جستم بجهان ڪر ديدم.

Gul Hayat Institute

اهي مثال منهنجي پياري دوست غلام مرتضيٰ سان لڳي نٿا سگهن. منهنجو تنهنجي لاءِ پيار جدائيءَ ۾ سک ڪري پاڻ وڌيو آهي. ڪهڙيءَ طرح تنهنجي محبت گهٽجي سگهي ٿي؟!

دل را بدل است راهي درين گنبذ سپهر.

پر شڪن جي دنيا وري ٻي مصرع ڏيان تي آڻي ٿي -

غلط است آنچ گويند دل رابدل است راهي،

دل من زغفه خون شد دل اوخبر ندارد!

تنهن ڪري آءٌ پريشان ۽ حيران ٿي پيو آهيان. پر پريشاني هڪ منٽ به رهي نٿي سگهي، جڏهين محبت ان تي ڪلي، برو پلو ڳالهائي، ان ٿي هڪالي ڪڍي ٿي.

جاءِ الحق و ذهق الباطل الخ

شڪ گم ٿي وڃي ٿو، جڏهين ايمان اچي ٿو. تاريڪي پڇي وڃي ٿي، جڏهين روشني اچي ٿي، خاص ڪري "سراجاً منيرا" بي فداڪ يا رسول الله.

ان ڪري مهرباني ڪري پنهنجي خوش خيرو عافيت جو احوال موڪليندو ڪر.

تنهنجو دعاگو

امداد قاضي

Gul Hayat Institute

[آڪٽوبر 1932ع کان پوءِ قاضي صاحب جو هيءُ خط محفوظ ٿيل آهي. ان جو مطلب ته 20 مهينا خط قاضي صاحب کان نه آيل آهي. ممڪن آهي مون سندس ڪينٽ واريءَ ائڊريس تي خط موڪليا هجن، جي سندس مڪان بدلائڻ ڪري نه پهتا هجنس، يا ڪو ٻيو سبب هجي، بهر حال جيڪڏهين مون کان خط نه لکڻ جي شڪايت رهي اٿس، ته سندس خط به گهٽي عرصي کان پوءِ آيل آهي. سندس ٻئي خط مان هن عرصي ۾ سندس دلي ڪيفيت ۽ اتي جي اهم مشغولين جي ڪجهه خبر پئجي سگهي ٿي.]

(26)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

28 - اولڊ براڊ سٽريٽ، لنڊن E.C

6 - آگسٽ، 1934ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجو خط پڙهي خوشي ٿي - نه ان ڪري جو گهڻي وقت کان پوءِ مليو، پر خوشبودار شيءِ هميشه پسنديده ٿئي ٿي. منهنجي فطرت شاذو نادر خوبصورت شين مان ڍاپجي ٿي. مون وٽ اهو معاملو آهي ته "دگربيار" ڪي ماڻهو اهڙا آهن، جن جو دستور آهي ته

حلوه چون يڪبار خور دند بس.

پر منهنجو قصو ئي اور آهي. حسين شيءِ سدائين خوشي پيدا ڪريم ٿي. هڪ دفعو آءٌ پيار ڪريان ٿو، ته اهو هميشه لاءِ قائم رهي ٿو. محبت منهنجي زندگيءَ جو جياپو آهي.

ائين مَ هو سچ عام ٿي جٺ مومل وسن مينهن،
سندي حشر ڏينهن سودو سارينديءَ گهڻون.

آءٌ سيني شين ۾ نيڪي ۽ خوبصورتيءَ کي پسند ڪريان ٿو. ان مان ڪڏهين به ڊوُ نٿو ٿئيم. مون کي خبر آهي ته تو ڇا لکيو آهي. پر جيستائين مسلمانن جي پستيءَ جو سوال آهي، سندن مرض لاعلاج آهي. جيڪڏهين آءٌ گذريل ٽن سالن ۾ جيڪي سندن لاءِ مون محسوس ڪيو آهي، ان جو احوال توکي ٻڌايان، ته تعجب وٺي ويندءِ.

تو مون کي لکيو آهي ته هاڻ تون ادبي ڪتاب پڙهين ٿو. ان مون کي تنهنجي ٻه سال اڳ لکيل ڳالهه ياد ڏياري آهي، ته "مڙس جي ڳالهه هڪ آهي". تو مون کي سنڌ جو 'برنارڊشا' ڪوٺيو هو. مون ان تي جواب ڏنو هو ته جيڪڏهين برنارڊشا وري ان مسئلي تي ڪو ڪتاب لکيو، ته جواب ڏيندس. ان کان پوءِ هن "بلئڪ گرل ان سرچ آف گاڊ" ڪتاب لکيو، اسان ان جي جواب ۾ "برائون گرل ان سرچ آف گاڊ" لکيو آهي. منهنجي مرضي آهي ته تون ٻنهي کي پڙهي ڏس.

مون کي خوشي ٿي آهي ته تنهنجو ڪراچيءَ وارو بنگلو تيار ٿي ويو آهي. اهو سهڻو آهي. جيڪڏهين اسان موٽي آياسون، ته اتي روم ملي ويندو. توکي

Gul Hayat Institute

خبر آهي يا نه. ته آءُ پڪو ملا تي ويو آهيان. جمعي نماز پڙهائيندو آهيان. سٺ ماڻهن جي جماعت کي هر جمعي تي خطاب ڪندو آهيان. ٻي ماڻهو چون ٿا ته لنڊن جي تاريخ ۾ 60 ماڻهن جي جماعت اڳي هنن ڪڏهين نه ڏٺي هئي.

سو جيڪڏهين تون وعدو ڪرين، هڪ مسجد، هڪ خانقاه، هڪ ليڪچر روم پنجاه شاگردن لاءِ ميسر ڪري سگهين، ته آءُ سياڻي ڪراچيءَ لاءِ روانو ٿي وڃان. چرچو ڪونه ٿو ڪريان. ان ڳالهه تي پڪو آهيان. اسان مسجد سان گڏ هڪ ليبارٽري قائم ڪنداسون، ۽ آرٽس لاءِ هڪ اسٽوڊيو هوندو، جتي خدا جي "باري المصور" ۽ "حڪيم" جي صفتن سمجهڻ جي ڪوشش ڪبي.

اي ناقص مسلمان، خدا طرفان ڪيڏو نه انعام توهان کي ڏنو ويو هو، جو توهان خاڪ ۾ اجلائي ڇڏيو آهي!"

پيارا شاهه، آءُ صبح کان شام تائين دانهون ڪندو رهان ٿو، ليڪن باوجود ان جي فائدو پهچائي نه ٿو سگهان. مسلمان ڪهڙا نه بي شڪر ثابت ٿيا آهن.

ڪان ظلوماً جهولا-

لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم ثم رددنا- اسفل سافلين.

اسان ڪهڙي نه جليل القدر ۽ سهڻي آخري پيغام کي بي ترتيب ۽ ابتر بنائي ڇڏيو آهي. "سوئر اڳيان موتي" جي ڦٽي ڪرڻ جو مثال اسان سان ٺهڪي اچي ٿو. اسان جي شامتِ اعمال نادر جي صورت ۾ نمودار ٿي آهي. اسان ان کان به گهڻيءَ سزا جا لائق آهيون. ان جو انتظار ڪرڻو اٿئون. انڌا به ان مان اسان کان زياده گهڻو فائدو وٺي سگهن ها. اسان انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا ٿي پيا آهيون.

"بل هو اضل سبيلا".

مهرباني ڪري جلد احوال موڪل ته اسان اتي ڪارائتا ٿي سگهنداسون يا نه؟ والله معلڪ (خدا تنهنجو مددگار رهي).

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[مون ڪيس بروقت جواب ڏنو. جنهن ۾ چاڻايم ته ڪراچيءَ ۾ رهڻ لاءِ منهنجي جاءِ حاضر هئي. ليڪن ڪراچيءَ جي شهر ۾ هڪ اسٽوڊيو، ليبارٽري، مسجد ۽ ليڪچر هال ميسر ڪرڻ منهنجي طاقت کان مٿي هو. البت

Gul Hayat Institute

ليسلي ولسن، مسلم هاسٽل واريءَ مسجد ۾ جي نماز پڙهائيندا، ته پڙهيل طبقي جا چند ماڻهو گڏ ٿي سگهندا. ان کان پوءِ جلدي بنا اطلاع جي ڪراچيءَ پهچي ويو، جتان سکر وڃي مون کي خط لکيو اٿس.]

(27)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

سکر

- ڊسمبر، 1934ع

پيارا شاهه صاحب،

تنهنجي مهرباني، جو تو اسان کي پنهنجي بنگلي ۾ رهڻ جي دعوت ڏني آهي. ڪراچيءَ مان ٻيون به ڪيتريون دعوتون رهڻ لاءِ مليليون آهن. تنهنڪري حال اسان توکي اسان جي رهڻ جي انتظام ڪرڻ واسطي تڪليف نٿا ڏيون. مهرباني.

اسان هڪ تجويز تي غور ڪري رهيا آهيون، ته سکر کان ٻيڙيءَ ۾ سوار ٿي لاڙڪاڻي پهچون، جتان پاٽ، دادو ۽ سن مان (جيڪڏهن تون اُتي هوندين) تي، ڪوٽڙيءَ پهچنداسون. آءٌ توکي هتان نڪرڻ جي تاريخ لکندس. اميد ته توکي سن ۾ ملنداسون.

اميد ته گهر ۾ سڀ خوش چڱا ڀلا هوندا.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

Gul Hayat Institute

[هي تعجب خيز تجويز هئي، ليڪن ڪن سببن ڪري ان تي عمل ٿي نه سگهيو.]

(28)

134 - برنس روڊ، ڪراچي

جنوري، 1935ع

پيارا سيد صاحب،

خط پهتو، يادگيريءَ ۽ ان ۾ ٻين لکيل ڳالهين لاءِ مهرباني. اسان لاءِ ايتري تڪليف وٺڻ جو ڪهڙو ضرور هو.

بدقسمتيءَ سان مسز قاضيءَ جي بي چاڪ ٿيڻ ڪري اسان [سکر کان ڪوٽڙيءَ واري] پروگرام تي هلي نہ سگهياسون. ۽ سڌو ريل رستي ڪراچيءَ هليا آياسون. اسان کي سن ۾ توسان اچي ملڻ جي نهايت خوشي ٿئي ها. هتي ڪراچيءَ ۾ ڪڏهين ايندين؟ آءٌ سمجهان ٿو تہ اسان انڊيا کان ٻاهر گهڻو وقت رهيا آهيون [۽ هاڻي] اميد تہ جلد ملنداسون.

وري بہ شڪريو.

تنهنجو مخلص

امداد قاضي

(اشتهار) (29)

(اردوءَ مان ترجمو)

انجمن تبليغ اسلام، ڪراچيءَ جو اجلاس 3 - مارچ 1935ع 10 بجي صبح مسلم ليڊيز ائسوسيئشن گڏ ٿيندو. اوهان کي عرض آهي تہ ان ۾ اچي شريڪ ٿيندا.

الداعي، قاضي امداد علي (بارائٽ لا)

(30)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

134 - برنو روڊ، ڪراچي

18 - اپريل، 1935ع

پيارا شاهہ صاحب،

شيخ عبدالعزيز ڪتابن ڇاپڻ جو خيال ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ مون کي شريڪ ڪرڻ گهري ٿو. اردو ۽ ٻين ٻولين مان بهترين ڪتاب ترجما ڪري ڇپايا ويندا. هي توسان بہ ان مسئلي تي مشورو ڪرڻ گهري ٿو. هيءَ حيدرآباد 22 تاريخ صبح جو پهچندو. تون 21 - تاريخ جي ڪانفرنس کان پوءِ اجا اِتي هوندين. افسوس آهي تہ تون هتي نہ آهين، نہ تہ توسان ان بابت مشورو ڪريان ها.

مهرباني ڪري ٻنا حجاب جي مون کي لکي موڪل تہ اهڙي رٿ ڪامياب ٿيندي يا نہ؟ ٻيو تہ منهنجي ان رٿ ۾ شرڪت منهنجي يا ٻئي ڪنهن ماڻهوءَ لاءِ مفيد ٿيندي يا نہ؟ ان تي خيال ڪري جلد پنهنجي راءِ موڪل. سنڌ

Gul Hayat Institute

۾ بيو ڪوبہ اهڙو نہ آهي جنهن جو مشورو يا تعاون توکان وڌيڪ گهرندو هجان. اهو انڪري آهي، جو آءٌ توکي پيار ڪريان ٿو.

تنهنجو

امداد قاضي

(31)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

134 - برنس روڊ،
ڪراچي

پيارا شاه صاحب،

شيخ عبدالعزيز اوهان وٽ اچي ٿو. ڪيس ڪا تجويز آهي. مهرباني ڪري ان تي گهرو خيال ڏيئي، حتي الامڪان جيڪي ان معاملي ۾ ٿي سگهي اهو ڪندا. ڇا اسان جو ان ۾ هٿ وجهڻ ڪاميابيءَ جو باعث ٿي سگهندو يا نہ؟

سلامن سان،

تنهنجو مخلص

امداد قاضي

[هي بيئي خط ڪنهن پبلشر بابت موڪليا اٿس. مون ان ۾ ڪهڙو مشورو ڏنو ان جو پورو پتو نہ اٿم. يقيناً ان نئين ماڻهوءَ جي نئين ڪم لاءِ مون سندن ان ڪم ۾ شرڪت جي خلاف راءِ ڏني هوندي.]

Gul Hayat Institute

(32)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪئليفورينا جهاز،

عدن جي پر ۾.

25 - اولڊ براڊ اسٽريٽ، لنڊن

پيارا شاه صاحب،

اهو ارمان اٿم تہ توکي ملڻ کان سواءِ اوچتو هليو آيو آهيان. گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون هيون، پر ڪري نہ سگهياسون. تنهنجي مستقبل بابت مون

ڪي ڪوبہ شڪ نہ آهي. ايمانداري. قربانيءَ جي مادي ۽ خدمت خلق جي جذبي ڪڏهين بہ ڪنهن ماڻهوءَ کي ناڪامياب نہ ڪيو آهي. تنهنجي معاملي ۾ ائين ٿيڻو آهي.

منهنجي مرضي آهي تہ تون مون کي پنهنجي ڪارگذاريءَ بابت سڀ خبرچار موڪليندو ڪر. - اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح اسان روبرو ڳالهائيندا هئاسون. تبادلہ خيالات کان وڌيڪ بي ڳالھہ نہ آهي. اسان اُميد تہ 1937ع جي جونڊن کان اڳ موٽي ايندا سون. ممڪن آهي اسان انڊيا کان ٻاهر مورڳو ڇهہ اٺ مهينا مس رهون. پر ان وچ ۾ توکي وقت بوقت پنهنجي ڪارگذاريءَ بابت مون کي احوال موڪلڻ گهرجن.

تون هڪ ئي ماڻهو آهين. جنهن ۾ سنڌي مسلمانن مان مون کي دلچسپي آهي. ٻيا نيڪ آهن. پر هنن کي منهنجي صلاح ۽ رهبريءَ جي گهرج نہ آهي. هو چالاڪ هئڻ ڪري سمجهن ٿا تہ هو سڀ ڪجهہ ڄاڻن ٿا. اهي ان صف ۾ نٿا اچن. جن لاءِ پيغمبر ﷺ فرمايو آهي تہ "ماڻهو شاگردن ۽ اُستادن ۾ ورهايل آهن. ٻيا سڀ پوسو آهن." اِهي نہ سيکارين ٿا. نہ سکڻ لاءِ تيار آهن. تون طالب علم آهين ۽ مون کي يقين آهي تہ ساري زندگي طلب ۾ رهندين - جيئن پيغمبر ﷺ فرمايو آهي. تہ علم کي "من المهد الي الحد" (پينگهي کان قبر تائين حاصل ڪندا رهو)." علم جي پڇاڙي نہ آهي." رب زدني علما!

سنڌ ۾ ماڻهوءَ تي سنڌس شاندار رستي کان ٿيڙڻ لاءِ گهڻيئي ڳالهيون اثر انداز ٿين ٿيون. انهن کان پاڻ بچائج. انهن کان پاڻ بچائڻ. تقويٰ آهي - والله مع المتقين.

توکي خبر آهي تہ آءٌ توکي بيحد پيار ڪريان ٿو. پوءِ توکي ان جي ضرورت يا پرواه هجي يانہ؟ اسان خوبصورت. سچي. شاندار (Noble) ۽ ايماندار ماڻهوءَ کي محبت ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهون. آءٌ سگهوئي توکي وري بہ لکندس. توکي فرصت ملي تہ لکندو ڪر. جيستين تائين وري ملون. خدا تنهنجو نگهبان هجي.

ميان يار محمد جوڻيجو جيڪڏهين توسان وفادار رهندو. تہ سنڌس لاءِ بهتر آهي. هن کي بہ اهڙيءَ طرح لکان ٿو. جيڪڏهين اوهان گڏجي ڪم ڪندا. نہ

دادو اوهان جي قدمن هيٺان هوندو. ڇا يار محمد سچائي اختيار ڪري سگهندو؟ هي ڪندو، بشرطيڪ تون ڪيس پيار ڪندو رهندين. اهو مون تي ڇورو ڇيندو. جيڪڏهن تون ان تي هٿ رکندو ايندين. جيئن هو توکي ڇڏي نہ سگهي.

خدا حافظ

تنهنجو مخلص

امداد

[قاضي صاحب گذريل سال نومبر ڏاري سنڌ ۾ آيو ڪجهہ وقت رهي، حالتن جي سروي ڪري، وري واپس موٽي ساڳئي مهيني ڏاري اوڃتو ولايت ويو هليو. سنڌ رهڻ واري عرصي ۾ اڪثر آءٌ دادوءَ طرف ضلعي لوڪلبورڊ جي ڪم سان رهندو هوس. ليڪن جڏهين بہ ڪراچي ايندو هوس. تہ سنڌس خدمت ۾ وڃي ڪجهہ پرائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس. منهنجو وٽس وڃڻ ٻين سياستدانن وانگر صرف رسمي ملاقات لاءِ نہ ٿيندو هو. آءٌ سنڌس خدمت ۾ هميشہ زانوئي ادب سان سکڻ ۽ هدايت حاصل ڪرڻ لاءِ ويندو هوس. پاڻ ڪي طالب ۽ هن ڪي رهبر ڪري سمجهندو هوس. ان ڪري سنڌس خط ان ڳالهہ طرف اشارو آهي. سنڌس صلاح ۽ مشوري سان، سنڌ جي سياستدانن کي، تعميري ڪم لاءِ، سنڌ جي جدا صوبي ٿيڻ بعد، هڪ پليٽ فارم تي ڪٺي ڪرڻ لاءِ، مون 1935ع ڌاري پنهنجي ڪراچيءَ واري بنگلي، سولجر بازار ۾ ميٽنگ سڏائي، جنهن ۾ قاضي صاحب جن حاضر هئا. ليڪن اڪثر ڪارڪنن ۾ خودمطلبي ۽ خود فريبي ايترو اثر انداز ٿي ويئي هئي، جو ان ميٽنگ ۾ ڪوبہ سمجهوتو ٿي نہ سگهيو.

(2) ان وقت مون ميان يار محمد جوڻيجي کي ضلعي لوڪلبورڊ دادوءَ جي پريزيڊنٽ چونڊجڻ ۾ مدد ڪئي هئي. ۽ گڏجي ڪم ڪري رهيا هئاسون. هو قاضي صاحب جو عزيز هو. ان ڪري قاضي صاحب ان اتحاد تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

(33)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

لنڊن مان موڪليل تاريخ
لکيل نہ هيس، پر مون کي
30 ڊسمبر 1935ع تي پهتو

پيارا شاہ صاحب،

”وڏيري هياس چنيسر جي راڄ ۾“

ارمان آهي، اڄ ڏهاڳڻ آهيان!

معاويہ جڏهين شام جو گورنر هو، تڏهن عمدا ڪپڙا پهري عمر وٽ آيو، جنهن تي عمر کيس چيو تہ ”تون اجا تائين ظاهري نمائش پويان آهين؟ اسلام جو ويس (لباس) تو لاءِ ڪافي نہ آهي؟ تون اهو نٿو سمجهين تہ اسان جيڪڏهن اسلام جهڙي قيمتي وٿ جو قدر نہ ڪيو، تہ اهي ظاهري شان شوڪتون اسان کان زوري کسيون وينديون.“

اسان ”آيم ڏنءُ ڏهاڳ“ جي معنيٰ سمجهي نہ سگهيا آهيون. اهي اکر سوئرن اڳيان موتين جي برابر هئا. پر اُن نوبل (شريف النفس) ليڊيءَ کي انهيءَ جملي جي اعليٰ معنيٰ جو علم هو. مطلب تہ مسلمانن کي ڏنءُ ڏهاڳ جو مليو آهي. توکي ياد آهي تہ جڏهين سورت فاتحہ (الحمد) لٿي هئي، تہ پيغمبر صہ کي ذهن نشين ڪيو ويو تہ اها سورت وڏي ۾ وڏي خدائي سوکڙي هئي، جا ڪنهن ماڻهوءَ کي بخشي وئي هجي. پر ڪُڪڙن کي جواهرن جو ڪهڙو پتو؟ انهن کي ڪپي اَنُ.

جيئن تا پچن اَنَ کي تيئن جي پچن پنڌ،
تہ رِسڙهي لڏائون رنڌ، لٿين لُک لطيف چوي.

(شاہ)

پيارا دوست، آءٌ هن عيد جي موقعي تي توکي دلي مبارڪون موڪليان ٿو. خدا توتي برڪتون موڪلي، جيئن تون اهي ڪم ڪرين، جي توکي سندس رحمت ۽ پاڪائيءَ جا مستحق بنائين. ظاهري نمائش کي ڦٽو ڪري ڇڏ. دنيا ۽ ان جي خسيس حاصلات جي پرواہ نہ ڪر. هميشہ خدا جي رضامندي حاصل

Gul Hayat Institute

ڪرڻ لاءِ شرافت ۽ سچائيءَ جي رستي تي هلج. سنڌ ۾ ٻيو ڪوبہ ڪونہ آهي، جنهن کي آءٌ لکان. تون اڪيلو آهين، جنهن کي دل گهري ٿي.

تنهنجو امداد

[هي خط 30 - ڊسمبر 1935ع تي مون کي سن ۾ پهتو. ان تاريخ صبح جو مون کي ٻيو فرزند ڄائو، جنهن جي يادگار ۾ ان جو نالو "امداد محمد" رکيم، جو قاضي صاحب ۽ پيغمبر ﷺ جي نالي جو مرڪب هو. ڇاڪاڻ تہ پيغمبر ﷺ جي صحيح مقام جي سڃاڻپ قاضي صاحب جي ذريعي ٿي هيم.

هي خط منهنجي هڪ پيچيل سوال جو جواب ۽ چند سالن جي غور ڪرڻ بعد موڪليو هئائون. سوال اهو هو تہ منهنجي پڦي عالم خاتونءَ وفات ڪرڻ وقت آخري الفاظ "وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾، الخ" چيا هئا. ان جي ظاهري معنيٰ تہ سمجهڻ ڏکي نہ هئي، پر زندگيءَ جا آخري الفاظ هئڻ ڪري خاص معنيٰ جا متحمل سمجهي، انهن جي معنيٰ قاضي صاحب کان پڇي هيم. پاڻ چند سالن جي غور فڪر بعد اهو جواب موڪليو هو.]

(34)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

25 - اولڊ براڊ اسٽريٽ،
لنڊن E.C
17 - اپريل، 1937ع

Gul Hayat Institute

پيارا شاهه صاحب،

ورهيہ گذري ويا آهن، جو توڪان ڪو احوال نہ آيو آهي. مون چاهيو ٿي واٽي توکي خط لکي تڪليف نتي ڏيڻ گهري - جيستائين سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊون پوريون ٿين. ڇاڪاڻ تہ مون کي پتو هو تہ ان وقت تون هڪ مَنو نہ هوندين. هڪ مَنائيءَ کان سواءِ ڪهڙي روح رهاڻ!

ڪاش، اسان انهن مسئلن جي طرف توجهہ ڏيون، جي حقيقي شمار ڪري سگهجن.

دلا، تاڪي درين ڪاخ مجازي،
ڪني مانند طفلان خاڪبازي!

خود ڪاخ مجازيءَ ۾ بہ خاڪبازي ڪان گهڻا سنا ڪم ڪري سگهجن ٿا. پر اسان جون دليون خاڪبازيءَ طرف ڇڪجي وڃن ٿيون. جوندبون ختم ٿيون. هاڻ ڪنهن سنجيده ۽ اهم ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهين يا نہ؟ ظاهري نام نمود لاءِ ڪم نہ ڪج. اهو فيصلو ڪج تہ جيڪڏهن آءٌ اڃان تہ نالي خاطر مون سان نہ ڪم ڪرين. اسان ڪي پوئتي پيل مسلمانن ڪي درست ڪرڻ لاءِ محنت ڪرڻي پوندي، جي گمراهيءَ جي ننڊ ۾ ستل آهن. جي بارن وانگر طامع آهن تہ بہ مسلمان سڏائين ٿا. جي بکن ۾ مري رهيا آهن.

جواب جلد موڪل.

ننڍڙي امداد کي پيار ڏج.

تنهنجو پيار ڪندڙ،

امداد

[قاضي صاحب جو ڊسمبر 1935ع کان وٺي پوءِ جو لکيل خط نہ ملي سگهيو آهي. جيئن پاڻ هن خط ۾ لکن ٿا تہ ڄاڻي واڻي خط نہ لکيو اٿن. تيئن ممڪن آهي تہ ڪوبہ خط نہ آيل هجي. ان خط جو جواب مون ڏنو تہ آءٌ منڍ کان اوهان جي پوئلڳيءَ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. پر جڏهين اهو عرض قبول پوي! مون لاءِ اسيمبليون ۽ ان سان واسطي رکندڙ ڳالهيون ثانوي حيثيت رکن ٿيون، ۽ وندر لاءِ آهن.]

(35)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

134، برنس روڊ، ڪراچي

3 - مئي، 1938ع

پيارا شاه صاحب،

مون کي ڇيو ويو آهي تہ تنهنجو توجهہ نصربور ۾ ڪنهن معاملي طرف ڇڪايان. مون کي حقيقتن جو پتو نہ آهي. تنهنڪري ان کان وڌيڪ ڇئي نٿو سگهان. ڪڏهين ڪراچيءَ ايندين؟ گهڻو وقت گذريو آهي، جو مليا نہ آهيون. سيني کي سلام ۽ ننڍي امداد محمد کي پيار.

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد

Gul Hayat Institute

(ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ قاضي صاحب جن سال 1938 جي اوائل ۾ واپس اچي ويا هئا.)

(36)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

134، برنو روڊ، ڪراچي
12 - جون، 1938ع

پيارا شاه صاحب،

خط لکڻ لاءِ مهرباني. مون ڪنهن کان پڇيو تہ شاه هتي آهي يا نہ؟ هن ان جو اهو مطلب ڪڍيو تہ آءٌ توسان ملڻ تو گهران. ۽ تـوڏي اچڻ لاءِ تـار ڪيائين - سا بہ منهنجي نالي ۾. جنهن لاءِ مون ڪيس اختياري ڪانہ ڏني هئي. آءٌ ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي اجائي تڪليف ڏيڻ نہ چاهيندو آهيان - خاص ڪري تو جهڙي محب کي. آءٌ انهن ماڻهن جي قطار ۾ شمار ٿيڻ نٿو چاهيان، جي "مرا بخير تو اميد نيست، بد مرسان" مان هجن. مون ڪنهن سان چڱائي ڪئي آهي، جو ان جو عيوض وٺان. هرويرو ڪنهن کي تڪليف ڏيڻ کان خدا پناھ ۾ رکندم.

سنڌ مدرسي بابت گفتگو هلي رهي هئي. مون هڪ وقت خيال ڪيو هو تہ نوجوانن کي صحيح تعليم ڏيڻ واريون منهنجون رٿون شايد اتي وجڻ سان بر ثواب ٿين. اهو صرف خيال هو. ٻئي ڪنهن کي ان طرح شايد خيال نہ آيو هجي. مشڪلات اها آهي تہ مون اجا ان مسئلي تي پورو غور ئي ڪونہ ڪيو هو. تہ ماڻهن ان بابت گفتگو شروع ڪري ڇڏي. نتيجو اهو نڪرندو تہ هن عمر ۾ مون اسڪول ماستري ڪرڻ گهري ٿي، پر اها بہ حاصل ٿي نہ سگهي! اهي معمولي ڳالهيون مون وٽ ڪيترو قدر رکن ٿيون. ان جو توکي پتو آهي. ليڪن هن ڇريءَ دنيا ۾ ماڻهوءَ کي ڪيئي ڳالهيون ٻڌڻ لاءِ تيار رهڻو آهي.

16 تاريخ مدرسي جي ان معاملي لاءِ آخري ميٽنگ رکيل آهي. منهنجو خيال هو تہ تون روبرو اچي. اها بي عزتي اکين سان ڏسين ها. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ تون اهڙين حالتن کي ڏسڻ تي هري ويو آهين. تو ۾ بي عزتين سهڻ جو وڏيڪ شوق نہ آهي.

خود غلط بود آنچہ ما پنداشتيم

ان حالت ۾ توکي هن معمولي ڪم لاءِ تڪليف ڪري اچڻ نہ گهرجي.

خدا توکي مدد ڪري!

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[مون ان لاءِ اڳيئي ميران محمد شاہ کي لکيو هو. جو مدرسہ بورڊ جو ميمبر هو. هن سنڌس 20 - جون 1938ع واري خط ۾ بمبئي مان اچڻ کان پوءِ لکيو آهي تہ 16 جون تي وائيس پرنسپال جو سوال، بورڊ ۾ پيش ٿيڻ وارو هو. وڌيڪ ڪيس خبر نہ هئي، جو هو ڪجهہ وقت کان بمبئي ۾ هو.]

(37)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

برنس روڊ، ڪراچي

جمع، جولائي 1938ع

پيارا شاہ صاحب،

جڏهين جولاءِ 1929ع ۾، پورا نوَ ورهيہ اڳ، تون مون وٽ آيو هئين، ان کان پوءِ جا واقفيت ٿي، ان وقت کان وٺي مون توکي اهڙو پيار سان ڏٺو آهي، جو بئي سنڌيءَ کي مائٽن سميت نہ ڏٺو اٿم. اهو رڳو گذريل هفتو هو، جو مون تو ۾ ڪجهہ نئين ڳالهہ محسوس ڪئي، جنهن مان اڻ لکيءَ حالت ۽ گهٽ ۾ گهٽ درجي ۾ "پاڻ" جو انديشو ڏسڻ ۾ آيم. پر مون کي پڪ آهي تہ ان ڳالهہ جو توتي اثر نہ پوندو. تو جهڙن لاءِ اشارو آهي تہ:

"عبادالرحمــن الذين يمشون علي الارض هوناً"

اهوئي سبب هو. جو تو مون کي غير معمولي طرح مضطرب ڏٺو ۽ ڪن سنڌي ليڊرن لاءِ سخت الفاظ ڪتب آڻيندي ٻڌا. جي انهن هزارن ماڻهن کان بهتر نہ آهن، جن کي هر سال 110 قلم هيٺ رجوع ڪيو وڃي ٿو.

تنهنجي دل ۽ بدن جي ٿوري ناچاڪي مون کي ناخوش ۽ پريشان ڪريو ڇڏي.

اس دل بي تاب ڪي ساري خطا تهي، مين نہ تها

Gul Hayat Institute

ان لاءِ محبت جو ئي ڏوهہ آهي. جنهن صورت ۾ تون زور ڪري ڳوٺ وڃڻ گهرين ٿو، تہ مون سان وعدو ڪر تہ تون پوريءَ طرح تندرست ٿي ڏيکاريندين.

خدا مون کي شل اهو ڏينهن نہ ڏيکاري، جو سيزر وانگر آءٌ اکين ۾ آب آڻي چوان تہ "تون بروٽس پڻ"!، نہ ائين هرگز نہ ٿيڻو آهي. مرتضيٰ انشاءَ الله مستقبل جي نسلن لاءِ مثال ٿي ڏيکاريندو. يا خدا ساڻس حامي ٿيءُ!

خدا تو ۾ برڪتون وجهي!

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد

[مئي ۽ جون مهيني ۾ آءٌ بيمار ٿي پيو هوس، جنهن جو ذڪر ڪندي 8 - جون واري خط ۾ ميران محمد شاه لکي ٿو تہ "ان ڳالهہ ساريءَ سنڌ ۾ هيجان پيدا ڪيو آهي." ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ جون جي آخر ۾ ڪراچيءَ پهتو آهيان. مارچ مهيني ۾ سر غلام حسين جي وزارت ڊاني هيئسون. ان جي جاءِ تي، الهہ بخش وزارت آيل هئي. ڊلن جي سوال تان جولاءِ ۾ ان سان بہ اختلاف پيدا ٿي پيا هئا. هندو ميمبرن اسان سان گڏ ان ۾ گهڻو حصو ورتو هو. ڏسڻ ۾ آيو تہ قاضي صاحب کي مسلمان ميمبرن جي پاڻ ۾ اختلاف مضطرب ڪيو هو. انڪري سنڌي ميمبرن لاءِ سخت الفاظ ڪتب آندا هئائين. مون کي بہ ان ساري ڊراما ۾ مکيہ پارٽ ادا ڪندي ڪيس ڏسي ارمان ٿيو هو.

مون ڪيترا ڀيرا ڪيس چيو هو تہ پاڻ قومي خادمن پيدا ڪرڻ لاءِ مرڪز ناهي، رهبري ڪري، تہ آءٌ سندس خدمت ۾ رهي، سياست کان علحده ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هوس، پر ڪن اڻ ٽر وجوهات ڪري ائين ٿي نہ سگهيو. هاڻ مون سان معاملو اِهو هو تہ:

مون کي مون پرين ٻڌي وڌو ٻار ۾،
ايا ائين چون تہ متان پاند پسائيين!
(شاه)

هاڻ مون سان،

"پيو منجهہ پاتار، سو پسڻ کان ڪيئن پاسي رهي!"
واري حالت هئي. ان تي هي خفا بہ ٿيو ۽ وري دعا بہ ڪئي اٿس.]

Gul Hayat Institute

(38)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي
6 - مئي، 1939ع

منهنجا پيارا غلام مرتضيٰ،

تنهنجي پيار ڀرئي خط لاءِ مهرباني، جو مون کي چار ڏينهن اڳ مليو. ان جو ترت جواب انڪري نہ ڏنم، جو جواب ڏيڻ لاءِ غور ڪري رهيو هوس.

هڪ ڳالهہ جا گذريل 11 سالن کان منهنجي بي انتها خوشيءَ جو باعث رهي آهي، سا اها هئي تہ آءٌ توسان گهڻي وقت کان تعلق ۾ رهيو آهيان. منهنجي محبت ۽ عزت تنهنجي لاءِ روزافزون [وڌندي] رهي آهي. هن دور ۾ جڏهين ماڻهو روزانہ بدلجن ٿا، تڏهن ۽ حالتن مطابق تعلق ڦٽايو ڇڏين، تہ تنهنجو مثال غير معمولي پيو نظر اچي. ڪم از ڪم آءٌ اهو چئي سگهان ٿو تہ سنڌ ۾ ڪا هستي آهي، جنهن مون کي نا اميد نہ ڪيو آهي. اها وڏي اطمينان بخش ڳالهہ آهي. "ذالك فوزاً العظيم."

اسان جي حال سن ۾ اچي رهڻ ۾، باوجود خواهش ۽ ڪشش جي، ڪي مشڪلاتون آهن، پر تحريڪ ڪجهہ وقت لاءِ ڪراچيءَ ۾ شروع ڪري، پوءِ آهستي آهستي سن ۾ اچي اُن جو مرڪز ڪبو. مولوي عبيدالله سنڌي ان ۾ پنهنجي مدد ڪري سگهي ٿو.

جيڪڏهين ڪو شريف ماڻهو پورو تعليم يافتہ، بي غرض هٿ اچي، تہ اول ۾ ان کان ڪم شروع ڪرائجي. ماڻهن جي ذهني ۽ روحاني معاملن ۾ دلچسپيءَ جي ڪمي ان معاملي ۾ مکيہ مشڪلات پيدا ڪري ٿي. عام ماڻهو خسيس شين ۾ دلچسپي رکن ٿا. بهرحال آءٌ ان مسئلي تي غور ڪندو رهندس. خصوصاً ان حالت ۾ جڏهين تون [سياست کي ڇڏي] ان طرف ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهين. جڏهين ڪراچيءَ ۾ ايندين، تہ وڌيڪ ان مسئلي تي ڳالهائيندا سون.

منهنجا پيار ٻارن کي ڏيندا. خدا شل ڪين نوازي! آءٌ جدا گهر وٺي، اُن ۾ رهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان پوءِ تنهنجي ٻارن مان هڪ ٻارُ وٽ رهائيندس.

خدا تنهنجو محافظ ٿئي!

پيار مان
امداد

Gul Hayat Institute

[هن مان معلوم ٿيندو تہ جا تجويز مون فيبروري 1931ع کان ڪيس قومي خادمن تيار ڪرڻ لاءِ پيش ڪئي هئي، ان تان باوجود انن سالن جي گذرڻ ۽ سياست سنڌ ۾ ڳچيءَ تائين ڦاسڻ جي هٿيو ڪونہ هوس. ڪيس گذريل واعدو ياد ڪرائي پنهنجو ڪيل انجام دهرايو اٿم. پاڻ ڪن مشڪلاتن سبب حال ان ڪم کي هٿ ۾ کڻڻ لاءِ تيار نہ هو، جن مان ٻہ ڳالهيون بيان بہ ڪيون اٿس –

(1) عام ماڻهن جي خسيس معاملن ۾ دلچسپي هئي ۽ ڪين روحاني ۽ ذهني ڳالهين طرف توجهہ نہ هو.

(2) حال ڪو ٻيو شريف ماڻهو ان جي ابتدا ڪري، پوءِ ممڪن هو تہ پاڻ بہ اچي شريڪ ٿئي. ان وچ ۾ ڪراچيءَ ۾ مرڪز قائم ڪري ڪم ڪرڻ جو ارادو هوس.]

(39)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

26 – آگسٽ، 1939ع

منهنجا پيارا شاهه صاحب،

خط لکڻ لاءِ مهرباني. مون کي هي معلوم ڪري خوشي ٿي تہ هاڻ تندرست آهين. اسان ٻنهي کي انفلوئنزا ٿي پيئي آهي. انڪري مون ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جو ليڪچر بہ رد ڪري ڇڏيو.

جيڪڏهين ڪنهن موقعي تي توسان ميان مقبول شاهه (پين وارو) گڏجي، تہ کيس چئج تہ مقيم شاهه [بخاري شاهه واري] جي شادي جلد ڪرائي. آءٌ هن بابت نهايت نامناسب ۽ افسوسناڪ خبرون ٻڌي رهيو آهيان. مون کي هن جي راهه راست تي آڻڻ جي طاقت نہ آهي. ممڪن آهي جلد هي اُن حد کي پهچي وڃي، جتان هن کي موٽائڻ مشڪل ٿي پوي. مون بہ دفعا هن بابت ڪورٽ آف واردس کي گذريل ستن مهينن ۾ لکيو آهي. تہ هن جي چارج مون کان ڇڏائين. اهو ڇوڪرو ڪهڙيءَ طرح پڙهي سگهندو. جيستائين هن کي سنياليندڙ جو خوف نہ هجي- خاص ڪري اهو ڇوڪرو جو 18 سال ڇڙواڳيءَ جي زندگي گذاري چڪو هجي!

Gul Hayat Institute

رات ڏينهن آءٌ هن جي انتظار ۾ گذاريان ٿو. پر ڪيس دڙڪي داب ڏيڻ جي اختياري نہ هئڻ ڪري ڪوبہ فائدو نٿو ٿئي مسلم چوڪرن کي سڌارڻ لاءِ ڪجھہ سختيءَ جي ضرورت آهي. اها افسوسناڪ ڳالھہ نہ آهي؟

آءٌ سمجهان ٿو تہ توهان خاڪسار ريليءَ وقت هتي ايندين.

اسان جو ننڍو جوان ڪيئن آهي؟

پيار ۽ نيڪ جذبن سان تنهنجو

امداد قاضي

[ان وچ قاضي صاحب کي شاگردن جي رهائش ۽ پڙهائڻ جو ڪم سرڪار طرفان سپرد ڪيو ويو هو.]

(40)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

19 - سيپٽمبر 1939ع

منهنجا پيارا سيد صاحب،

ڇو ايترو وقت ماٺ ۾ رهيو آهين؟ محبت جي تقاضا اها نہ آهي. توکان خبرچار ملڻ لاءِ آءٌ نهايت انتظار ۾ رهان ٿو. تنهنجي تقرير اجا تائين ڪانہ ڇپي آهي. اها ڳالھہ تنهنجي شايان شان نہ آهي. ان ۾ ڪن علامن جي تقريرن کان بہ وڌيڪ مواد آهي. ان کي يڪدم ڇپائڻ گهرجي. مون آخر جدا گھر ڳولي هٿ ڪيو آهي. هاڻ منهنجي قديمي خواهش پوري ٿي وئي آهي تہ تنهنجو فرزند (امير حيدر) پاڻ وٽ پڙهائڻ لاءِ رهايان. جڏهين بہ گهرين تہ هن کي مون ڏي موڪلي ڏي. يا پاڻ سان گڏ آڻينس- بئي ۽ مهيني جي پهرين تاريخ ڌاري. اسان کي ڪڏهين منهن ڏيکاريندين؟

جواب ۾ هڪ سٽ لکيئي، تہ بہ ڪافي آهي. محبت ۽ پيار.

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[ان کان پوءِ ٿورو وقت بعد آءٌ مسجد منزلگاهہ جي سلسلي ۾ ستياگرهہ جي اڳواڻي ڪندي، جيل ۾ ويس. هندو مسلم فساد ٿيا.

Gul Hayat Institute

خط ۾ منھنجي ڪھڙي تقرير ڏانھن اشارو ڏنو اٿس. جا ڪيس پسند آئي ھئي، ان جو پتو ڪڍي نہ سگھيو آھيان.]

(41)

(سنڌيءَ ۾)

ڪراچي

12 - جنوري، 1940ع

نورچشما،

تنھنجو خط برابر مليو ھوم، پر آءٌ بيمار ھوس- ايترو، جو مسجد ۾ جمعي نماز لاءِ وڃڻ کان بہ قاصر رھيس. ھڪ بہ ڏينھن بيمار تيڻ کان اڳ ايڊيوڪيشن ڪاميٽيءَ تان استعيفا ڏيئي آيو ھوس. پير صاحب [الاھيٰ بخش] گڏيو ھوم. جڏھين اٺڻ ويھڻ جھڙو ٿيس، تہ پير صاحب ڪراچيءَ کان ٻاھر ھليو ويو. ڇھن ھفتن کان جمعي نماز لاءِ بہ ڪونہ آيل آھي. احوال گھڻا آھن، جي اميد تہ روبرو ڪبا. منھنجي طبيعت اڃا تائين ضعيف آھي. حقيقت ۾ نماز پڙھائڻ جيتري بہ طاقت پاڻ ۾ نہ پائيندو آھيان. جواب ڏيڻ جي دير ھن ڪري ٿي تہ منھنجي بيماريءَ جي حالت ۾ نوڪر خط پين ڪاغذن سان گڏي رکي ڇڏيو، جو ھيٺ مٿي ٿي ويو. جنھنڪري ائڊريس ۽ مطلب تائين پھچي ڪين سگھيس.

بگٽي رياست حقيقت ۾ ھڪ رياست آھي ئي ڪانہ- ھڪ خانگي اسٽيٽ (جاگير) آھي. صرف بگٽي سردار منھنجي نگھبانيءَ ھيٺ رھي ٿو. ۽ سنڌس خانگي ملڪيت جو سنپالينڌڙ سنڌ گورنمينٽ مون کي ڪيو آھي. تنھنڪري اھا غلط فھمي پيدا ٿي آھي.

غلام مرتضيٰ لاءِ تہ منھنجو روح گھڻيون ڇڪون ٿو ڏئي. پر آءٌ مٿس رنج بہ آھيان. ڇالاءِ پاڻ کي اوجھڙ ۾ وجھي وڌائين؟

ما درچہ خياليم فلڪ درچہ خيال ست!

سنڌ ۾ باقي ھوسين اھو. تنھن بہ اونده جو رستو اختيار ڪيو. تہ اسان جو حال ڪھڙو ٿيندو؟ 500 مسجدن جي حالت نا گفتہ بہ آھي. سڀ مدرسا ڪراچيءَ. لاڙڪاڻي ۽ ٽنڊي باگي وغيره وارا رديءَ کان ردي حالت ۾ آھن. سڀ

Gul Hayat Institute

مسلمان انسٽيٽيوشن (ادارا) مسلمانن هٿان برباد ٿيل آهن. باقي منزلگاه لاءِ ٿيون شهادتون ٿين!

منهنجي صلاح وٺڻ يا نہ وٺڻ جو مون کي ارمان کونهي. مگر هيترو ارمان ضرور اٿم تہ هميشہ واريءَ سهڻي سمجهہ کان ڪم نہ ورتئي.

آءٌ اڪيون وجهيو وينو آهيان. تہ ڪڏهين تو اچين. پر اجا تائين تہ ڪونہ آيو آهين. عيد تي ايندين، تہ پوءِ جي حياتي آهي تہ آءٌ بہ ڪراچيءَ هوندس. خود سردار (اڪبر) بگٽي بہ هت رهي ٿو. بگٽي ديري ۾ ڪجهہ نہ آهي.

اميد تہ توسان جلد ملاقات ٿيندي.

الراقم، امداد قاضي عفہ عنہ

[جڏهين مسلم ليگ ۾ داخل ٿي، منزلگاه مسجد لاءِ ستياگره شروع ڪيوسين، تہ قاضي صاحب، مسٽر جمشيد ۽ دادا چينمل وانگر، ان مان هندو مسلم ڇڪتاڻ پيدا ٿيڻ جي خوف کان، منهنجي اهڙي قدم کڻڻ جي خلاف هو. ليڪن ان وقت آءٌ انڌ جي گهوڙي تي سوار هوس. ڪنهنجي ڪانہ ٻڌيم. نومبر 1939ع کان جيل ۾ ويس. جيل مان ڪيس جو خط لکيم، ان جو هي جواب آهي.]

(42)

(انگريزي مان ترجمو)

Gul Hayat Institute

ڪراچي

فيبروري 1940ع

پيارا مرتضيٰ،

آءٌ توکي مبارڪون ٿو ڏيان. تنهنجي روح اجا پاڪيزگي نہ وڃائي آهي. اها ڪرامت آهي. ٻارهن سالن جي محنت کان پوءِ ۽ عوام جي هڙتاليءَ حالت ۽ ماحول ۾ دعا گهر ۽ خيال رک تہ ساڳيون حالتون وري پيدا نہ ٿين.

نماز ذريعي دعا گهري، پاڪ ٿيءُ. خدا توتي برڪتون موڪلي. منهنجو سنڌ ۾ تسليءَ ۽ آئت وارو شخص رڳو تون آهن. خدا توکي نوازي. دنيا ۾ ڪجهہ بہ نٿو رهي، سواءِ "وجهہ ربڪ ذوالجلال والاڪرام". روحاني زندگي

گذار، جنهن ۾ حسن ازلي ۽ خوبي مضمر آهن. اِها ان ماڻهوءَ جي تولاءِ دعا آهي، جو شايد گهڻو وقت توهان وٽ نہ رهي.

پيار ڪندڙ

امداد قاضي

[جيل مان آزاد ٿيڻ بعد جڏهين هندو مسلم فسادن ۾ تيل خونريزيءَ ۽ ملڪيت جي تباهيءَ جا احوال معلوم ٿيم، تہ نهايت ارمان ٿيم. هڪ صوفي منش ماڻهوءَ ڪان سياسي چڪر ۾ اچي اهڙا قدم بزرگن جي مشورن جي خلاف ڪٽڻ، جنهن جا اهڙا نتيجا نڪرن، تن مون ۾ رد عمل پيدا ڪيو، ۽ برسر عام اعلان ڪيم تہ "گذريل واقعن تي مون ڪي افسوس آهي، جيڪڏهين مون کي اهڙن واقعن ٿيڻ جو علم هجي ها، تہ اهڙو طريقو ئي اختيار نہ ڪريان ها: انهن حادثن ۾ آيل سڀني مظلومن سان همدردي ظاهر ڪريان ٿو، ۽ وعدو ڪريان ٿو تہ حتي الامڪان انهن جي تڪليفن دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪندس."

قاضي صاحب اهو بيان پڙهڻ بعد، هي خط لکيو آهي، جيتوڻيڪ انتها پسند مسلمانن ۽ هندن اُن کي ناپسند ڪيو.]

(43)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس، گارڊن ايسٽ،

ڪراچي،

8 - جون، 1940ع

پيارا شاهہ صاحب،

مون وٽ مسٽر بورڪر، فزيڪل ٽرينر ۽ فزيڪل ڪلچرسٽ آيو ۽ آءٌ سندس ڪاغذن ۽ لياقتن ڪان واقف ٿيس.

آءٌ سمجهان ٿو تہ آءٌ پنهنجي پبلڪ ڊيوٽيءَ ڪان پاسي ٿيندس، جيڪڏهين تنهنجي ڌيان تي هيءَ ڳالهہ نہ آڻيان تہ اهڙي قسم جو ماڻهو بن سوَ پگهار تي ملڻ مشڪل آهي. مون کي معلوم ٿيو آهي تہ فزيڪل انسٽرڪٽر جو پگهار 125 روپيہ مقرر ڪيل آهي- تفاوت صرف 75 روپين جو آهي. اهڙو فني لياقت وارو ماڻهو ايتري پگهار تي ملڻ مشڪل آهي. ايڊيوڪيشن ڪميٽيءَ جي

Gul Hayat Institute

ميمبر طور مون کي ياد آهي تہ اسان سفارش ڪئي هئي تہ سنڌي ۽ انگريزي ماسترن کي ٽرينڊ (تربيت يافتہ) ڪرڻ لاءِ هڪڙو فزيڪل ڪلچرسٽ ماستر رکڻ گهرجي. آءٌ وري بہ چوندس تہ مسٽر بورڪر جهڙين لياقتن وارو ماڻهو ملي ٿو. تہ ان کي ٻن سون روپين پگهار تي رکڻ گهرجي.

مون کي خبر آهي تہ تون [تعليمي ميدان ۾] ان ڪم ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ گهرين ٿو. اها نئين ڳالهہ پڻ نہ ٿيندي. جو اهڙين لياقتن واري ماڻهوءَ جي دستياب ٿيڻ ڪري سندس پگهار وڌائي ڪيس مقرر ڪيو وڃي. جو آخر ۾ نهايت ڪارائتو ٿيندو.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[اُن وقت آءٌ سنڌ وزارت ۾ تعليمي وزير هوس. فزيڪل انسٽرڪٽر رکڻو هو. ماڻهو قابل مليو. پر گهٽ مقرر ٿيل پگهار تي اچڻ قبول نٿي ڪيائين. مون ڪيس قاضي صاحب ڏي موڪليو. جنهن هن جي مقرريءَ لاءِ مٿيون خط موڪليو. ان تي مون سيڪريٽريءَ کي لکيو تہ هن کي وڌيڪ پگهار تي رکيو وڃي. پر ان تي خرچ جي واڌاري، مڪاني ماڻهو رکڻ جي جذبي، جدا جدا کاتن جي منظوريءَ لاءِ وقت جي ضرورت ۽ هن ٻاهران آيل ماڻهوءَ جي گهٽي وقت لاءِ ترسڻ جي مشڪلات. اُن ماڻهوءَ جي مقرر ٿيڻ رنڊڪ ثابت ٿي. ۽ هو مقرر ٿي نہ سگهيو.]

Gul Hayat Institute

(44)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيٽسن جي هائوس، ڪراچي

12 - ڊسمبر، 1940ع

پيارا شاه،

وعدي موجب "مدل مارچ" جا جلد موڪليان ٿو. اميد تہ پسند ايندا. مون کي ارمان آهي تہ اڄوڪي، ميٽنگ ۾ شرڪت ڪري ڪين ٿو سگهان. جو 4 بجي سر مسجد مان نماز تان موٽيو آهيان. ٿڪل آهيان. يونيورسٽي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ شامل ٿي ڪين سگهندس.

مون ديوان چينمل جو ايڊيوڪيشن بورڊ ڏي موڪليل خط، جنهن جي ڪاپي مون ڏي بہ موڪلي اٿس، پڙهيو آهي. جيڪڏهن سڀ يونيورسٽي ڪاميٽيءَ ۽ لٽريري سوسائيٽيز جا ميمبر اهڙي ذهنيت رکندا، تہ خدا پناهہ ۾ رکي. اها نا اميدي پيدا ڪندڙ حالت آهي. اسان سنڌين جي رهڻ لاءِ ڇرين جي اسپتال پوري جڳهہ ٿي سگهي ٿي.

غريب ميران محمد شاهہ (چيئرمن يونيورسٽي ڪاميٽي) پڻ توڪي ٻڌائيندو تہ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جو غلط انتخاب ڪيو ويو آهي. هو مون کي ان تي رهڻ لاءِ زور تو ڪري- ٻئي دفعي جڏهين منهنجي لاءِ شڪايت ڪري تہ چئجانس تہ مون قاضي صاحب کي ڪاميٽيءَ تي نامزد ڪري، چڪ ڪئي آهي. تون ڏسندين تہ هو خوش ٿيندو. تون سچ پچ [اسيمبلي پارٽين ۾ ٿيل] پئڪٽ کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسين ٿو.

اس گھر کو آگ لگ گئي گھر کے چراغ سے
از ما ست کہ بر ما ست.

مسلمان [جيئن هن وقت آهن]، ان مشڪلات جا مستحق آهن. شايد هو ائين سمجهن تا تہ سدائين رهندا، پر اها سخت جهالت جي نشاني آهي.

"شر الدواب صم البكم وهم لا يعقلون"

ٻيو ڇا لکان! سورن جو ورق پورو ئي ڪين ٿيندو.

احقر، امداد

[وزارت جي وقت ۾ سنڌ ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي مقرر ڪئي هيم. قاضي صاحب بہ ان تي ميمبر هو. مسلمان ۽ هندن مان بهترين ماڻهو چونڊي ان تي رکيا ويا هئا— جهڙوڪ (1) مسٽر روپچند بيلارام جج چيف ڪورٽ، (2) مسٽر چينمل پرسرام، (3) پرنسيپال صورت سنگهہ ٻناڻي، (4) ڊاڪٽر گربخشاڻي، (5) ميران محمد شاهہ (چيئرمن)، (6) قاضي صاحب، (7) ڊاڪٽر دائود پوٽو، (8) مس محمد علي، (9) مسٽر حاتم علوي، (10) پروفيسر اي. ايل. شيخ، (11) پرنسيپال جو نارڪر، (12) ڊاڪٽر رينچ، (13) پروفيسر ٽي. ايم آڏواڻي، (14) ڊاڪٽر ٽي. جي. مير چنداڻي ۽ (15) پروفيسر اجواڻي.]

Gul Hayat Institute

ڪاميٽيءَ جو سيڪريٽري مسٽر بي. جي. واسواڻيءَ کي مقرر ڪيو هوم.

ڪاميٽيءَ جا مقرر ٿيل ڪم صاف هئا. بنيادي ڪم هيءُ هو تہ سنڌ ۾ سنڌ يونيورسٽي بنائڻي هئي. ڪهڙي قسم جي ۽ ڪٿي ناهجي، وغيره، بابت غور ڪرڻو هو. هنن هڪ سب ڪاميٽي مقرر ڪئي جا ساري هندستان جون يونيورسٽيون ڏسي، پوءِ رپورٽ ڪرڻ واري هئي. سيني کي پتو آهي تہ سنڌي هندن منجهان هڪ مفاد پرست گروه فرقيوار بنيادن تي سنڌ جي جدائيءَ جي خلاف هو، جا باوجود سندن مخالفت جي جدا ٿي ويئي. جدا صوبي لاءِ جدا يونيورسٽيءَ جي ضرورت محسوس ڪري، مون ڪاميٽي مقرر ڪئي. ليڪن انهن ميمبرن مان ڪي دل ۾ جدا يونيورسٽيءَ قائم ڪرڻ جي خلاف هئا. جنهنڪري طرح طرح جون رنڊڪون وجهڻ لڳا. ان ڪاميٽيءَ تي جدا ادارن جي لحاظ سان ميمبر مقرر ڪيا هئم — جنهنڪري اُن تي 8 هندو ۽ 6 مسلمان ۽ هڪ يوروپين ميمبر هئا. قاضي صاحب ڪن ميمبرن جو نامناسب رويو ڏسي، ڪاميٽيءَ ۾ وڃڻ بند ڪيو. نتيجو اهو نڪتو تہ مسلمان ميمبرن جو تعداد اڳ ۾ گهٽ، باقي بہ قاضي صاحب جهڙي ماڻهوءَ جي گهٽ دلچسپي چيئرمن لاءِ ڏکيائي پيدا ڪئي، جنهن شڪايت ڪئي. ان تي قاضي صاحب مٿيون خط لکيو. ڪاميٽيءَ جون جملي 39 ميٽنگون ٿيون، جن ۾ پرنسيپال بٽاٽي هڪ ۽ قاضي صاحب ٻن ميٽنگن ۾ شريڪ ٿيا. آخر ۾ باوجود سرڪار جي رولنگ جي تہ ڪاميٽيءَ کي يونيورسٽي قائم ڪرڻ يا نہ ڪرڻ جي ڳالهہ تي غور نہ ڪرڻو هو، پنجن هندو ميمبرن ان قسم جا جدا اختلافي نوٽ ڏنا.

Gul Hayat Institute

(45)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس ڪراچي

31 - ڊسمبر، 1940ع

پيارا شاه صاحب،

تنهنجو امير لاءِ خط پهتو. مهرباني ڪري عيد ڪان پوءِ ٻن ڏينهن ڪان مٿي ڪيس ڳوٺ نہ رهائج. سبق هلي رهيا آهن. هن گذريل مهيني ۾ گهڻو

پڙهيو آهي. آءٌ ڪيس 7 - جنوري 1941ع تي ڳوٺ موڪليندس، جيئن ڪيس 10- تاريخ موٽائي موڪليو. اميد ته اوهان سڀ خوش خرم هوندا.

مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[امير حيدر 6 تاريخ پهتو. 11 تاريخ ڪيس واپس موڪليو ويو.]

(46)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

19 - فيبروري، 1941ع

پيارا شاهہ،

مير محمد شاهہ مون سان ستابي شاهہ جي پڙهائڻ لاءِ ڳالهہ ڪئي. اڄ ڊاڪٽر دائود پوٽي بہ گفتگو ڪئي. اُن ڏينهن هڪ حاسد دوست هڪ رمارڪ پاس ڪيو. اسان ڇوڪرن جي پاڻ وٽ رکڻ مان گهڻو پئسو ڪمائي رهيا آهيون. جنهن تي مون گذريل ٽن مهينن لاءِ جو حساب تيار ڪرايو آهي. ان جي ڪاپي ملاحظي لاءِ موڪليان ٿو. اهو ضروري آهي تہ اسان جا دوست صحيح حقيقتن کان واقف ٿين. جيئن اسان جا بدخواهہ جڏهين ڳالهائين تہ انهن جي درستي ڪئي وڃي.

هندستان ۾ يورپين طرز تي رهڻ گهڻو خرچ ٿو ڪائي. ليڪن يورپ ۾ مدل ڪلاس ڇوڪرو 4 يا 5 پائونڊ هفتي ۾ اسڪول بورڊنگ لاءِ خرچ ڪائي ٿو.

اسان پنهنجي نموني تي ڇوڪرن سان (جهڙو مواد مليو اٿئون) ڪوشش ڪري رهيا آهيون- جيئن اهي بهتر زندگيءَ لاءِ تيار ٿي سگهن. اهو سچ آهي تہ اسان ڪين سنياسي ٿيڻ لاءِ ڪونہ تيار ڪري رهيا آهيون. اسان گهرون ٿا تہ هو زندگيءَ ۾ مهذب طريقي سان رهڻ جا لائق ٿين.

جيڪڏهن اسان وٽ گهڻا ڇوڪرا هجن ها تہ اهڙو انتظام ڪجي ها. جنهن ڪري سراسري خرچ گهٽ ٿئي ها. پر هنن اڌ ڊزن شاگردن لاءِ خرچ گهڻو ٿو ٿئي.

Gul Hayat Institute

اسان اهو ڪم محراب خان جي زور رکڻ تي شروع ڪيو. پر جيئن قسمت هئي. هن جا ڇوڪرا ٻئي طرف موڪليا ويا.

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ توهان جلد ڪراچيءَ ايندين. اها خوش خبري آهي.

مسلمانن لاءِ ان کان اڳ جو هو ختم ٿي وڃن ڪجهہ ڪرڻ گهرجي.

امداد قاضي

[ان حساب ۾ ڏيکاريل هو تہ ماهوار 1100 روپيہ پيدائش ۽ 1300 سو روپيہ خرچ ٿي آيو.]

(47)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

13 - مارچ، 1941ع

پيارا شاه صاحب،

مون کي معاف ڪج، جو تنهنجو چوڻ مڃي نٿو سگهان. ڪڪيءَ کي خبر نہ آهي تہ ٽائيفائيڊ جا ٽڪا نہ هڻائڻ ڪري پاڻس کي ڪيتري قدر جوکي ۾ وجهي رهي آهي. پر اسان کي خبر آهي: آءٌ سيني ٻارن کي ٻئي هفتي ۾ ٽائيفائيڊ جا ٽڪا هڻائڻ لاءِ موڪليان ٿو. ٻئي دفعي بہ ٽڪا لڳندن. جيتوڻيڪ هو گهر ۾ ڪڙهيل پاڻي پين ٿا ۽ ٻاهر پڻ ٿي جي اجازت نہ اٿن، تہ بہ حفاظتي نگاه کان هنن کي سيون هڻائيون آهن.

توکي خبر آهي تہ اسان لاءِ اهڙيءَ ڳالهہ ۾ ٻي جوابداري اختيار ڪرڻ ڪيڏو نہ ڏوهہ ٿيندو. ڇاڪاڻ ته سندن زندگيءَ کي ڪيئن خطري ۾ وجهون. وڏا هجن ها. تہ ٻي ڳالهہ هئي. هن حالت ۾ سندن صحت جي جوابداري اسان تي آهي. معاف ڪجو. گهڻو سمجهائجو.

تنهنجو مخلص

امداد

[امير حيدر وٽن رهندو هو. ان بابت هيءَ خط آهي.]

Gul Hayat Institute

(48)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي ھائوس ڪراچي
25 - جنوري 1942ع

پيارا شاھ صاحب،

مھرباني ڪري پنھنجي ماڻھوءَ کي سمجھائيندا تہ امير کي پيسا نہ موڪلي ۽ خط بہ نہ لکي. اھڙن اثرن ۽ صحبت کان ھن کي محفوظ رکڻو آھي، جيڪڏھن ڪيس سڌارڻو آھي تہ!

اميد تہ اوھان خوش خرم ھوندا. ۽ ان معاملي ۾ ضروري درستي ڪري ڇڏيندا.

تنھنجو مخلص
آءِ. آءِ. قاضي

[امير حيدر کي ڪنھن نوڪر پيسا موڪليا ۽ خط لکيو ٿو ڏسجي، ان تي ھي خط لکيو اٿن.]

(49)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي ھائوس ڪراچي
22 - مارچ 1943ع

پيارا شاھ صاحب،

تنھنجي رواني ٿيڻ کان پوءِ اڌ ڪلاڪ بعد اسان وٽ وعدي ڪيل آنربل مھمان آيو. ھن جي وڃڻ کان پوءِ پراڻي نا اميدي موٽي آئي. وڏيڪ خراب ڳالھہ اھا ٿي تہ انڪري مٿي ۾ سور پئجي ويو. جو چار ڪلاڪ ھليو. جنھن کان پوءِ خيال ڪرڻ ۽ لکڻ جي قابل نہ رھيس. اھڙ سمجھان ٿو تہ ان ڳالھہ تي ڪلندين، پر ايترو جلد نہ ڪلج.

"ساروز آف سٽن" (Sorrows of satan) ڪتاب پڙھہ. جيڪڏھن شيطان ھن بہ پيريءَ دنياوي چڪتان ۽ ناڪاميابيءَ ڪري غمگين ٿي سگھي ٿو. تہ ھيٺ ڪرنڌڙ ماڻھو ۽ ملائڪ ان کان وڌيڪ غمگين نہ ٿيندا؟ خود خدا بہ ان تي ڏک ظاھر ڪري ٿو. جڏھين چوي ٿو تہ: ڪان ظلوماً جھولاً.

Gul Hayat Institute

مسٽر نيچلداس سان ڳالهائڻ بعد آخري جهلڪ اميد جي بہ لهي ويئي.
افسوس تہ اسان ايشيائي رهاڪو هن خوفناڪ درجي تائين پست ۽ بد حواس ٿي ويا آهيون. اها اباجدي پستي سڏي سگهجي ٿي.

اسڪول جا ٻار اسان کان وڌيڪ هشيار ۽ قابل آهن، ڇاڪاڻ تہ ڪين خود فريبي نہ آهي. قرآن چوي ٿو تہ جيڪڏهين اوهان صحيح معنيٰ ۾ مسلمان آهيو، تہ اوهان 20 ڀيرا وڌيڪ بي ايمانن کان طاقتور آهيو- تناسب 1= 20 آهي!

هڪ لک انگريز، 30 ڪروڙ هندستانين کي غلام رکيو وينا آهن. اتي تناسب 1= 3000 آهي. ڇا هڪ ماڻهو ٽن هزارن کي غلام رکي سگهي ٿو؟ هرگز نہ.

لازمي نتيجو اهو نڪري ٿو تہ اهي ٽي هزار ماڻهو بالغ نہ پر ٻار آهن- اسڪول ۾ ويندڙ ٻارن کان بہ ننڍا. اسان جي ملڪ جا رهاڪو حقيقي طور اهڙا آهن. جيڪڏهين انهن کي ٻارن ۾ شمار نہ ڪبو، تہ ڪين غير سالم دماغ اسي ورهيہ پوڙهن يا بيمارن ۾ شمار ڪرڻو پوندو، جن کي ڪوبہ مات ڪرائي يا مفتوح ڪري سگهي ٿو. يا تہ اهي ٽي هزار ماڻهو ڪنهن مثل دنيا جا رهاڪو، هڪ محفوظ مڙدي خاني ۾ ڪنهن چوڪيدار جي حوالي ۾ آهن، جتي اُهي پوسٽ مارٽم لاءِ رکيل ٿا ڏسجن.

ڇا بہ هجي پر انهيءَ جو غفير اڳيان ڪنهن پاڪباز کي رکڻ گناهہ آهي. پيغمبر صہ فرمايو آهي تہ:

تڪلمو الناس عليٰ قدر عقوبهم.

Gul Hayat Institute

اهڙي قسم جي ماڻهن سان اصولن جي ڳالهہ ڪرڻ پنهنجو رت ڪانگن جي اڳيان اڇلائڻ جي برابر آهي. هنن کي ڏنڊي کان سواءِ ٻيءَ ڳالهہ جو علم نہ آهہ. ڏنڊي جا لائق آهن ۽ ڏنڊي سان ئي ڪيئي پيڙهين تائين محڪوم رهندا ايندا. سوئرن اڳيان موتي هارڻ بيڪار آهن. جواهر ڪڪڙن اڳيان ڦٽا ڪرڻ اجايا آهن. جو اهي ڪرفتيءَ کي وڌيڪ پسند ڪن ٿا. ٽالسٽاءِ جي لفظن ۾ اها حالت شرمناڪ ۽ حقارت آميز آهي.

هندستان ۾ اسان کي سخت حڪمران يا اسڪول ماسٽر جي گهرج آهي. اسان ٻارن کان بهتر نہ آهيون. خدا ڪري اسان ٻار هجون، پر انهن مثلن جي درجي تي نہ پهتل هجون، جي ٽن ڏينهن کان پوءِ اڇلائي ڇڏبا آهن. جيڪڏهن

کو ماڻهو بدني طور تي بيمار هجي ۽ هن جي دل ۽ دماغ ڪم ڪان جواب ڏيئي ويهي، تہ سواءِ ناڪاميابيءَ جي هو ڪهڙو ڪم ڪري سگهندو.

اها ڳالهہ لکڻ جا اڳي نہ لکي ويئي هجي ان لاءِ دل جي جدا حالت ۾ هئڻ جي ضرورت آهي. پر افسوس تہ زور زبردستيءَ اڳيان دل ڪم ڪرڻ ڪان جواب ڏي ٿي. مون هن معزز کي چيو تہ آئون ڪٽي سندن پاڪستان جوڙڻ ۾ مدد ڪريان پر ان کان بهتر ٿيندو تہ ڪنهن ڪافرشان ۾ رهجي.

"وفا کيسي کهان کا عشق جب سر پهوڑنا ٹهرا"

اهو ناقابل عمل نہ آهي جيئن تون چوندين. اهو قابل عمل حقيقت ۾ ناقابل عمل آهي خدا جا قانون پڄي پوئتي اڇلائي نٿا سگهجن. ماڻهن کي اهو نصيب ٿيندو جنهن جا لائق هوندا. خدا جا خزانا پريل آهن پر اهي نااهلن اڳيان ڦٽا نہ ڪيا ويندا آهن.

پدر را عمل بسيا راست وليکن پسر گرمي دارد
مرادر ديست اندر دل اگر گويم زبان سوزد
دگردم درکشم ترسم کہ مغز استخوان سوزد
وگرچہ گفتہ آيد
احقر

جيڪڏهين مون کي ڪجهہ وقت زندهہ رهڻ لاءِ مليو جنهن ۾ مون کي شڪ آهي تہ آئون تو کي لکي ڏيانيندس تہ اسلامي سياست جا بنيادي متا ڪهڙا آهن. ان حالت ۾ تو کي موجوده آئينن جي ڏسڻ جي ضرورت نہ ٿيندي. اهي سڀئي جزوي ۽ اڻ پورا ٽڪرا ساڳي مخزن جا آهن. برٽش آئين سندس ظاهري اصولن مطابق انهن جي نزديڪ وڃڻ جي ڪوشش آهي. باوجود ان جي اسلامي بنيادي آئين جي اصولن کان اڻ واقف ۽ بي خبر آهي.

تنهنجو مخلص
آءِ. آءِ. قاضي

[هي اهو زمانو هو، جڏهين 3 - مارچ تي مون سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو نهراءُ پيش ڪري، پاس ڪرائي ڇڏيو هو. آءٌ مسلم ليگ جو مکيہ ڪارڪن هوس. سر غلام حسين جي وزارت ۾ بہ مسلم ليگ وزير موڪلي، ان کي مسلم ليگي بنائڻ ۾ مدد ڪئي هيم. مستقبل ۾ سنڌ جي هندو مسلمانن جا تعلقات خراب ٿيڻ جو امڪان هو. مسلم ليگ ڪارڪنن ۾

Gul Hayat Institute

اختلاف پيدا ٿي چڪا هئا. قاضي صاحب انهن کي درست ڪرڻ لاءِ مون سان گفتگو ڪئي. مون سندن حڪم هيٺ ڪنهن به سمجهوتي تي اچڻ لاءِ آمادگي ظاهر ڪئي. قاضي صاحب هندن مان مسٽر نيچلداس ۽ مسلمانن مان پير الاهي بخش ۽ شايد خانبهادر کهڙي کي گهرائي ان معاملي ۾ گفتگو ڪئي ٿي ڏسجي. ان ڪان پوءِ هي خط مون ڏي موڪليو اٿن.]

(50)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

4 وڪٽوريا روڊ. 1943ع

پيارا شاه صاحب.

اسان ٻنهي کي هيءَ خبر ٻڌي صدمو رسيو ته سن جي ڳوٺ ۾ ڪالرا پيئي آهي. سن جهڙي ننڍي ڳوٺ ۾ اها بيماري ٻوڻ خوفناڪ آهي.

مهرباني ڪري خبرداريءَ سان رهج. ۽ جي ٿي سگهي ته شهر مان ٻاهر نڪري وڃو. هي سٺو موقعو آهي، جو نه سڀ ٻار ٻچا وٺي ڪراچي اچي رهو!

شل خدا اسان سڀني کي حفاظت ۾ رکي!

مهرباني ڪري خط لکي پنهنجي حال کان واقف ڪر. سلامن بعد.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[1943ع ۾ ڪالرا پيئي هئي. اها خبر اخبارن مان پڙهي، خط لکيو اٿن.]

Gul Hayat Institute

(51)

(سنڌيءَ ۾)

ڪراچي

پيسٽن جي هائوس گارڊن ايسٽ

29 - مئي 1943ع

جناب سيد صاحب دام الطافه.

قربن ۽ دعائن بعد روشن ضمير ته ننڍي ڪيڙ سڀ پنهنجي واهڻن ڏي وڪيشن لاءِ وڃي رهي آهي. نورچشم امير کي به منشيءَ سان ڳوٺ موڪليو

ويندو. 3 - تاريخ خميس ڏينهن ساڍي 4 بجي شام واريءَ گاڏيءَ ۾ هتان روانا ٿيندا ۽ آڌيءَ رات اتي پهچندا. جنهن صورت ۾ منشي بين بارن سان لاڙڪاڻي هليو ويندو، از رويءَ عنايت ڳوٺان ماڻهو روانو ڪندا تہ اسٽيشن تان نورچشم کي باحفاظت ۽ بي تڪليف ڳوٺ تائين پهچائي. زياده دعا.

الراقم حقير.

اميد تہ توهين ۽ ساري حويلي باخيريت هوندؤ. مالڪ الملڪ خوش ۽ آسودو رکيوَ! اڄ تنهنجا پراڻا خط پڙهي، دل وري ننڍڙي غلام مرتضيٰ ڏانهن تپا ڏيڻ لڳي. شل خدا جي حفاظت ۾ هجو!

تنهنجو

آءِ. آءِ. قاضي

[هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ منهنجا لکيل خط محفوظ رکيا اٿن.]

(52)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

سولن

9 - ڊسمبر 1943ع

پيارا سيد صاحب،

تنهنجي خط ۽ همدرديءَ لاءِ مهرباني. جيڪڏهن بلوچ ائين ڪرڻ چاهين ٿا تہ آءٌ آخري ماڻهو هوندس، جو هڪ ڏينهن لاءِ بہ هن کي قبول ڪريان يا پاڻ وٽ رکان. هو مون وٽ گورنمينٽ وارڊ تي آيو. مسٽر بوٽ، مسٽر ڪالنس ۽ مسٽر صديقيءَ هن کي مون ڏي موڪليو. تنهنڪري مون اُن کي قبول ڪيو، ۽ انهن وري مون ڏي موڪليو آهي. مون ان بابت ڪجهہ اکر بہ ڏانهن نہ لکيو آهي. چوڪرو ۽ ان جا مائٽ ڪورٽ آف واردس ۽ منهنجي پنيان وزيرن وٽ وڃن. ۽ اهي يڪطرفو ڪين ٻڌن، ان مان نئين وزارت جي پاليسيءَ جو پتو پوي ٿو. پر اها سندن شخصي ڳالهہ آهي.

موجوده مسلمانن جي شڪر گذاريءَ جي جيتري ٿوري ڳالهہ ڪجي، اوتري بهتر آهي. اڳين لاءِ قرآن شاهد آهي تہ-

Gul Hayat Institute

"قليل من عبادي الشكور"

ازانسواءِ "تربيت نا اهل را چون گرد گان گنبذ است."

بيوقوف سمجهن ٿا تہ نسلي ڇڪ ۽ پارهن سالن جي تربيت ڪا معنيٰ رکندي هوندي -

تهيدستان قسمت را چہ سود از رهبر ڪامل
ڪہ خضر از آب حيوان تشنہ مي آرد سڪندر را.

ان کي وڌيڪ وضاحت سان بيان ڪبو تہ-

خـــر عيســـيٰ اگـــر بـــہ مڪـــہ رود
چـــو بيـــايد هنـــوز خـــر باشـــد.

اسان هتي ٿڌيءَ موسم ڪري رهيل هئاسون، ڇاڪاڻ تہ ننڍا ڇوڪرا سندن تربيت لاءِ ان کان وڌيڪ عمده آب و هوا ۽ ماحول نہ لهي سگهن ٿا. پر ڪن سببن ڪري اسان کي موٽڻو پيو آهي. اسان پهرين آڪٽوبر ڌاري موٽي ايندا سون، اميد تہ ملڻ بعد انهن ڳالهين تي گفتگو ڪري سگهنداسون.

امير پوريءَ طرح تندرست آهي. اڳي کان وڌيڪ. اها ڳالهہ سڀ کان وڌيڪ اهميت واري آهي. هي چوطرف سبزي ۽ خوبصورت نظارن ۾ نهايت خوش ٿو گذاري. اهائي صحيح تعليم آهي. ٻي سڀ (Craming) موڙ جوڙ آهي. خط لکڻ لاءِ مهرباني.

تنهنجو مخلص
آءِ. آءِ. قاضي

[ڏسڻ ۾ اچي ٿو ڪن بلوچ زميندار ڇوڪرن کي قاضي صاحب رهائڻ کان انڪار ڪيو هو، جن مون کي سفارش لاءِ چيو هو. هي خط ان جي جواب ۾ آهي.]

(53)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس، ڪراچي
2 - ڊسمبر 1943ع

پيارا سيد صاحب،

جيڪو (تقرير) جو مسودو تو مون ڏي موڪليو آهي، ان مان مطلب ادا نہ ٿي سگهندو. آءٌ بہ ان مسودي کي پسند ڪريان ٿو، جو تو پسند ڪيو آهي.

Gul Hayat Institute

اهو قابل برداشت آهي. منهنجي مرضي آهي تہ ان کي آخري شڪل ڏيڻ بعد ڦير گهير نہ ڪجي. تبديلي يا ملاوت ان جي خوبي ختم ڪري ڇاڏي مليل ڪير بنائي وجهي ٿي. هڪ مسودو توکي مسٽر الانا ڏنو آهي. هڪ سيڪريٽري مسلم ليگ مظِهر علي شاه تيار ڪيو آهي. بنسبت هن نئين مسودي جي، اهي وڌيڪ بنياد بنائي سگهجن ٿا. گذريل دفعي بہ آخري تبديليءَ مسودي جي خوبيءَ کي ختم ڪري ڇُون ڇُون جو مربو بنايو هو.

امير ڪهڙيءَ تاريخ توسان ڳوٺ هلڻ لاءِ تيار ڪجي؟ آءٌ خود تہ وٺ اچڻ لاءِ تيار هوس، پر ڊپ هوم تہ يا تون ٻاهر هوندين، يا جم غفير ۾ وينل هوندين.

اميد تہ گهٽو ڪم ڪري پاڻ نہ ٿڪائيندين.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[آل انديا مسلم ليگ ڪانفرنس 1943ع ڪراچي جي استقباليہ ڪميٽيءَ جي صدر طور خطبو تيار ڪرٽو هوم، جنهن کي آخري شڪل قاضي صاحب وناٿي - هي خط ان سلسلي جو آهي.]

(54)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

Gul Hayat Institute

ڪراچي

6 - جنوري 1944ع

پيارا سيد صاحب،

مون کي معلوم ٿيو آهي تہ مسٽر علي بخش چنا سنڌ مدرسہ بورڊ تان استعيفا ڏني آهي ۽ بورڊ تي هڪ جڳهہ خالي آهي. جهڙيءَ طرح محمد عثمان جي خالي ٿيل جاءِ تي يوسف هارون ميونسپل ڪارپوريشن طرفان اچي سگهي ٿو. اهڙيءَ طرح تون مسٽر چنا جي جاءِ تي سهوليت سان اچي سگهين ٿو. جيئن اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ تي چوندجي آيل اعتراض جوڳن ماڻهن کي ڪڍي سگهجي.

جيستائين اسٽئنڊنگ ڪاميٽيءَ کي غلط مواد کان صاف نہ ڪيو ويو آهي، سيڪريٽري ان کي درست ڪري نہ سگهندو.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[سنڌ مدرسي جي خراب حالت کي درست ڪرائڻ لاءِ انتظار ڏيکاريو اٿن.]

(55)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

10- مارچ 1944ع

توهان جو خط نمبر 252 سوالنامي جي ڪاپيءَ سميت مليو، جيڪو توهان 9 فيبروري 1944ع تي لکيو آهي، ان جو جواب هيٺ ڏجي ٿو.

ڪيترائي ڀيرا جڏهن پيغمبر خدا ﷺ جي آڏو (وحي خدا) بابت هڪ وڏو سوال ڪيوويو، ان جو جواب بلڪل سادو ۽ هڪ ئي لفظ هو.

سوال ڪندڙ جي مطمئن نہ ٿيڻ ۽ ٻيهر سوال ورجائڻ تي، ان جو جواب پڻ ساڳيءَ طرح هڪ ئي لفظ ۾ هو. ٽيون دفعو سوال زورائتي انداز ۾ ڪيو ويو. تہ بہ جواب تقريباً ساڳيو ئي هو. هاڻ سوال ڪندڙ ان هڪ لفظي جواب ٻڌڻ کان پوءِ ان بابت ويچارڻ تي مجبور ٿيو.

سوال ڪندڙ لاءِ صحيح جواب هو تعليم ۽ تعليم، بهتر تعليم. ۽ ٻيو دفعو بہ دهرايائون، بهتر تعليم ۽ اڃا ٻيهر چيائون بهتر تعليم. جيڪڏهن ماڻهوءَ جي بهتر تعليم ٿئي تہ بنا ڪنهن گهڻي تڪليف ۽ مشڪلات جي سڀ مسئلا عملي طور پنهنجو پاڻ حل ٿي ويندا.

بهتر تعليم لاءِ بهتر قسم جي استاد جي ضرورت هوندي آهي. استاد ڪٿان حاصل ڪجن ۽ انهن جي تربيت ڪيئن ٿئي؟ زڪوات جي بهتر انتظام ۾ ئي ان جو حل آهي. پر ڳالهہ اها آهي تہ هڪ اڻ پڙهيل ۽ غير ذميوار مجموعي کان اهو ٿي سگهندو؟ ان جي جواب لاءِ وري بہ بهتر تعليم لاءِ هڪ مضبوط حلقي ڏانهن موٽڻو پوندو.

Gul Hayat Institute

جيڪڏهن ڪو شين کي مستقل ۽ مستحڪم بنيادن تي درست ڪرڻ چاهي، تہ پوءِ يقيناً سڀ کان پهريائين ان کي انساني ذهن ۽ دماغ کي درست ڪرڻو پوندو.

(تغيرو ما بانفسهم)

اهو هڪ سچ آهي تہ سڀ کان اول ۽ بهترين استاد ماءُ آهي. هن دنيا ۾ نئون جنم وٺندڙ ٻار جيڪي ڪجهہ هو پنهنجي حياتيءَ جي پهرين ستن سالن ۾ ڪمائي پيئي ٿو، زندگيءَ جي انهن ستن سالن ۾ هو ڪجهہ بہ نہ ٿو وڃائي. ان جا اهي ست سال يا تہ ماءُ جي جهوليءَ ۾ يا وري گوڏن تي ننڍ ڪندي گذرن ٿا. ماءُ انهن ستن سالن دوران ٻار جي فطري ۽ حقيقي نگهبان آهي. اهوئي سبب آهي جو، پيغمبر ﷺ، ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ، جنت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي. سو هتي ئي پيٺو ۽ اجا بہ ٽيٺو مسئلو آهي.

سوچجي تہ نياڻيءَ کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ان جي والد کي تعليم ڏيو، ان لاءِ تہ جيئن اها پنهنجي ٻارن کي پڙهائي سگهي.

پڙهائڻ جو مقصد استاد پيدا ڪرڻ آهي. انهن کي تربيت ۽ روزگار ڏيڻ ضروري آهي. جنهن لاءِ ابتدا ۾ فندن جو هجڻ ضروري آهي. جيڪڏهن جماعت [مسلم ليگ] (زڪوات) گڏ ڪرڻ ۾ اهليت رکي ٿي، تہ مسئلو سولائيءَ سان حل ٿي سگهي ٿو. پر، جيڪڏهن اهو ناقابل عمل آهي جيئن لڳي ٿو، تہ پوءِ غير منظم، انفرادي مشن جي ذريعي علائقائي طور تي معمولي نتيجا حاصل ٿي سگهن ٿا، ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهجي، جيستائين ڪا انقلابي تبديلي اچي.

Gul Hayat Institute

مذهب ۽ سياست جي ميلاپ وارو اصطلاح ڪئي مونجهارا پيدا ڪري ٿو، ڪوبہ سنجيده ماڻهو هن چوڏهين صدي هجري ۾ ڪنهن بہ مذهب کي ڪيئن پسند ڪري، جيڪو مجموعي طور انسان ذات جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم نہ ٿو اچي. سياست جو مقصد، اخلاقيات جي اها شاخ آهي جنهن کي عام زندگيءَ ۾ خاص طور استعمال ڪري سگهجي. هڪ لفظ ۾ اهو تہ شهري زندگيءَ کي منظم ڪرڻ. جڏهن تہ اخلاقيات مذهب کان سواءِ بيوقوفي آهي. جيستائين اسان اخلاق جو گهٽ ۾ گهٽ ڪو مقصد ياڪا منزل متعين نہ ٿا ڪريون، تہ پوءِ اخلاق جي اصولن جي ڪا معنيٰ نٿي رهي.

گڏوگڏ. مذهب جو عملي طور مقصد (عصبيت) آهي ۽ ڪابہ قوميت ان ڪان سواءِ وجود قائم نہ ٿي رکي سگهي. قوميت ۾ جيڪي بہ تعلقات موجود آهن اهو ان جو حقيقي مذهب آهي. پيو جيڪو ڪجهہ بہ آهي اهو وجود ڪانسواءِ (خالي) نالو آهي. رياست جي قيام لاءِ باهمي رشتي، تعلق يا ڳانڍاپي جو هجڻ ضروري آهي، ۽ اسلامي رياست سان قرآن جو تعلق يا ڳانڍاپو هجڻ ضروري آهي. قرآن مان ايستائين فائدو نہ تو حاصل ٿي سگهي، جيستائين ان کي سمجهيو نہ ويو آهي. هڪ ڪان وڌيڪ پيرا جيستائين اسان بهتر تعليم ڏانهن نتا رجوع ڪيون.

سماجي، ثقافتي ۽ تعليمي ڳالهيون سيئي اعليٰ قسم جون پر بي معنيٰ آهن. سچ اهو آهي تہ اها صرف تعليم ئي آهي جيڪا سماج ۽ ثقافت کي جنم ڏئي ٿي.تعليم ۽ ثقافت بي معنيٰ ۾ ساڳي جنس وارا لفظ آهن. البت سماجي اخلاقيات فقط ساڳي حالت جو نتيجو آهي.

ان ابتدا سان هاڻي آءٌ حالتن جي وقتي ۽ عملي ضرورتن ڏانهن اچان ٿو.

ان ڪان اڳ جو ڏوڪڙ پيسي ۽ تعليمي سرشتي کي مضبوط بنيادن تي منظم ڪجي، وقت جي اها ضرورت آهي تہ اڳواڻن کي گهٽ ۾ گهٽ اسلام جي نظرئي بابت مڪمل طور تي چٽو تيڻ گهرجي. جيستائين اڳواڻن جا ذهن صاف ۽ چٽا ناهن، تيستائين ڪابہ تحريڪ يقينن ڪامياب ٿي نہ سگهندي ۽ باراڻي خواب وانگر هوندي. انهن کي فرقيواريت ڪان متانهون ٿي سوچڻ گهرجي، ۽ ان اسلام ۾ داخل ٿي وڃن جيڪو آفاقي آهي جنهن ۾ فرقن جي ڪابہ گنجائش ناهي. تحريڪ جا اڳواڻ نہ رڳو اهڙي صاف ۽ چٽي سوچ جا مالڪ هجڻ گهرجن، مگر انهن وٽ هڪ مڪمل تصوير آڏو هجڻ گهرجي تہ آخر اهي ڇا حاصل ڪرڻ چاهين ٿا. ان بعد ئي عملي طور ۽ طريقا سامهون ايندا.

جڏهن اهو سڀ ڪجهہ ٿي وڃي تنهن ڪان پوءِ تڪڙي ضرورت آهي تہ (ان ڪان اڳ جو اوقاف کي تعليم ۽ خطبن لاءِ استعمال ڪجي) جن ساڳين هڪجهڙن اصولن جي بنياد تي اسلام پکڙيو. انهن آفاقي اصولن تحت هڪ منظم ۽ متحد پريس جي ذريعي ان کي عوام تائين پهچايو وڃي. هتي وري بہ ٽڙيل پکڙيل ليڊر شپ جو باهمي ڳانڍاپو لازمي ٿئي ٿو. مضبوط جاندار ليڊرشپ ۽ فرمانبردار پوئلڳ يقيناً اهم ۽ ضروري آهن. سمعنا و اطعنا تي هر

صورت ۾ عمل ڪيو وڃي. ڪنهن بہ ذاتي ڳالهہ کي وقتي طور ڪا بہ اهميت نہ هئڻ گهرجي.

پيسي ۽ تعليم جي ان ضروري نظام کي عوام ۾ متعارف ڪرائڻ گهرجي، ان ڇنائي ۽ شدت سان تہ جيئن اهي پنهنجن معاملن ۾ اڳتي اچڻ ۾ پاڻ پرا تي سگهن ۽ اڳواٽن کي عملي قدم کڻڻ تي مجبور ڪري سگهن.

تنهنڪري اسلام جي نظرئي بابت گڏيل سوچ جو هجڻ پهرين ضرورت آهي، جيڪا وقتي طور هڪ منظم پريس جي ذريعي پيدا ڪري سگهجي ٿي. ان ڪم ۾ ٻارهن مهينا بہ لڳي سگهن ٿا، ۽ ان جو پيهر ورجاءُ ڪري سگهجي ٿو. جيستائين هي نظريو ماڻهو هضم نہ ٿا ڪن. ان لاءِ فقط پريس ئي واحد ذريعو آهي جيڪا صلاحون ۽ مشورا ڏئي سگهي ٿي.

ان دوران اڄ تائين واري تعميري ڪم لاءِ هڪ نظرداري ڪندڙ ڪاميٽي جوڙي وڃي جيڪا هن نظرئي جو ٻاهرين حملن کان دفاع ڪري سگهي ۽ ڪنهن کي بہ پريس جي معمول مطابق ٿيندڙ ڪم ۾ مداخلت ڪرڻ جي اجازت نہ ڏئي.

اهو پڻ ضروري آهي تہ جيستائين ڪنهن نندي آواز جي پيدا ٿيڻ جو ڪو امڪان ٿئي، تيستائين عام ماڻهو کي اهو سوچڻ نہ ڏنو وڃي تہ ڪو انهن کي اسلام جي ڪنهن خاص نڪتي يا سوچ ڏانهن ڇاڻي واٽي ڌڪيو پيو وڃي.

تنهنجو مخلص

آءِ آءِ قاضي.

[قاضي صاحب پاران سائين جي. ايم. سيد کي هي خط ان وقت لکيو ويو. جڏهن پاڻ صوبائي مسلم ليگ جو صدر هو. معلوم ائين ٿئي ٿو تہ قاضي صاحب سيد صاحب جي معرفت مسلم ليگي قيادت ۾ قوم جي فلاح ۽ ترقيءَ لاءِ اهليت پيدا ڪرڻ ۽ عوام جي خدمت ڪرڻ جو خواهان هو.

هي خط غلام آءِ آءِ قاضيءَ جي. سنڌي ادبي بورڊ ۾ موجود منتشر پيپرن مان هٿ لڳو. جنهن مان اهو پڻ پتو پوي ٿو تہ 1944ع ۾ لکيل هن خط تائين سيد صاحب علامہ قاضي صاحب کي 252 خط لکيا. پر افسوس. جو انهن خطن جي هاڻ ڪٿي بہ ڪاپي ڪانہ ٿي ملي. هن خط کي سنڌيءَ ۾ آڻڻ لاءِ محترم محمد آدم ٻٽ جو تعاون رهيو. آزاد قاضي]

Gul Hayat Institute

(56)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس

11- مارچ 1944ع

پيارا سيد صاحب

ضروري درستگي ڪرڻ کان پوءِ ڪاغذ واپس اوهان ڏانهن موڪلجن ٿا.

نيڪ خواهشن ۽ سلامن سان.

توهان جو خلوص منجهان

آءِ. آءِ. قاضي

[هي خط بہ سنڌي ادبي بورڊ جي ذخيري مان مليو. آزاد قاضي]

(57)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

سولن، سملا هلس،

24 - مئي، 1944ع

پيارا شاھ صاحب،

تنهنجي مهرباني، جو تون تڪليف وٺي اسان کي ڪراچي اسٽيشن تي هيڏانهن اچڻ مهل ڇڏڻ آئين. اسان باسلامت هتي پهتا آهيون. ڪجهہ تڏ تي پيئي، جنهن جو ڪراچيءَ کان هتي پهچڻ بعد پتو پيم. سفر کان اڳ يا ان ۾ مون کي اک جي تڪليف بہ ٿيل هئي. هن دفعي ڪراچيءَ جي آب و هوا اسان سيني کي ياءِ نہ پيئي. امير صحت ۾ سڌري رهيو آهي. اهڙيءَ طرح بيا شاگرد بہ. هنن جي ڪنگهہ هاڻ ختم ٿي ويئي آهي. تنهن هوندي بہ، هتي بہ ڏينهن جو ذرا گرمي ٿئي ٿي. ازانسواءِ هتي سملي وانگر ڪنٽرول جا رول لاڳو نہ هئڻ ڪري واپاري ٻاهرين کي ڦرڻ ۾ حد ڪريو ڇڏين. مسواڙن ۽ کاڌي جو سامان هتي ڪراچي کان وڌيڪ مهانگو آهي. خاص ڪري ڪوٺلي جي مهانگائيءَ جي نہ حد آهي. 5 رپيا في من ملن ٿا.

سملي ۾ ڪو گهر ڪونہ ٿو ملي. پر جيڪي ماڻهو اڳي رهاڪو آهن. تن مان بہ ڪيترن جا گهر خالي ڪرايا پيا وڃن. اها ڳالهہ هڪ معزز کان ٻڌيم. جو اتي رهي آيو آهي. ان تي اعتبار ئي نٿو اچي.

Gul Hayat Institute

اسان ٻيئي تڪل ۾ بيمار آهيون. مڪمل آرام وني، تندرست ٿيڻ گهرون تا. جيڪڏهن خدا گهريو ته. ماشاءَ الله.

شهر خالي ست ز عشاق مگر کز طرفي
دستي از غيب برون آيد کاري بکند

مظهر علي شاهه کي سلام ڏج. اميد ته هاڻ تون تندرست ۽ بهتر هوندين. حد کان وڌيڪ ڪم نه ڪر. اها غلط بچت آهي. خدا حافظ.

"ننڍي وڏي ڪي پيار جي نظر سان ڏس، ڇاڪاڻ ته سچي محبت جي تقاضا اها آهي." (شيڪسپيئر)

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد

[هيءُ سولن کان سندن حال احوال ۽ يادگيريءَ جو خط آهي.]

(58)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي
20 - آگسٽ 1944ع

پيارا سيد صاحب.

مهرباني ڪري امير جي بخار جي ڊگريءَ جي خبر موڪليندا. اميد ته هاڻ سندس حالت سڌري هوندي.

پيار ڪندڙ
امداد قاضي

[امير حيدر کي ٽائيفائيڊ ٿي پيو هو. ان لاءِ سندس طبع پرسي ڪن ٿا.]

(59)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي
(تاريخ ڪانه لکيل)

پيارا شاهه صاحب.

پيغام لاءِ مهرباني. اڄ ڏيڍ بجي مسلم هاسٽل ۾ ليڪچر لاءِ وڃي رهيو آهيان. مون کي پتو نه آهي ته توکي اتي مون سان گڏجي هلڻ سهوليت

Gul Hayat Institute

وارو ٿيندو يا نہ. منهنجي مرضي آهي تہ تون مون سان گڏجي هلين. گاڏيءَ ۾ اسان موٽندي ڳالهائي سگهنداسون. هي آءٌ انڪري چوانٿو تہ مون کي 4 بجي ٻيءَ جڳهہ تي وڃڻو آهي هاسٽل مان موٽڻ بعد سڌو اوڏانهين هليو ويندس. ڪوشش ڪج جيڪڏهين ملي سگهين. مون کي توسان گهڻو ڳالهائڻو آهي. آءٌ گاڏيءَ ۾ پوري ڏيڍ بجي تو وٽ ايندس - انشاءَ الله تعاليٰ. پيار ۽ سلام.

تنهنجو مخلص

امداد قاضي

[قاضي صاحب ڪان ان ڏينهن ملڻ لاءِ وقت گهريو اٿم. ان جي جواب ۾ هي خط موڪليو اٿن.]

(60)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

سن نہ چڏج. منهنجو ماڻهو ايڏاهين اچي ٿو.

آءِ. آءِ. قاضي.

[هن تار تي تاريخ ۽ سن لکيل نہ آهي، انڪري پتو نٿو پئجي سگهي تہ ڪهڙي سلسلي ۾ تار ڪيل آهي.]

(61)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

Gul Hayat Institute

ڪراچي

6 - اپريل، 1945ع

پيارا سيد صاحب،

امير کي چيل هو تہ 4 تاريخ اچي، جو چوڪرن جي داخلا سينٽ پيٽرڪ اسڪول ۾ نون ڪلاسن منجهہ 5 تاريخ رکيل هئي.

هي 5 تاريخ پهچي نہ سگهيو. مون پرنسيپال کي لکيو تہ اڄ تائين ترسي، پر اڄ بہ نہ آئيو. امير کي سستي ڪرڻ نہ ڏني وڃي. تعليم ايتري اهم نہ آهي جيتري تاديب. مهرباني ڪري هن کي جلد تار ڪرائي گهرائي وٺ.

مون کي اميد آهي تہ تو منهنجو گڏيل مشورو، توکي ۽ پير صاحب کي ڏنل نہ وساريو هوندو ۽ هڪ ننڍي جڳهہ منهنجي چوڻ موجب پري هونديو. توکي پوءِ معلوم ٿيندو تہ منهنجو اهو مشورو انصاف تي مبني آهي.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[سنڌ مدرسہ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي رکڻ بابت هدايت آهي.]

(62)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

(تاريخ ڪانہ لکيل)

پيارا سيد صاحب،

مون کي ڪن خانگي ۽ ڪن پبلڪ مسئلن تي توسان گفتگو ڪرڻي آهي. پر مون کي ڊپ آهي تہ تون هن وقت مشغول هوندين. بهرحال جيڪڏهين توکي وقت ملي سگهي، تہ مون کي مل. جيئن تبادلہ خيال ڪري سگهون.

هن سان گڏ هڪ خط پروفيسر گهنشام جو تو ڏي موڪليان ٿو. جيڪڏهين اِج وقت ملي سگهي تہ ڪيس ڏج. جيڪڏهين خط ڏيڻ نامناسب نظر اچيئي، تہ پوءِ خط ڏيڻ جي تڪليف نہ ڪج. پوءِ آءٌ ڪنهن ٻئي ذريعي ڪيس موڪلڻ جي ڪوشش ڪندس.

سلام پير صاحب ۽ شاہ صاحب کي رسن.

مخلص

امداد قاضي

[هيءَ خط 1945ع ڌاري جو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جڏهين ڪان اسان جا تعلقات ڪانگريس ڪارڪنن سان وري بيهر پيدا ٿيا. انڪري هن جاء تي آندو اٿم. سنڌ مسلم ليگ ۾ ان وقت اختلاف هئا. ممڪن آهي انهن جي دور ڪرائڻ لاء گفتگو ڪرڻ گهري هجين.]

Gul Hayat Institute

(63)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس، ڪراچي
16 - اپريل 1945ع

پيارا شاه،

تنهنجي خط نہ صرف مون کي پر مسز قاضيءَ کي بہ عجب ۾ وجهي ڇڏيو. ايتري قدر جو هن سولن وڃڻ مهمل ڪري ڇڏيو آهي.

پر خط ۾ تنهنجي طبيعت جي جا جهلڪ نظر اچي ٿي، ان ۾ اسان توسان همدرد آهيون. اسان امير جي تعليم هن عمر ۾ خراب ڪرڻ نٿا چاهيون. اسان جي ڇئن سالن جي محنت اسان کي ياد آهي. اسان فيصلو ڪيو آهي تہ سولن نٿا وڃون. اسان اڳيئي بہ هزار رپيا پاڻن ۽ مسواڙ تي خرچي چڪا آهيون ۽ اجا بہ خرچ ڪرڻا اٿئون. تو امداد لاءِ پوريءَ طرح مون کي نہ سمجهيو آهي. مون چيو تہ نئون سال اپريل ۾ شروع ٿيو آهي. جيڪڏهين اسان انگلينڊ نہ وياسون، تہ هي پلي اچي.

مهرباني ڪري امير کي يڪدم موڪل. جيئن تہ نوان ڪلاس هاڻ شروع ٿيا آهن. اسان هن جو يڪدم هتي اچڻ چاهيون ٿا. ڪنهن بہ صورت ۾ ڪمزور نہ ٿيءُ. ڇئن سالن ۾ رڳو اچ امير کي ڪنٽرول ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. پر ڇا ڪجي، جڏهين والدين جي ڪمزوري موجود آهي!

وڏيڪ پوءِ لکندس. پر امير حيدر کي يڪدم موڪل.

تنهنجو
امداد قاضي

[امير حيدر جو ڪن سببن ڪري، پڙهڻ لاءِ قاضي صاحب ڏي نہ وڃڻ- هي ۽ بيا هيٺيان ٽي خط انهيءَ بنسبت آهن.]

Gul Hayat Institute

(64)

(سنڌيءَ ۾)

ڪراچي
23 - اپريل، 1945ع

شاه صاحبا،

مون ڪالهہ تار ڪئي تہ امداد کي هڪدم ڏياري موڪليو. اجا تائين امداد ڪونہ پهتو آهي. تون پاڻين ٿو تہ امداد ۽ امير مون کي توکان گهڻ پيارا آهن.

پر منھنجي امان ۽ تون امير کي ڪارڻ پنيان آهيو. هي وقت آهي، جنھن ۾ سندس درست ٿيڻ يا نہ ٿيڻ جو موقعو آهي. سندس ضد کي ڏکھي رسي ڏيڻ يا تاديب ڪرڻ تي سندس زندگيءَ جو مدار آهي، ارادو بہ ڪا شيءِ ٿيندي آهي.

هتي اسان وٽ يار محمد کھاوڙ جا ڇوڪرا هئا. جيسين هو تورو بہ کين منھن ڏيندو هو، تيسين کين سڌريا. پوءِ مون ڇيومانس تہ يا وٺي وڃين يا چوين تہ آءٌ توهان کي ڪجھہ بہ کين تو ڏيئي سگھان- وجي قاضي صاحب يا منسز قاضيءَ کان گھرو يا بک مرو! نتيجو اهو ٿيو آهي تہ اهي ڇوڪرا اڄ آئڊيل ۽ هر ڪم لاءِ تيار آهن. انھن ۾ ڪئريڪٽر پيدا ٿي ويو آهي. هو هر ڳالھہ خوشيءَ سان قبولين ٿا.

محترمہ اديءَ صاحبہ کي منھنجي پاران چئو تہ امان تون منھنجي ڏيءَ آهين، مون کي امير توکان گھٽ پيارو نہ آهي، پر توکي خبر نہ آهي تہ ٻار ڇا ۾ سڌرندو ۽ ڇا ۾ ڪرندو آهي.

زياده ڇا لکان!

تنھنجو

امداد قاضي

(65)

(سنڌيءَ ۾)

Gul Hayat Institute

ڪراچي

27 - اپريل، 1945ع

شاھہ صاحبا، وعليڪم السلام.

اوهان جو نوازشنامو مليو. احوال معلوم ٿيو. اها خدا جي مھرباني هئي تہ توهان مون کي امير جو خط موڪليو. آءٌ خود حيرت ۾ هوس، پر مون کي ڪجھہ ڪجھہ احوال معلوم ٿي ويا هئا.

امير جي پويان اهي ماڻھو پيل آهن. جن جو غرض امير جي رستي اوهان سان صرف رسوخ پيدا ڪرڻ جو نہ آهي، پر انھيءَ کان بہ اڳيرو. نالن وٺڻ جو ضرور نہ آهي.

ميان غلام حيدر شاه اجا ننڍو آهي. دنيا جي حالتن کان غيرواقف ۽ نيڪ دل انسان آهي. هو دنيا جي ماڻهن جي نيتن ۽ طريقن کان واقف نہ آهي. پر هن قصي جو بنياد جيترو ظاهر ڏسڻ ۾ اچي ٿو، تنهن کان اڳيرو آهي. اوهين سمجهي نٿا سگهو تہ جنهن پار پنج سال هڪ هنڌ گهر ڪيو هجي، سو ڪيئن بغير وجهہ اهو گهر ڇڏڻ گهرندو. اهي سڀ ڳالهيون اوهان جي گهري ويچار جي قابل آهن. آءٌ فقط ايترو چوان ٿو تہ پاڻهي مستقبل انهيءَ معما کي کوليندو، پوءِ اوهان کي خبر پوندي.

بي حقيقت جا آهي تہ ٻي تاريخ مئي تي اسان وري سولن وڃڻ جو ارادو ڪيو آهي. اڳيان ٽڪيٽ خراب ٿي ويا. وري پيا ورتا اٿئون. جيڪڏهن تڪليف نہ ٿئي، تہ پهرين [تاريخ] هتي اچو، تہ چار ڳالهيون ٿي سگهن.

ٻيءَ صورت ۾ جيڪڏهين مرضي هجي تہ، امير کي هتي ڇڏي وڃون، جيتوڻيڪ هاڻي ظاهراً تہ نيڪ آهي. سندس ضد ۽ بي ادبيءَ کي ڇڏي ڏيڻ کان اهي خاميون سندس طبيعت مان ڪڏهن بهتر ٿيندو. ان جو فيصلو اوهان پاڻ ڪريو. اسان جا 60 ورهيہ اجايا ويل آهن. انهيءَ جو فيصلو اجا ڪري نٿا سگهن.

هنن پنجن ورهين ۾ مون فقط هڪ ڏينهن تڪو تي ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو هن مهيني جي 10 تاريخ.

ان جو نتيجو اهڙو همت افزا ثابت ٿيو، جو مون کي يقين آهي، جو امير مان ضد کي ڪڍڻ آسان ٿيندو، پر توهين بهتر ڄاڻو تا ۽ بار توهان جو آهي. منهنجو حق مٿس نہ آهي. وڌيڪ مرضيءَ جا مالڪ آهيو.

زياده خير.

تنهنجو

امداد قاضي

Gul Hayat Institute

(66)

(سنڌيءَ ۾)

ڪراچي

27 - اپريل، 1945ع

شاهہ صاحب،

اڄ صبح جو مون هڪ چٺي پوسٽ ڪئي آهي. پر وري خيال آيم تہ اسين سيئي بار ٿيندا تا وڃون. امير پاڻهي راضي ٿي ويندو. ان جو بار اسان تي

آهي. ان بابت اوهان کوبہ ويچار نہ ڪريو. ٻن مهينن لاءِ نہ خط لکوس، نہ پيسو موڪليوس- ڇو تہ توهين سندس لکڻ مان رنج آهيو. هتي اسان نئون دستور اختيار ڪري، خرچي ڏيڻ جو مستقل دستور ڪڍيو آهي. ڪين نقد پيسا معمولي طريقي سان خرچيءَ لاءِ ڏنا ويندا. توهان کان تقاضا ئي ڪونہ ڪندو. باقي ضرورت رهي تہ امداد کي هڪدم هيڏانهن روانو ڪيو. توهان خود اسان جي سولن وڃڻ کان اڳ، هتي نہ اچو تہ بهتر- جيئن امير اوهان کي ڏسي ئي نہ، مون کي خوف آهي تہ ٻن ٽن مهينن ۾ اوهان کي سخت انتظار سان منهن ڏيڻو پوندو. پوءِ هي ڳالهيون بالڪل خسيس ۽ بي معنيٰ نظر اينديون. بهتر آهي تہ هي ڳالهيون اسان کي فيصل ڪرڻ ڏيو. باراٽيءَ ڳالهہ کي طوالت نہ ڏجي.

مون کي ڊپ آهي تہ اسين خود باراٽپ جي تعريف جي احاطي اندر نہ اچي وڃون! هاڻ في امان الله. امداد کي جلد روانو ڪريو.

انشاءَ الله العزيز 2 مئي اسان سولن روانا ٿي وينداسون. اوهان ڏهہ منشي موڪليندا، تہ بہ امير اسان سان هلندو. اهو ويچار ئي لاهي ڇڏيو. هاڻي فيصلو مون کي هٿ ۾ وٺڻو آهي.

تنهنجو

امداد

(67)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

Gul Hayat Institute

سولن

10 - جولاءِ، 1945ع

پيارا سيد صاحب،

اسان اسٽيشن تي آياسون ٿي تہ توکي ڏسون. پر هوا سازگار نہ ٿي. جيڪڏهين تون واقف ٿيڻ چاهين ٿو تہ اسان ڪڏهين واپس موٽنداسون تہ انشاءَ الله اسان 3 تاريخ آگسٽ نڪري، چوٿينءَ ڌاري ڪراچيءَ پهچي وينداسون.

جيڪڏهين مير غلام علي خان سان ملڻ جو موقعو مليئي، تہ مهرباني ڪري کيس چئج تہ ڇوڪرا تندرست آهن. هن مهيني جي آخر ڌاري ايندا سون. هن ظاهر ڪيو هو تہ سولن ايندو تنهنڪري وقت اندر ڪين جواب موڪلجي ٿو تہ اسان خود واپس اچي رهيا آهيون.

اميد تہ جڏھين اسان ڪراچيءَ پھچنداسون تہ ان وقت کان اڳ تون موٽي ڪراچيءَ پھچي ويندين. مون کي توسان ڪن مسئلن بابت ڳالھہ ٻولھہ ڪرڻي آھي.
اميد تہ اوھان سلامتيءَ سان واپس ملڪ پھچندا.

تنھنجو پيار ڪندڙ
امداد قاضي

[لارڊ ويول آل انڊيا آئيني مسئلن تي ھندستان جي مکيہ پارٽين سان گفتگو ڪرڻ لاءِ سملي ۾ ميٽنگ گھرائي ھئي. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽين کي بہ ان موقعي تي سنڌ ليڊرن صلاح مصلحت لاءِ اتي گھرايو ھو. آءٌ ۽ ڪي دوست سنڌ مان ان موقعي تي ويا ھئاسون. مون امير کي خط لکيو ھو تہ اسٽيشن تي ملي. گاڏي کان بيٺي. ھو اسٽيشن تي آيل ھو.]

(68)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي ھائوس. ڪراچي
29 - سيپٽمبر 1945ع

پيارا سيد صاحب.

مون کي قاضي احمد ايل. ايل. بي. ايم. اي ائڊووڪيٽ ۽ ليڪچرر مسلم ڪاليج ڪراچيءَ کي توسان تعارف ڪرائڻ ۾ خوشي ٿئي ٿي.
ھن کي انن سالن کان روزانو ڪاليج جي ڏينھن کان ڏسندو آيو آھيان.
ھي نسلي طور اسلام ۽ ان جي پيغمبر ۽ خدا سان محبت رکندو آيو آھي. ھن کي مذھب جو ٻين ڳالھين کان گھڻو خيال رھي ٿو.
ھن جي ڳوٺ جا ووٽر ۽ سنڌس تڪ جا ڪيترائي ساٿھو سنڌس چوڻ موجب ڪيس اسيمبليءَ جي ميمبريءَ لاءِ بيھڻ واسطي چئي رھيا آھن. ھن جو مخالف اڻ پڙھيل آھي. پر تو کي آزمودي موجب معلوم ٿيو ھوندو تہ ھو ڪھڙو ماڻھو آھي. ھن جي پارٽ اٿو.

تنھنجو مخلص
آ. آ. قاضي

[اسيمبليءَ جي نين چونڊن لاءِ ٽڪيٽن ورھائڻ وقت قاضي احمد محمد ڏيپلي واري ھيءُ سفارشي خط قاضي صاحب کان آندو ھو.]

Gul Hayat Institute

(69)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي

15 - ڊسمبر، 1945ع

پيارا سيد صاحب،

مون مير غلام علي خان کي گهرايو هو ۽ هو هاڻ موٽي ويو آهي. چوي ٿو ته هي حيدرآباد ۾ هوندو ۽ جڏهين به آءٌ ڪيس گهرائيندس، هو اچڻ لاءِ تيار رهندو. جيڪڏهين تون سچي مسئلي تي غور ڪري هڪ ڏينهن لاءِ هتي اچين ته شايد هي جهڳڙو اجا به ٽاري سگهجي.

جنهن ڏينهن تون وئين، ڪهڙي اهو به مناسب نه ڄاتو ته مون کي، توهان ٻنهي ۾ ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون. ان بابت اطلاع ڏئي. هو زورآور ماڻهو آهي، تنهنڪري ڪيس سندس راءِ کان ڦيرائي نه سگهبو. پر توکي ۽ مير غلام علي خان کي مستقبل جو خيال رکڻ گهرجي. حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ هي منهنجي آخري ڪوشش آهي. جيڪڏهن پاڻئين ته ڳالهين مان ڪو خاطر خواهه نتيجو نڪرندو، ته مهرباني ڪري يڪدم هيڏانهن اچ. اتفاقاً محمد صالح شورو ملي ويو اٿم. ڪيس توکي وٺڻ لاءِ موڪليان ٿو.

تنهنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

Gul Hayat Institute

[ان وقت مسلم ليگ ۾ ڄڻن تان اختلاف وڌي ويل هئا. هڪ طرف وزارت ڌُر هئي، جنهن ۾ سر غلام حسين، پير الاهي بخش، خانبهادر کهڙو ۽ مير غلام علي خان هئا. ۽ ٻئي طرف صوبي سنڌ مسلم ليگ جو گروهه هو، جنهن ۾ غلام نبي خان پٺاڻ، سيد ميان خير شاهه، سيد غلام حيدر شاهه، رئيس غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي وغيره هئا. قاضي صاحب مسلم گروهن ۾ سمجهوتي آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ٿي. هي خط ان سلسلي ۾ هو. پر اختلاف ايتري قدر زور وٺي ويا هئا، جو ڪو سمجهوتو ٿي نه سگهيو.]

فصل ٽيون

قاضي صاحب جا خط
(1967 - 1946)

(70)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

ڪراچي
(تاريخ ڪانه لکيل)

پيارا پاءَ،

خط لکي موڪل تہ طبيعت ڪيئن اٿئي! آءٌ آيس ٽي، پر توکي طبيعت جي ناسازيءَ جي حالت ۾ تڪليف ڏيڻ نہ گهريم. ماڻهن سان ملڻ ۾ توکي ٿڪاوٽ ٿيندي هوندي. پينسل سان هڪ اکر لکڻ ڪافي ٿيندو، تہ بخار هن وقت ڪيترو آهي.

تنهنجو مخلص
امداد قاضي

[ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ڪنهن وقت بيمار ٿيو آهيان، ۽ قاضي صاحب خط لکي طبيعت پرسي ڪئي آهي.]

Gul Hayat Institute

(71)

پيسٽن جي هائوس ڪراچي
26 - اپريل، 1947ع

پيارا شاهہ صاحب،

پنهنجي ڪتاب (نئين سنڌ لاءِ جدوجهد) جو مسودو مون ڏي موڪلڻ لاءِ مهرباني. آءٌ هر روز تنهنجي پروگرام بابت پڇا پيو ڪريان، پر پتو پئجي نہ سگهيو آهي. آءٌ گذريل مهيني کان طبيعت ۾ بي چاڪ رهڻ ڪري ڪجهہ

ڪري نہ سگھيو آھيان. مون خيال ڪيو ھو تہ تون ڪراچيءَ ايندين، تہ اتي ملڻ جو موقعو ملندو. تنھنڪري ھن ڪان اڳ لکي نہ سگھيو آھيان. آءٌ قلمي نسخو موٽائي موڪليان ٿو. منجھس ڪا درست ڪرڻ جھڙي ڳالھہ نہ آھي. سواءِ ٽائيپ جي چڪن جي. اھو دلچسپ ڪتاب آھي.

پھرين 9 فصلن ۾ وڌيڪ وضاحت ٿيڻ گھربي ھئي.

اميد تہ جلد ھتي ملڻ ٿيندو.

تنھنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

[سارو 1946ع جو سال آل انڊيا مسلم ليگ جي پشتيءَ سان وزارت پارٽي ۽ اسان جي وچ ۾ تصادم رھيو. آخر ۾ ضمني چونڊن ۾ سال جي آخر ڌاري اسان جو گروھ وزارت پارٽيءَ ۽ مسلم ليگ جي مقابلي ۾ شڪست کائي ويو. ان ڪان پوءِ ڳوٺ ويھي، سنڌ جي گذشتہ سياسي تاريخ تي ڪتاب لکيم، جنھن جو نالو "نئين سنڌ لاءِ جدوجھد" رکيم. قاضي صاحب ڏي اھو ڪتاب ڏسڻ لاءِ موڪليو ھوم. ھي ۽ ٻيو خط ان سلسلي ۾ آھن.]

(72)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي ھائوس ڪراچي

27 - اپريل، 1947ع

پيارا شاھ صاحب،

جنھن ڏينھن تو پنھنجي لکيل ڪتاب جو قلمي نسخو موڪليو، ان وقت کان تنھنجي پروگرام جي پيچا ڪئي اٿم، پر پتو نہ پيو اٿم. 8 بجي صبوح جو ھڪ نوجوان آيو، ڪتاب موٽائي وٺي وڃڻ لاءِ. ان وقت آءٌ غسل خاني ۾ ھوس. نوڪر چيس تہ 10 بجي اچي، پر ان کان پوءِ وري ڪونہ آيو.

مون ھڪ نوٽ لکي ڪتاب سان شامل ڪري، موڪلڻ لاءِ رکي ڇڏيو ھو. پر پتو ڪونہ اٿم تہ ڪتاب ڪٿي موڪليان. جڏھين ڪراچيءَ اچين، تہ مون وٽ ضرور اچج. ھتي جڏھين اچين تو ۽ موٽيو وڃين، تہ ان جو پتو مون کي ڪونہ تو پوي.

اميد تہ خوش ھوندا.

تنھنجو مخلص

آءِ. آءِ. قاضي

Gul Hayat Institute

(73)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس، ڪراچي
4 - سپٽمبر، 1947ع

پيارا شاهه،

خدا جو شڪر جو مون کي، توکي ٻئي مبارڪن ڏيڻ لاءِ موقعو مليو آهي. هڪڙو تہ امير حيدر تندرست ٿيو آهي. ان کي منهنجو پيار ڏج. ٻيو تنهنجي ڪالهوڪي شام جي بصيرت افروز تقرير تي. تنهنجو تاريخي تجزيو نہ صرف ممتاز هو، پر صحيح پڻ هو. سرهند تي ابن عربيءَ جا رد عمل پوري طرح بيان ڪيل هئا. اهڙي طرح نور محمد ڪلهوڙي جو ڪردار واضع ڪيل هو.

منهنجي خواهش آهي تہ سنڌي پوري طرح بيدار ٿي، لطيف جي پيغام تي عمل ڪن، ۽ ان جو پيغام دنيا تائين هڪ آواز سان پهچائين.

اسان وٽ املهہ ماڻڪ شاعر آهي، جو هر ملڪ جي شاعرن ڪان گهڻو مٿي بيٺو آهي. هي ڪهڙو نہ روحاني مظهر آهي! هن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ بعد روحانيت ۾ ڪير نہ مڃندو؟ خدا توکي برڪتن سان مالامال ڪري!

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد

[منهنجي جنهن تقرير طرف توجهہ ڇڪايو اٿن. اها مون شاهه عبداللطيف جي قومي تخيل بنسبت جمشيد لنگر لاج (راڪ هائوس) ۾ 3 سيپٽمبر 1947ع تي ڪئي هئي، جا پوءِ انگريزيءَ ۾ سائيڪلو اسٽائيل ڪري ورهائي وئي هئي.]

Gul Hayat Institute

(74)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

پيسٽن جي هائوس، ڪراچي
24 - آڪٽوبر، 1947ع

پيارا شاهه صاحب،

عيد مبارڪ پهرين توکي، پوءِ ساري ڪٽنب کي ڏيان ٿو.

اصل سبب ڇوڪرن کي هميشہ وانگر، نہ رهائڻ جو اهو آهي، تہ اسان ٻيئي ٻي چاڪ ٿي پيا آهيون، ۽ تندرست ٿيڻ لاءِ آخري علاج ان ۾ ڳوليو

اٿئون، تہ ملڪ جي تبديلي ڪريون. جيڪڏهين خدا گهريو، تہ اسان هي ملڪ 10 ڏينهن اندر ڇڏي، ولايت روانا ٿي وينداسون - خدا ڪي معلوم تہ ڪيتري وقت تائين. مون سڀ ڇوڪرا مائٽن ڏي موڪلي ڇڏيا آهن. مون ڪي معلوم ٿيو آهي تہ تون 27 تاريخ ڪراچيءَ اچڻ وارو آهين. اميد تہ ولايت وڃڻ کان اڳ توسان ملاقات ٿيندي. هيءَ خبر مون ڪنهن کي نہ ٻڌائي آهي. خود پنهنجي پيٽن ۽ ڪٽنب جي ڪنهن بہ ڀاتيءَ کي نہ ٻڌائي اٿم. تنهنڪري ان کي مخفي رکج ۽ ڪنهن کي نہ ٻڌائج. آءٌ ان جو سبب توکي ٻڌائيندس، جڏهين روبرو ملنداسون. خود ميان علي محمد کي بہ ان جي خبر نہ آهي. آءٌ توکان معافي وٺان ٿو، ان ڪري جو مون ڇوڪرا اڃا موٽائي گهر نہ آندا آهن- يعني امير حيدر ۽ امداد، جو مون کي خبر آهي تہ اها غلطي ٿيندي، جو جڏهين اسان ولايت وڃي رهيا آهيون، تہ ڪين هفتي ڏيڍ لاءِ هتي گهرائي وٺان. اميد تہ امير حيدر هن وقت بلڪل چاق ٿيو هوندو.

سلام ۽ عيد مبارڪ.

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد

[پاڪستان قائم ٿيڻ بعد ٻنهي ملڪن ۾ مذهب جي نالي ۾ هندن، مسلمانن ۽ سکن جا نفرت ۽ نفاق جي هوا پکيڙي، جنهن ۾ لکها ماڻهو قتل ٿيا ۽ ڪروڙها ماڻهن کي دربدر ٿيڻو پيو. اُن هـن حساس دل ۽ صوفي منش کي نهايت صدمو پهچايو. هو پيٽي ٻي چاڪ ٿي پيا. تنهنڪري لاچار وطن ڇڏڻ جو ارادو ڪيائون.]

(75)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

انگلنڊ

3 - ڊسمبر، 1947ع

پيارا سيد صاحب،

اسان هڪ هفتي کان هتي آهيون. تنهنجي مهرباني، جو اسان کي الوداع ڪرڻ لاءِ جهاز تائين اُماڻڻ آئين.

Gul Hayat Institute

اسان سارو وقت درد ڀريءَ دل سان غريب سنڌ، لطيف جي پيغام، اسلام ۽ غريبن جي مستقبل بابت سوچي رهيا آهيون. غريب شيخ عبدالمجيد موجوده حالات ۾ ڪهڙيءَ طرح گذاري رهيو آهي؟ آءٌ هن ڪان موڪلائي به نه سگهيس، اسان کي ملڪ ڇڏڻ لاءِ نهايت ٿورو وقت مليو. مهرباني ڪري منهنجي طرفان هن ڪان معافي وٺج. هن ۽ راشدي صاحب کي سلام ڏج.

اسان جون دليون رت روئن ٿيون، جڏهين فڪر ڪريون ٿا ته ڇا ٿيڻ گهربو هو ۽ ڇا ٿي پيو! ماڻهو دنيا کي بهشت بنائي سگهي ٿو. پر ان جي عيوض هن کي دنيا کي دوزخ بنائڻ پسند اچي ٿو. ان لاءِ ڪو علاج آهي يا نه؟ اهو سڀ مذهب ۽ خدا جي نالي ۾ ڪيو وڃي ٿو! وڏي شان وارا مسلمان، سک، سناتني- ڪهڙي نه عجيب مذهبي تثليث آهي! تن تي خدا جي لعنت هجي، جن اهڙا ڪم ڪيا. انسانيت، فضيلت ۽ شرافت کي تماشو ڪٽي بنايو اٿن. اهي عجيب مذهبي ماڻهو بنيا آهن. جيڪڏهين اهي، جيڪي ڪن ٿا سي مذهب آهن، ته اهي جيترو جلد ختم ٿيڻ گهرجن اوترو بهتر آهي.

توکي ياد آهي ته اسان جو ڪرشنا مورتي جڏهين زمان ڪان مٿي ٿيڻ جو ذڪر ڪري رهيو هو، ته ان جو محرڪ جذبو (Incentive) آڊولف هڪسلي جي ڪتاب (Time Must Have A Stop) مان هو. جيڪڏهين اهو ڪتاب هٿ اچي سگهيئي، ته پڙهي مون کي خبر موڪل ته تنهنجو ان لاءِ ڪهڙو خيال آهي. اسان کي پنهنجي ۽ پٽن جي احوال ڪان واقف ڪندو رهج. مسز قاضي ڪين پيار موڪلي ٿي.

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد

[خط جو مضمون خود وضاحت ڪري ٿو وڌيڪ ضرورت نه آهي.]

Gul Hayat Institute

(76)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

انگلنڊ

(تاريخ ڪانه لکيل)

پيارا شاه صاحب،

توکان خط نه اچڻ جي حالت ۾ مون هڪ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو آهي، جڏهين پورو ٿيندو ته موڪليندس. اهو پيغمبر اسلام ته هو، جنهن پهريون دفعو ٻڌندڙن لاءِ عجيب پيغام ڏنو-

"طلب العلم فريضةٌ عليٰ كل مسلم و مسلمةٌ"

ها، نہ صرف مرد پر زالون بہ علم پرائين. اهڙي ڳالھہ ان کان اڳ نہ ٻڌايل هئي، جنهن موجب زالن تي بہ علم پرائڻ فرض مقرر ڪيو ويو. ڪيتريون مسلمان عورتون علم پرائين ٿيون؟ افسوس آهي سندن مسلمانن والدين تي. ڇا اهي مسلمان آهن؟ تون سمجهين ٿو تہ جي هي واقعي مسلمان هجن ها، تہ دنيا ۾ اوچ تي نہ هجن ها.

"مسلمان ڪهاڻ مشڪل هووي" (گرونانڪ)

تون ڪين تعليم لاءِ پروپيگنڊا ڪر. هو ڏوهن ڪرڻ بعد وڪيلن لاءِ پنهنجي ملڪيت ويندي زال جي نٿ وڪڻڻ کان بہ نٿا رهن. ان کان منع ڪرين. هر هنڌ وڃ ۽ واڪا ڪر- ايترو ڏاڍو جيترو پڇي سگهئي. خدا توکي طاقت ڏيندو. تون هن دور جو بلال (موذن) ٿي، "حي الفلاح" چوءُ! پوءِ فلاح اهي حاصل ڪندا، جن لاءِ قرآن چوي ٿو تہ "قد افلح من تزڪاها". جيڪي تزڪيہ نفس حاصل ڪندا؛ سي ئي فلاح حاصل ڪري سگهندا. دانهن ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. پلي تہ ٻوڙا ۽ بدبخت سٽل بہ ٻڌن. دانهون ڪر. هدايت لاءِ هر هنڌ وڃ. زميندارن کي عرض ڪري شرمائي، ڏوهن کان باز رک. ڪين تعليم ۽ سڌاري جي ڪمن طرف دلچسپي ڏيار. تہ وڪيل نہ ڪن پوءِ پلي جيل ۾ وڃن. اهو ڪم شروع ڪر. جيڪڏهين خدا گهريو. تہ جلد آءٌ بہ توسان گڏ ڪم ڪندس.

پيو ڪوبہ هي منهنجا خط نہ ڏسي. اهي صرف تنهنجي هدايت لاءِ آهن. جيڪڏهين منهنجا انگريزي خط اثر نہ ڪن، تہ سنڌيءَ ۾ لکڻ شروع ڪندس.

پيارا، بيدار ٿي! ماڻهن کي خبردار ڪر! آرام نہ ڪر! آءٌ جلد وري لکندس. دنياوي اقتدار ۽ عزتون، صرف ڏوکو، نمائش ۽ ڪوڙيون آهن.

جيڪي اقتدار ۾ هجن، تن کي چئو تہ خدا جي سچي عبادت، پاڻ، پٽن ۽ ڌين کي تعليم ڏيارڻ ۾ آهي. ڌيون "ام القوم" آهن.

خدا تنهنجو مددگار آهي!

تنهنجو

امداد قاضي

Gul Hayat Institute

(77)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

45 - ايومينو روڊ، لنڊن
S.E- 20
23 - ڊسمبر، 1949ع

پيارا سيد صاحب،

پورا ٻہ سال ۽ ٻہ مهينا گذريا آهن، جڏهين تو اسان کي هيڏانهين اچڻ لاءِ جهاز ۾ چاڙهيو هو. ان وچ ۾ ڪا گهٽي لکپڙه ڪانہ ٿي آهي. تو اسان کي ٻن سالن کان پوءِ ياد ڪيو آهي. ليڪن اسان توکي هر روز ياد رکندا آيا آهيون. ۽ هميشہ امير ۽ امداد جي ڏسڻ لاءِ دل پئي گهريو آهي. هن خط اسان کي ايتري خوشي ڏني آهي، جو ظاهر ڪري نٿو سگهان. هڪ ايماندار ماڻهوءَ لاءِ ڪير نہ هن طرح جا خيال رکندو.

حبذا قومي کہ ديد حق بود ديدار شان

مسلم دنيا اهڙن ماڻهن کان اڄ کان وڌيڪ ڪڏهين بہ زياده خالي نہ رهي آهي. انهن کي ڏسڻ سان خدا ياد پوي ٿو. پر اڄ ڪلهہ جي اڪثر ماڻهن کي ڏسڻ بعد شيطان جي يادگيري پوي ٿي.

يا خدا ڪيستائين هيءَ حالت قائم رهندي؟ خدا جي محبت رکندڙ ۽ ان جا ڳولائو خود لطيف جي سرزمين مان بہ غائب ٿيندا وڃن. اهو چوڻ صحيح نہ ٿيندو تہ قرآن ۽ لطيف هوندي بہ اسان خالي هجون. لطيف ڪهڙيءَ طرح نہ اسان جهڙن ردي ماڻهن کي دلداري ڏئي ٿو.

هڻ ۾ ڪين هيون، هونئين هن نہ چاڙهيا،
سارو ڏينهن سمونڊ تي، لهي سج ويون،
جڏهين صاحب سبب ڪيون، تڏهين سنڊ ٿيا سيد چوي.

وري هيءَ مصرع ڪيڏي نہ دلپسند آهي-

مون ايي تڙ وٽ پرين پڳهہ چوڙيا،
ڪا مونهين ۾ گهٽ، نا تہ سڄڻ سباجهو گهڻو.

جڏهين بہ تون اسان کي ڪوٺيندين، اسان هليا ايندا سون. خدا توتي ۽ ننڍڙن تي پنهنجي رحم جي نظر ڪري. ڪين منهنجا پيار ڏج ۽ تون بہ قبول ڪج.

تنهنجو پيار ڪندڙ

امداد قاضي

Gul Hayat Institute

[ھن کان پوءِ پاڻ 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي اچي چارج ورتائون. ان کان پوءِ حيدرآباد وڃڻ وقت اڪثر پيو ساڻن ملڻ ٿيندو ھو.]

(78)

(انگريزي مان ترجمو)

حيدرآباد سنڌ،
27 - آگسٽ، 1952ع

پيارا شاھ صاحب،

مون کي پڪ آھي تہ بروھيءَ توکي منھنجو پيغام پھچايو ھوندو. جيئن تہ ٿورو وقت ھو ۽ خط پھچي نہ سگھي ھا، انڪري اھو پيغام موڪليم تہ امداد کي پير محفوظ ھٿ ولايت موڪل. اسان کي پياري امير کان سسيڪس مان خط پھتو آھي، اھا تعجب جي ڳالھ ھئي. ھاڻ اميد تہ اسان جو امير سٺي تعليم وٺي سگھندو. اميد تہ ھي طبعيت جو خيال بہ رکندو ۽ ٿڌي ھوا کان پاڻ بچائيندو. آءٌ ڪيس اھڙو خط لکان ٿو.

اميد تہ اوھان سڀ گھر ۾ خوش ھوندا.

تنھنجو پيار ڪندڙ
امداد

(79)

(انگريزي مان ترجمو)

Gul Hayat Institute

سنڌ يونيورسٽي
20 - سپٽمبر، 1956ع

پيارا سيد صاحب،

خط لاءِ مھرباني. جھڳڙو سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ سندس دشمنن جي وچ ۾ آھي ۽ ان جو بنياد صفا ڪوڙ تي رکيل آھي. سنڌ يونيورسٽيءَ جي خير خواھن لاءِ بھتر آھي تہ ھو ھينئر ئي سجاڳ ٿين. ڇاڪاڻ تہ ھن دور ۾ اھو ڏکيو نہ آھي تہ ماڻھن کي برغلائي سگھجي.

تنھنجو مخلص
آءِ. آءِ. قاضي
وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽي.

[ان وقت ڏاري چند ماڻهن طرفان قاضي صاحب جي يونيورسٽيءَ جي پاليسيءَ خلاف اردو اخبارن ۾ پروپيگنڊا شروع ٿي ۽ ڪي خط لکي مڪيہ ماڻهن ڏي موڪليا ويا. حاتم ۽ مون کي جڏهين ان ڳالهہ جو پتو پيو، تہ قاضي صاحب جي طبيعت کي مدنظر رکي، مون خط لکيو تہ ان تحريڪ ڪري تڪڙ ۾ ڪوبہ قدم نہ کڻندا. جيستائين آءٌ ۽ حاتم اوهان سان ملي گفتگو نہ ڪريون. ترت شاهہ پٽ جو ميلو لڳڻ وارو هو. ان تي ويندي مهل اسان بيئي وٽس وياسون. قاضي صاحب کي نهايت مضطرب حالت ۾ ڏٺوسون. مسز قاضي ان کان وڌيڪ. جي انهن حالتن هيٺ اسان يونيورسٽيءَ ۾ رهي ڪيئن سگهنداسون! گهڻيءَ منت سماجت ۽ سمجهائڻ کان پوءِ ڪين اتي رهڻ لاءِ رضامند ڪيوسون.]

(80) (سنڌيءَ ۾)

حيدرآباد،

12 - جنوري 1960ع

عاليجاها،

دعوت نامي پهچي، ممنون ۽ مشڪور ڪيو.

اوهان کي موٽي ماڳن تي اچڻ جون مبارڪون هجن. نهو بہ اتي ٿا. اوهان کي ياد هوندو تہ گذريل وقت جڏهين ملڻ جو موقعو مليو هو، تہ مسز قاضيءَ اختلاج القلب جي شڪايت ڪئي هئي. هڪ مهيني کان وري اها لاحق اٿس ۽ سندس ڪائڻ جي ڪمري ۾ وڃڻ بہ موقوف آهي. انهيءَ ڪري ڪيس اڪيلو ڇڏي نٿو سگهان. نہ تہ سن شريف ڏسڻ ۽ دريا جي ڪناري جي رونق محصل ڪرڻ ۽ ننڍن وڏن سان ملڻ لاءِ دل ٽپا ٿي ڏئي.

بمصداق- در دست ديگرست ز مام سمند ما،

جي عاجزي آهي جي حياتيءَ بقا ڪيو، تہ هڪ ڏينهن اچي زيارت ڪنداسون. اتي جيڪي صاحب دل ۽ چاڙهو اچن، تہ ڪين منهنجو پراڻو سوال سندن اڳيان پيش ڪيو وڃي، تہ اسان جي سنڌ جي ٿي سونهاري هي لفظ ڪهڙيءَ معنيٰ سان پيش ڪيا آهن!

"جي قيام مڙن تہ ڪر اوڏا سپرين،
تهان پوءِ سُڄن واڏائيون وصال جون" (شاهہ)

Gul Hayat Institute

سنڌ جو حقيقي شاهه اُهو هڪڙو آهي. موليٰ تاج بہ سندس سهڻي مٿي تي رکايو آهي. شل سنڌين جي سائِس محبت ڏينهان ڏينهن ترقي پذير هجي!

موليٰ هڪ نعمت غير مترقبہ سنڌين کي ڏني آهي. شل انهيءَ جو قدر ڪن، نہ تہ چئبو تہ اکين ۽ دلين تي ڍڪڻ اٿن.

جي انهيءَ سٽ کان هلڪيري مصرع گهرجين، تہ هيءَ آهي-

هلو هلو ڪاڪ ڏرين، جتي گهڙجي نينهن،
نڪو رات نہ ڏينهن، هر ڪاپسي پرينءَ ڪي.

چئون تہ قرآني آيت ڪا ڪين ياد اچي ٿي، جنهن جو تعلق هن سٽ سان هجي؟

شل الله خوش رکيوَ ۽ منهنجي امداد ۽ امير ۾ برڪت وجهي- اسان جي اها دعا آهي.

مسز قاضي امير ۽ امداد کي پيار ٿي ڏئي، ۽ اوهان کي دعائون ۽ سلام.

زياده خير.

تنهنجو
امداد

[آڪٽوبر 1958ع ۾ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ٿيڻ ڪري مون کي جيل ۾ موڪليو ويو. 1960ع ۾بيماريءَ ڪري جيل کان ٻاهر ڪڍي سن جي ڳوٺ ۾ نظر بند ڪيائون. سگهوئي شاه حيدر عليہ الرحمت جي ميلي جي موقعي تي ادبي ڪانفرنس لاءِ چند عالم دوست مائُهن کي دعوت ڏيئي گهرايو ويو. قاضي صاحب کي عرض ڪيو ويو هو تہ جيڪڏهين پاڻ اچڻ قبولين تہ ساڳئي ڏينهن ڪين واپس موٽايو ويندو. پر مسز قاضيءَ جي ناچاڪائي ڪري اچڻ کان عذر واريائون.]

(81)

(انگريزي مان ترجمو)

حيدرآباد

31 - مارچ 1960ع

پيارا امداد،

امير شايد اسان کي وساري ڇڏيو آهي. شاه ۽ ٻيا سڀ گهر ۾ ڪيئن آهن؟ هن وقت ڇا ٿو پڙهين؟ تون هن وقت 25 سالن جو آهين. سن هينئر سهڻو

Gul Hayat Institute

ڏسڻ ۾ ايندو هوندو. خاص ڪري دريا جي ڪناري سان. مٿرن ۽ ڪٺڪ جا لابارا شايد ٿي ويا هجن. اهڙيءَ طرح تيلي ٻجن جي پوکن جو نظارو بہ گهٽجي ويو هوندو.

توڏي، امير ڏي ۽ شاهہ ڏي پيار.

تنهنجو پيار ڪندڙ
امداد. آءِ. قاضي

[هيءُ شفقت ڀريو خط قاضي صاحب منهنجي ننڍي پٽ امداد ڏانهن لکڻ فرمايو.]

(82)

(انگريزيءَ مان ترجمو)

حيدرآباد سنڌ
20 - نومبر 1960ع

پيارا شاهہ،

اميد آهي تہ مع اولاد خوش خرم هوندين. اسان سنڌ جي عظيم الشان شاعر جي ٻن مصرائن جي معنيٰ ڳولڻ ۾ ڦاٿا پيا آهيون- تون ڪا مدد ڪري سگهندين؟

ٿي جا رهاڻ، سا پئي پهنين نہ ٿئي،
ڪنهن ڪر وڌي ڪاڻ، پاٽا نينهن نکيرئو.

Gul Hayat Institute

رسڻ نہ آهي ريت، پهنين پاهت ناهہ ڪو،
پسو منجهہ پريت، جيهائي جوڙ وهي.

مهرباني ڪري مون کي لکي موڪل تہ توکي ان جي کهڙي معنيٰ ٿي سمجهہ ۾ اچي، اهي ٻئي بيت آسا سر جي آخر ۾ آهن. تنهنڪري ضرور اهم هوندا. اهي چوٿين داستان جي آخر ۾ آهن.

منهنجا پيار امير، امداد ۽ توکي رسن.

پيار ڪندڙ
امداد

قاضي صاحب اڪثري مهرباني ڪري، ڪيترن موقعن تي، ڪن بيتن جي معنيٰ پڇندا هئا. ڪين پتو هو تہ جنهن بيت جي حقيقي معنيٰ ڪين غور ۽ فڪر ۾ وڌو تي، ان جي معنيٰ جي خبر مون کي ڪٿي پوٽي هئي. پر آءٌ سمجهي ويندو هوس تہ جنهن مصرع يا بيت مٿن اثر ڪيو تي، ان مان مون کي فيض ياب ڪرڻ ۽ غور فڪر جو موقعو ڏيڻ گهريائون تي. هڪ ڏينهن حيدرآباد ۾ ڪين ملڻ ويس. شاه جي رسالي جي نئين سر ترتيب پٺي ڪيائون. يڪدم پهچڻ سان چيائون ڪالهونڪر هڪ مصرع دل تي چڙهي آئي اٿم. ان جي پوري راز کان اجا تائين واقف تي نہ سگهيو آهيان – تون معنيٰ ٻڌاءِ!

سونهن وڄاير سومرا، ميرو منهن تيوم،
وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناهي حسن ري.

قاضي صاحب ڪي ڪجهہ وقت کان پوءِ ان بيت جي اندروني معنيٰ اچي ويئي. سندس آخري، ڪوچ تي لکي ڇڏيل ڪاغذ ۾ ان بيت جي معنيٰ ڏسيل آهي. پر آءٌ سونهن، ميرومنهن، جسن جو ملڪ. انهن ٽنهي، اڪرن جي معما مان آزاد تي نہ سگهيو آهيان.]

(83)

(سنڌي – آخري خط)

حيدرآباد

31 – مارچ 1966ع

Gul Hayat Institute

اڪين جا نار مٺا مرتضيٰ،

محبت نامو هينئر 21 مارچ جي وصول ٿيو. گرچہ تاريخ 28 مٿس پيل آهي. هفتي کان ايلزا جي بيماريءَ حيران ڪري ڇڏيو آهي. هينئر آءٌ بہ ڪري پيو آهيان. جي حياتيءَ بقا ڪيو ۽ اٿڻ ويهڻ بند نہ ٿي ويو. تہ توکان وڌيڪ ڪنهن کي ڏسي خوش ٿيندا سون! هينئر تہ پيا آهيون. اٿڻ ويهڻ کان چڪيل.

دعا جي ضرورت.

تنهنجو

امداد عفہ عفہ

[جڏهين 23 مارچ 1966ع تي پاڪستان سرڪار مهرباني ڪري نظربنديءَ جو حڪم لاٿو، تہ مون خيال ڪيو تہ سياست ۽ ملڪ کان ڪناره ڪشي اختيار ڪري، سنڌ جي مکيہ ولين جي درگاهن جي زيارت ڪري، سروي ڪري ڏسان تہ پنهنجي پراڻي تمنا يعني سنڌين جي اخلاقي درستي تزڪيہ نفس ۽ صحيح تعليم لاءِ ڪهڙيءَ طرح ڪم شروع ڪجي- ان واسطي قاضي صاحب جي زيارت، صلاح ۽ مشوري لاءِ مون وٽس وڃڻ لاءِ وقت مقرر ڪري، ڪيس اطلاع ڪيو. ان جي جواب ۾ هي خط لکيو اٿس-

1 - اپريل 1966ع تي 11 بجي حاضر ٿي، ڏيڍ ڪلاڪ ڪن سندن خدمت ۾ رهي، ساڻن ملاقات ڪيم.

(1) ان ۾ سندن صحبت مان پيش لفظ ۾ بيان ڪيل جن نتيجن تي پهتو هوم، ان جي تصديق گهريم. ڪم و بيش پاڻ منهنجي اخذ ڪيل نتيجن کي پسند فرمايائون.

(2) سنڌ جي درگاهن جي موقعي تي اهڙي قسم جي ڪم لاءِ بزم صوفياءِ سنڌ قائم ڪري، پرچار ڪرڻ لاءِ اجازت گهريم. پاڻ ان کي سٺو ڪم سڏيائون.

(3) سنڌ جي درويشن جي ڏنل پيغام کي دنيا تائين پهچائڻ لاءِ مخلص ڪارڪنن جي گروه جي تعليم ۽ تربيت لاءِ صلاح پڇيم. پاڻ فرمايائون تہ اهو تہ پنهنجو پراڻو پلئن هو، هن وقت آءٌ پوريءَ طرح تندرست نہ رهڻ ڪري عملي طرح ڪارآمد ٿي نہ ٿو سگهان، ليڪن منهنجون دعائون اوهان سان آهن.

ان کان پوءِ اڪثري ساڻن ملي ڪارگذاريءَ جي رپورٽ پيش ڪندو رهندو هوس. بزم صوفياءِ جا خطبا بہ کين موڪليندو هوس.

Gul Hayat Institute

فصل چوٿون

سندن کي تحريرون

(1) (انگريزي مان ترجمو)

[3 - مارچ 1943ع تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جي نهراءَ پيش ڪرڻ وقت تقرير ڪرڻ واسطي ڪين مضمون لاءِ عرض ڪيو هوم- جنهن ۾ پاڻ هيٺيون مواد مون کي ڏنائون.]

بر صغير هند جاگرافيائي طرح هڪ ملڪ شمار ڪري نٿو سگهجي. هندستان جي جاگرافيائي وحدت جو اڪثر ذڪر ڪيو وڃي ٿو، ليڪن ان کي هڪ ملڪ سڏڻ حقيقتن جي برعڪس ٿيندو. انگلنڊ ته ڇڏيو، جيڪڏهين يورپ کي انهيءَ نقطي نگاه کان هڪ ملڪ سڏيو، ته مثال ٺهڪي ايندو. پر يورپ به هينئر مختلف قومن جو مجموعو آهي. جي اڃا گڏجي فيڊريشن جي درجي تي ئي پهچي نه سگهيون آهن. هتي جيڪڏهين گجرات ۽ سنڌ جي صوبن جا مثال ونبا، ته حقيقتن تي پوري روشني پئجي ويندي. باوجود ٻنهي جي سرحد مشترڪ هئڻ جي، هڪ صوبي مان ٻئي صوبي ۾ پهچڻ تي 28 ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ جو سندن وچ ۾ هڪ وڏو رڻ پٽ حائل آهي. ٻئي طرف فرانس ۽ جرمنيءَ جو مثال ونبو، ته معلوم ٿيندو ته فرانس مان جرمني پهچڻ ۾ صرف 5 منٽ لڳندا.

متئين مثال مان ئي پتو پئجي سگهندو ته جاگرافيائي وحدت جو دليل ڪيتري قدر غلط ۽ بي بنياد آهي.

Gul Hayat Institute

هندستان برصغير تي سگهي ٿو. يورپ، آفريڪا اتر ۽ ڏکڻ آمريڪا جا مثال ئي ساڳس پوري مشابهت رکي سگهن ٿا. انهيءَ هندستاني جاگرافيائي وحدت واري دليل جي بنياد تي يونائيٽيڊ اسٽيٽس آف آمريڪا حق بجانب رهندي، جيڪڏهن اها هيءَ تقاضا ڪري تہ ڪئناڊا ۽ ميڪسيڪو، جي جاگرافيائي طور هن سان مليل آهن، سي هن سان شامل ڪيا وڃن. اهڙي طرح ارجنٽائين، پيرو ۽ چليءَ کي هڪٻئي کان جدا رهڻ لاءِ ڪي سبب ڪونہ رهندا. ڪئناڊا ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا رهاڪو نہ صرف ساڳئي نسل جا آهن، پر ٻولي بہ هڪ ڳالهين ٿا. مذهب هڪ اٿن. لباس، رسمون ۽ رواج سندن ساڳيا آهن، ادب ساڳيو اٿن. پاڻ ۾ متي مائٽيءَ رستي گڏجي سگهن ٿا. جاگرافيائي طرح پڻ هڪٻئي سان لاڳو ۽ مليل آهن. ليڪن باوجود انهن ڳالهين جي، ڪئناڊا پنهنجي جداگانہ قومي هستي قائم رکيو وينو آهي. ساڳيءَ طرح ڏکڻ آمريڪا جون متي ذڪر ڪيل قومون جي هڪ ئي جاگرافيائي خطي ۾ رهن ٿيون، سي گهڻو ڪري اسپيني نسل جون آهن. ٻولي ساڳي اٿن. ويس ساڳيو اٿن. متي مائٽيءَ ۾ گڏجي سگهن ٿيون. انهن ۾ ظاهري ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي، جا هڪٻئي کان مختلف هجي. تہ بہ هو پنهنجي نموني جدا رهڻ کي پسند ڪن ٿا ۽ منجهن ڪابہ اهڙي نشاني ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي جو هو فيڊريشن ناهڻ يا گڏجي رهڻ لاءِ تيار هجن. ساڳي حالت چين ۽ سائبيريا جي آهي. جاگرافيائي طور هڪٻئي سان نزديڪ، نسل بہ ساڳيا اٿن. تڏهين بہ سائبيريا چين سان گڏجي رهڻ جي عيوض يورال جبلن جي ٻئي طرف واري ملڪ رشيا سان ئي ڳنڍيل آهي.

Gul Hayat Institute

انهن مثالن کي نظر ۾ رکندي صرف جاگرافيائي وحدت کي متحده قومي وجود لاءِ دليل نهرائي نٿو سگهجي.

هاڻ اچو تہ خود لفظ نيشن جي معنيٰ تي غور ڪريون. لفظ "نيشن" 'نيٽس' ڌاتوءَ سان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ ڄاول ٿيندي، جنهن جو لاڳاپو "اصل ۽ نسل" سان آهي. اهو ثابت ٿيل امر آهي تہ جرمن ۽ سلووڪ ماڻهو ساڳئي نسل جا آهن. شارليمئن جي فرانس ۾ ٻيئي شامل هئا. آءٌ متي ٻڌائي آيو آهيان تہ فرانس ۽ جرمني جاگرافيائي طور هڪ ملڪ ٿيڻ گهرجن. ساڳي حالت سندن نسل بنسبت آهي. زبان جي نقطي نگاهہ کان، سندن زبانون

انڊوجرمنڪ يا انڊويوروپين گروپ مان آهن. انهن ٻنهي ملڪن جي هڪ جمهوري حڪومت نهي سگهي ٿي. پر جرمن توڙي فرانس ڪڏهين بہ اها ڳالهہ قبول نہ ڪندا؟ وڌيڪ اوهان کي ياد ڏياريندس تہ فرينچ ادب ٻن صدين تائين، جرمنن پڙهيو ۽ پسند ڪيو. جرمن زبان جي ادب کي ترقي ڏيارڻ ۾، فرينچ ادب جو وڏو حصو آهي. جهڙيءَ طرح فرينچ ادب جرمنيءَ ۾ عام جام پڙهيو ويندو هو، اهڙيءَ طرح جرمن فلاسافي فرانس جي يونيورسٽين ۾ صدين تائين پڙهائي ويندي هئي. هو مٿيءَ مائٽيءَ ۾ گڏجن ٿا. رسم و رواج اڪثري ساڳيا اٿن. انهيءَ هوندي بہ جيڪڏهين جمهوري طريقي حڪومت ۾ انهن کي ملائڻ جي ڪوشش ڪبي، تہ ان جو لازمي نتيجو اهو نڪرندو تہ ٽن ڪروڙ فرينچن کي 8 ڪروڙ جرمن ويڙهي ويندا ۽ وري ٿوري وقت کان پوءِ فرينچ هستي وڃائي ويهندا.

ممڪن آهي تہ ڪي ماڻهو هي ٻن باهمي مخالف قومن جو مثال نيڪ نہ سمجهن، تہ ڪين هالنڊ، بيلجم، سوئيڊن ۽ ناروي جو مثال ياد ڏياريندس.

يورپ جي تاريخ تي هڪ سرسري نظر دوڙائڻ سان پتو پئجي سگهندو تہ جمهوريت ۽ نيشنلزم ان کي اتحاد ۽ ميلاپ طرف ڇڪڻ جي عيوض جدائيءَ ۽ جداگانہ هستين قائم ڪرڻ طرف پئي گهليو آهي.

نئشنل ۽ جمهوري حڪومتن ۾ زوريءَ جو ڳانڍاپو ڪا معنيٰ ئي نٿو رکي. صرف باهمي سمجهوتي ۽ مسلسل لاڳاپن جي ذريعي ئي دائمي اتحاد قائم ٿي سگهي ٿو. نئشنلزم جي اثر هيٺ ملڪن ۾ معاشرتي لاڳاپا بہ پوريءَ طرح قائم ٿي نہ سگهيا آهن- هر جنسيت ۽ هڪ قوميت تہ اڃا پري رهي.

فطري قانون پٽاندڙ انساني اتحاد جي ترقي مقرر حد کان مٿي تيز نہ ٿي سگهندي، جيڪڏهين انهيءَ درمياني عرصي کي جو قومن ۾ ميلاپ ۽ سمجهوتي لاءِ ضروري آهي، مصنوعي طريقن سان گهٽ ڪبو، تہ بجاءِ فائدي جي نقصان ڪار رد عمل پيدا ڪندو. ميوي کي درخت ۾ پچڻ کان اڳ ڪٽو ٽيٽو پوي ٿو. جيڪڏهين ڪو ماڻهو ان کي قبل از وقت منو ۽ پڪو ڪرڻ گهرندو تہ اهو سندس فطري مناس کي ماري ڇڏيندو.

اختلاف جيتوڻيڪ اڻ وڻندڙ ڳالهہ آهي. ليڪن ترقيءَ جي راه ۾ مقابلي جو هئڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو. ڪليل مقابلي کان سواءِ مصنوئي اتحاد جو پيدا ڪرڻ قومي زندگيءَ ۾ جمود ۽ موت پيدا ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

Gul Hayat Institute

متي ذڪر ڪيل جاگرافيائي، معاشرتي، اقتصادي، مذهبي ۽ سياسي طور هڪجهڙن ماڻهن جي تاريخ تي سرسري نظر ڊوڙائڻ بعد معلوم ٿيو ته باوجود نسلي هم جنسيت جي به هو هڪ قومي قالب ۾ سمائجي نه سگهيا آهن.

هاڻ اچو ته هندستان جي حالتن تي نظر ڊوڙايون. مون اڳ ۾ هندستان جي صرف ٻن صوبن گجرات ۽ سنڌ جو مثال پيش ڪيو هو، ته هنن کي هڪ جاگرافيائي خطو ليکي، هڪ قوم شمار ڪرڻ ڪيڏو نه ڏکيو ڪم آهي. ته پوءِ بنگال، وچن علائقن، مدراس وغيره جي مشابهت ڪرڻ ته اجائي زياده مشڪل مسئلو ٿي پوندو، جتي جا رهاڪو هڪٻئي جي زبان به سمجهي نٿا سگهن.

هاڻ جيڪڏهن اسان انهن جي مذهبي نقطي نگاه کان پيٺ ڪنداسون، ته معلوم ٿيندو ته انهن مان هڪ فرقو ٻئي سان سوشل تعلقات به رکڻ نٿو گهري. گجراتي برهمڻ جو نه صرف لباس مسلمان کان علحده آهي، پر جيڪڏهن مسلمان جو هٿ يا صرف پاڇو ان جي کاڌي تي پوي ٿو، ته اهو کائڻ جي عيوض اجلائي ڇڏڻ کي زياده پسند ڪري ٿو. پاڻ ۾ مائٽيون ڪرڻ ته وڏو مشڪل ڪم آهي. پنگتي جدائي هنن ۾ هڪ عام قبول ڪيل اصول ٿي ويل آهي. ان ۾ ئي هن وقت سندن باهمي امن امان جي ضمانت آهي. منجهن هڪٻئي جي ويجهو اچڻ يا پنگتي ملاوت جي ڪوشش رد عمل جي طور، پاڻ منجهن باهمي فسادن جي صورت پئي اختيار ڪئي آهي. ڪو پڇي ته سندن اختلافن جو بنيادي وجهه ڪهڙو آهي، ته ان جو جواب ملڻ ڏکيو ڪونه ٿيندو. هن زماني ۾ اسان جن ڳالهين کي نظرين جي نالي سان سڏيون ٿا، تن کي اڳئين وقت ۾ مذهب نالو ڏنل هو. جماعتون به اڳي مذهبي نقطي نگاه کان نهنديون هيون.

Gul Hayat Institute

يورپ جا ترقي پسند عناصر ۽ جديد خيالن جا حامل، گهڻين قربانين ۽ تڪليفن کان پوءِ، انهيءَ مذهبي تنگ خياليءَ جي پيڊ پاون کان، مس پاڻ ڇڏائي سگهيا آهن.

ليڪن پنتي پيل ملڪن جا قدامت پسند فرقا، اجا تائين فرقه بندي ۽ پنگتي پيڊ پاون ۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ دنيا جي ارتقائي رفتار ۾ پوئتي رهجي ويا آهن.

هتي جي قدامت پسنديءَ جو ثبوت ان مان ملندو تہ ٻڌ ڌرم، جو هندن جي مذهب ۾ هڪ ارتقائي قدم هو، جو سوسائٽيءَ جي گهٽين خامين کي مٽائي اڳتي وڌائي سگهيو ٿي، تنهن کي هتان جي قدامت پسند گروه قبولڻ جي عيوض، مخالفت ڪري تڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ان وڃي سيلون، برما، چين ۽ تبيٽ ۾ پناهہ ورتي. جاهل برهمڻ اڃا تائين چون ٿا تہ گوتم ٻڌ هندو ڌرم کي ختم ڪرڻ آيو هو.

بنيادي طرح برهمنزم نان - مشنري ۽ قدامت پسند مذهب رهيو آهي. سندن چوڻ مطابق برهمڻ، صرف ڄمي پيدا ٿيندو آهي. ٻين مذهبن مان شد ٿي برهمڻ بڻجي نٿو سگهي. ڪوبہ ماڻهو ڪيترين بہ سرويتين يا سمرتين ڪٺي ڄاڻندو هجي ۽ نسل بہ آريي مان ڇو نہ هجي، پر نہ برهمڻ ۽ نہ ڪتري ٿي سگهي ٿو. البت ويش يا شودر ٿيڻ لاءِ رستا کليل اٿس.

جڏهين ڪنهن نسل يا فرقي جو جوڙجڪ اهڙو محدود ۽ سخت نهيل هجي، جو ان ۾ ڦير ڦار جي گنجائش نہ هجي، تہ جيستائين انهن حالتن ۾ تبديلي نہ آئي آهي تيستائين اتي جمهوري ۽ نئشنل حڪومت جو نهڻ ۽ آسانيءَ سان ان تي عملدرآمد ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي.

هاڻ اچو هندستان جي ٻن مکيہ مذهبن، هندو ڌرم ۽ اسلام تي بحث ڪري ڏسون تہ اهي پنهنجن پوئلڳن کي گڏي هڪ قوم بنجڻ لاءِ ڪيتري قدر پاڻ وٽ گنجائش رکن ٿا. انهن جا رسم و رواج، ادب ۽ اقتصادي نظريا علحده آهن. مسلم فلاسافي انسان کي آزاد فرد تسليم ڪندي، هن کي زندگيءَ جي راه ۾ ترقي ڪرڻ لاءِ ڪشادي ميدان ۽ آزاد عمل جو سبق ڏئي ٿي. ٻئي طرف هندو فلاسافي "ڪرم" جي نظريي ۾ اعتقاد رکندي، فرد جو دائرهٔ عمل محدود رکندي اچي ۽ ڪيس گذريل ڪرمن جي محتاج رهڻ جو درس ڏئي ٿي.

مسلم فلاسافي جماعت ۾ فرد جي فردن سان مساوات ۽ برادريءَ جي اصول تي تعلقات قائم ڪرڻ جي حامي آهي. هندو فلاسافي انسان ذات ۾ مختلف ارتقائي درجن جي حقيقت کي تسليم ڪندي، انهن کي ڪاروبار ۽ عمل ۾ سهوليت خاطر چئن درجن يا جاتين ۾ ورهائڻ کي وڏيڪ ڪارآمد ٿي سمجهي. ايتري قدر جو ڀڳوت گيتا جهڙو ڪتاب لکي ٿو تہ "جڏهين جاتين جا فرق ختم ٿيندا (يعني ڪلاس - ليس سوسائٽي نهندي)، " تہ ڌرم ختم ٿي ويندو."

Gul Hayat Institute

مذهبي فلاسافيءَ جي نقط نگاه کي هڪ طرف ڇڏي جيڪڏهين پنگتي خيال سان ان مسئلي تي غور ڪنداسون، تہ باوجود هڪ هزار سال هڪٻئي سان گڏ رهڻ جي، اهي پنگتي طور هڪٻئي کان جدا تيو بينا آهن. نہ پاڻ ۾ متي مائٽي ڪن تا، نہ کائين پين تا. مسلمان جو پاڇو بہ اچا ڪن جي بدن يا ڪاڏي کي پليت ڪريو ڇڏي. سندن کاڌي جي اها حالت آهي، جو هڪ شيءِ جي هڪ ذر وٽ اجازت آهي تہ ٻيءَ وٽ منع آهي.

اهي اختلاف سندن روزمره جي زندگيءَ تي اثر ڪرڻ کان سواءِ رهي نتا سگهن. سو جيستائين ٻنهي مذهبن جي عوام مان مذهبي ڪٽر پڻو گهٽ نہ تيو آهي، ان وقت تائين انهن جو گڏجي هڪ قومي قالب ۾ سمائجڻ مشڪل پيو نظر اچي.

پروفيسر رينان، جو نيشنلزم جي موضوع تي ماهر سمجهيو وڃي تو، تنهن جو چوڻ آهي تہ "قوميت هڪ روحاني ۽ نفسياتي جذبات تي ٻڌل حقيقت تئي تي. هر جنسيت جو خيال ٿي مختلف فردن کي هڪٻئي جي نزديڪ آڻي تو. اها هر جنسيت بہ - ذاري تلوار مثال آهي، جا جيڪڏهين ڪن کي حقيقتن جي بنياد تي گڏي تي، تہ ڪن کي هڪٻئي کان ذاريون ثابت ڪري جدا ڪري تي."

عام طرح اچڪلهہ ائين چوڻ ۾ پيو اچي تہ عوام لاءِ اقتصادي مسئلو بنسبت مذهبي ۽ پنگتي نظرين جي زياده اهميت رکي تو ۽ انهيءَ مسئلي کي پوريءَ طرح سلجهائڻ سان فرقيوار سوال از خود ختم تي ويندا. ليڪن سماج جي موجوده ذهني ۽ پنگتي پست حاليءَ ۾ انهيءَ مسئلي جو ترت حل نظر کونہ تو اچي.

جيڪڏهين اسان جو آخري متصد هڪ آزاد ۽ ترقي يافتہ متحده قوم بنائڻ جو آهي، تہ ان جو بهتر ذريعو هي آهي تہ هندن ۽ مسلمانن کي سندن اڪثريت وارين ايراضين ۾ سندن ڪلچر، فلاسافي ۽ روايت جي مدنظر، ترقي ڪرڻ لاءِ مناسب موقعا ۽ سهوليتون ملڻ گهرجن، تہ پوءِ اڳتي هلي، هو خوشنما مرڪب جو مجموعو بنجي پوندا. ليڪن ڪوبہ عارضي ۽ زبردستي جو مڙهيل اتحاد نہ صرف ڪين قبول نہ پوندو، بلڪ رد عمل پيدا ڪري منجهن زياده اختلاف پيدا ڪندو.

Gul Hayat Institute

(2)

[26 - ڊسمبر 1943ع آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪراچيءَ واري ساليانہ اجلاس وقت استقباليہ ڪميٽيءَ جي صدارتي خطبي ۾ قاضي صاحب هيٺينءَ طرح مواد ڏنو.]

فطرت هن زمين جو ماضي نهايت شاندار ڪيو هو ۽ اسان ڪي اميد آهي تہ ان جو مستقبل بہ اهڙوئي روشن ٿيندو.

ڪيترين ڳالهين ڪري هن زمين جي تاريخ بي نظير پئي رهي آهي. اها قديم تهذيبن جو آشيانو هئي، جنهن جي ثابتي موهن جي دڙي جي آثار قديمہ مان ملي سگهي ٿي. هيءَ ئي سرزمين آهي، جتي دنيا جا ڪيئي نسل گڏجي ملي جلي ويا. دراوڙ، آريا، سامي، منگول نسلن جا نشان هتي آسانيءَ سان ڳولي سگهبا. نہ صرف نسلن جو ميل جول هن زمين ۾ ٿيو، ليڪن مختلف مذهبن ۽ انهن جي فلاسافين جو هڪٻئي تي اثر ۽ ميلاپ پڻ هتي جهڙو ٻيءَ جاءِ تي پيو ٿيو هوندو. ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ وچ هندستان ۾ پيدا ٿيو، ليڪن اهو وڌيو ويجهيو هن سر زمين ۾. هتي جي رهاڪن مهاتما گوتم جو نفيءَ وارو سبق اڃا نہ وساريو آهي. جڏهين اسلام هن سر زمين ۾ پير پاتو، تہ ٻڌ ڌرم اڃا مروج هو. اسلام صرف اڳينءَ تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو. ويدانيت ۽ وحدانيت جا فلسفا ۽ متا هتي ئي هڪٻئي تي اثرانداز ٿيا. هڪ طرف وحدانيت هندو يوگيءَ تي اثر وڌو ۽ بت پرستيءَ کي گهٽايو، تہ ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي تصوف جو جزو بنايو. هندو مسلم عقيدا باهمي سمجهہ ۽ رواداريءَ سان هڪٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا. گرو نانڪ جي سکيا انهي ميل جول جي نچوڙ جو مکيہ مثال ۽ نتيجو آهي.

Gul Hayat Institute

مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاهه لطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ، مذهبن جي بنيادي اتحاد جو پرچار ڪري، مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، جنهن جو عملي ثبوت هتي جي هندو مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو.

هندستان جي ٻين حصن وانگر، ڇوت ڇات جو مرض سنڌ ۾ ڳوليو به نه لڀندو. قدرت هن ملڪ کي واپار جي ذريعي، جنهن جو مرڪز ساموندي رستي ديبل جو بندر هو ۽ خشڪيءَ رستي بخارا ۽ سمرقند هو، دنيا جي گهڻي حصي سان ڳنڍي ڇڏيو هو، جنهن ڪري واپار سان گڏ، مختلف ملڪن جون تهذيبون هڪ ٻين تي هن ملڪ ۾ اثر انداز ٿيون.

هن ملڪ جي زرخيزيءَ گهڻن ئي نسلن کي هتي لڏي اچڻ لاءِ ترغيب ڏني، جن اچي ان کي پنهنجو وطن بنايو. ان بابت آثار قديمه ۽ تاريخي ڪتاب ڪافي معلومات ميسر ڪن ٿا. سياسي نقطي نگاه کان هيءَ زمين ڪيترن ئي ڌرين جي ان تي قبضي حاصل ڪرڻ لاءِ، ميدان ڪارزار پئي رهي آهي. هن سر زمين جي شادابيءَ ڪيترن ئي طاقتور قبيلن کي هن طرف اچڻ لاءِ حرصايو. پوءِ کي ان کي ڦري لٽي موٽي ويا تي، ته ڪي وري هتي رهي پيا تي، ۽ موٽي وڃڻ تي دل نه پئي ٿين. اهڙيءَ طرح هر دور ۾ هتي نوان نسل تازي رت ۽ تازي ولولي سان آباد ٿيندا پئي رهيا آهن. سرسري نظر وجهڻ سان هتي بابل، مصر، ايران، يونان، عرب ۽ افغانستان جا سياسي ۽ ڪلچرل اثر زياده نمايان صورت ۾ ڏسڻ ۾ ايندا.

Gul Hayat Institute

هن زمين جي قديم شان شوڪت جو ذڪر، صرف معزز مهمانن جي حافظي تازي ڪرڻ جي ارادي سان ڪونه ٿو ڪجي، ليڪن اصل مقصد هن سر زمين جي روشن مستقبل بابت. چند تجويزن پيش ڪرڻ جو آهي.

انسانذات ابتدائي زماني کان وٺي، مختلف ارتقائي دور طي ڪندي، آخري مقصد انساني وحدت خيال ۽ عمل طرف وڌي رهي آهي. اُن جي مختلف گروهن جي مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي تحريڪن ۽ ڪوشش ان منزل مقصود کي پهچڻ لاءِ جدا جدا طريقن ۽ واٽن جو ڪم پئي ڏنو آهي. تاريخ جو هر ورق ان ارتقائي جدوجهد جي مثالن سان ڀرپور آهي. شروعات ۾ ماڻهو ننڍن ننڍن

ڪٽنبن ۾ ورهايل هئا. ٿوري وقت گذرڻ بعد اهي ڪٽنب وڌي ويجهي، قبيلن جي صورت اختيار ڪري ويا. آخر اهي قبيلا ملي قومون بڻيون.

ماڻهن جي وچ ۾ باهمي اتفاق ۽ ميلاپ جا مختلف بنياد پئي رهيا آهن. جاءِ رهائش، زبان، زندگيءَ جو طريقو ۽ خيالات انهن مان مکيہ آهن.

جيئن وقت گذرندو ويو. تيئن هن باهمي اتفاق ۽ ميلاپ جي پيدا ڪرڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ، مادي طريقن جي بنياد جي اهميت گهٽ ٿيندي ويئي ۽ مختلف نمونن ۾ باهمي اتفاق لاءِ خيالات جي بنياد جي اهميت وڌڻ لڳي.

سگهوئي عرب جي سر زمين مان پيدا ٿيل آواز، نئين سر خيالات جي بنياد تي، اتحاد انساني جي تعمير ۾ تازو روح ڦوڪيو، انهيءَ ڪري نسل، رنگ، طريقہ زندگي، جاءِ رهائش، زبان وغيره پنهنجي طاقت وڃائڻ لڳا. جيتوڻيڪ ابتدائي جوش ۾ اهو آواز دنيا جي مختلف حصن ۾ پکڙي اثر پذير ٿيڻ لڳو، ليڪن ٿوري وقت گذرڻ بعد ماڻهو بهرحال قديم مادي طريقن طرف موٽڻ لڳا. بين ڪي ڇڏي خود مسلمانن ۾ ساڳين مادي تفاوتن ويڇو وجهڻ شروع ڪيو. ٻئي طرف مغربي ملڪ وري مادي بنياد تي پيدا ٿيل نئشنلزم جي باهمي جنگ و جدال مان ڪڪ ٿي، امن عالم قائم ڪرڻ جي خيال ڪان، ڪنهن بين الاقوامي جوڙجڪ جي ڳولا ۾ آهن، جنهن جو بنيادي مدار مادي طريقي اتفاق ڪان متي ڇڙهي، ڪن نظرياتي طريقن تي منحصر هجي. ”آئيڊيالاجيز“ يعني نظريات اڄ ڪلهہ چوطرف فيشن بنبا وڃن، پر اهي نظريا اهڙا ناقص آهن، جو اهي امن آڻڻ جي عيوض مورڳو زياده فساد جا ڪارڻ بنجي پيا آهن. جزوي حل، جدا جدا نالن ۾، عارضي عرضي لاءِ مستعد رهڻ ڪان پوءِ تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکجڻ بعد ازخود بيڪار بنجيو پون.

جيتوڻيڪ عالمگير برادري ۽ اتحاد جي ابتدا شروع ٿي چڪي آهي، ليڪن جيستائين مختلف سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي نظرين جي اختلاف متائڻ لاءِ حل ڳولي نہ لڌو ويو آهي، دنيا ۾ دائمي امن ۽ ماڻهن ۾ حقيقي اتحاد قائم ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي. انهيءَ حل ڳولي لهڻ لاءِ خاص ماحول ۽ تاريخي روايتن هيٺ ذهني تربيت جي حاصلات هڪ لازمي شرط آهي.

انهيءَ مشن جي سر انجاميءَ لاءِ سنڌ ديس جا رهاڪو زياده موزون آهن. قديم تاريخ جا دفتر ان جا ڳواهہ آهن تہ ڪيئن نہ هتي مختلف نسل، تهذيبون، مذهبي فلسفا ۽ سياسي طريقا ملي جلي يڪرنگي اختيار ڪري سگهيا آهن.

Gul Hayat Institute

دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنهن ۾ مشرق ۽ مغرب جا ويچا مٽجي هڪ وحدت ۾ گڏجڻا آهن، سر زمين سنڌ کي خاص پيغام پيش ڪرڻو آهي. مون کي هن انڊوڪار جي زماني ۾ بہ ڪي روشنيءَ جا ترورا نظر اچي رهيا آهن. هن جسماني ولوڙ بعد ذهني مکڻ هتان ئي نڪرڻو آهي.

جيڪڏهين رشيا ۽ آمريڪا، باوجود مختلف سياسي ۽ اقتصادي متضدن ۽ مرادن جي گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿا، تہ ان ۾ ڪهڙي ڏکيائي آهي، تہ ملڪ خضر حيات ۽ چوڌهري چوٿو رام گڏجي ڪم ڪري نہ سگهن. سنڌ جا رهاڪو نہ صرف هندستان جي اتحاد جا طالبو آهن، بلڪ اتحاد عالم ۾ اعتقاد رکندڙ آهن. پر انهيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ، طريقا عارضي ۽ مصنوعي ڪتب آڻڻ بدران باهمي سمجهوتي، تاريخي حالات ۽ ضروريات پٽاندڙ اختيار ڪرڻا آهن.

خدا اسانکي شل سنئين راهہ ڏيکاري. پرجيڪڏهين سر زمين سنڌ جا رهاڪو هندستان جي صوبن جي تنگ نظريءَ کان پاڻ بچائي ڪو حل ڳولي نہ سگهيا، تہ ان جو نتيجو باهمي نفاق ۽ خطرناڪ صورتن ۾ نمودار ٿيندو.

مون کي اميد آهي تہ سنڌ جي رهاڪن جي ڪثرت بيدار ٿي، دنيا جي تعمير نو ۾ حصي وٺڻ خاطر، انهن غلط ۽ نقصان ڪندڙ خيالن کان پاسو ڪندي.

—

Gul Hayat Institute

(3)

(انگريزي مان ترجمو)

[شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ، ڪاليج شاگردن جي سامهون نومبر 1944ع ۾ هڪ ليڪچر ڏنو. جو پوءِ "هندستان جي سياسي مسئلن تي هڪ نظر" جي نالي سان علامہ آءِ. آءِ. قاضي صاحب جي هينئين تعارف سان رسالي جي صورت ۾ ڇپيو.]

منهنجي مصنف دوست مون کي مهرباني ڪري، سندس تقرير جي پيش لفظ لکڻ لاءِ جنهن وقت چيو، تہ آءٌ ان کان انڪار ڪري نہ سگهيس. مون کي اميد هئي تہ جنهن صورت ۾ هي شاگردن ڏي خطاب هو، انڪري ضرور علمي بحث هوندو ليڪن مون کي نراسائي ٿي، جڏهين معلوم ٿيم، تہ ان ۾ نوس ۽ علمي سياسي تجويزون ڇاٽايل هيون. غلطي منهنجي هئي. مون کان وڌيڪ ٻئي ڪنهن کي پتو هئڻ گهرجي ها تہ مصنف سنڌ ۽ هندستان جي سياسي معاملن سان، مسلسل ٽيهن سالن کان واسطو رکندو آيو آهي. هي حقيقت پسند سياستدان هو ۽ اسان مان گهڻن وانگر خواب جي دنيا ۾ رهندڙ نہ هو.

سياسي دنيا ۾ هي پنهنجو زاويہ نگاه ڇوندي، باوجود مشڪلاتن جي ان کي ڇهنيو آيو آهي. آخر ۾ صبر ۽ استقلال هن کي، صوبي سنڌ جي مالي وزارت جون واڳون سونپيون.

اول ۾ مون کي پنهنجي پوزيشن صاف ڪرڻي آهي. مون ڇاٽي واٽي هندستان جي سياسي مسئلن کان پاڻ کي ٻاهر پئي رکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ سياست ڏي نہ لاڙو اٿم ۽ نہ ان لاءِ ڪو وقت ئي هوم. اهو آهي منهنجي تعارف جو تعارف.

Gul Hayat Institute

هن سياسي مفڪر جي نقطي نگاه ڪان ان مسئلي جا ٻه مکيه جزا رٿيا ويا آهن:

(1) پهرئين ۾ ملڪ جي سياسي يڪجهتيءَ جي لاءِ لساني بنيادن تي مدار رکيو ويو آهي.

(2) ٻئي ۾ ملڪ جي موجوده سياسي حالات ۽ آئيني مشڪلاتن جي حل لاءِ صوبائي خود مختياريءَ کي موثر طريقو تجويز ڪيو ويو آهي.

ان ۾ جنهن مکيه ڳالهه جو اظهار ڪيو ويو آهي، سا هيءَ آهي ته آل انڊيا سياسي جماعتن جي ليڊرن جي آمرانه رويي اڳيان، سر تسليم خم ڪرڻ کان انڪار ڪيو وڃي.

سندس تجويز ۾ بيان ڪيل پهريون اصول بنيادي نقطو آهي، جنهن سياسي مفڪرن ۽ عالمن جو توجهه افلاطون کان وٺي اڄ تائين پئي ڇڪايو آهي. ان جي معنيٰ اها آهي ته رياست جي يڪجهتيءَ لاءِ ڪن بنيادي اصولن جي ضرورت پوي ٿي. ٻيءَ صورت ۾ حڪومت تشدد کان سواءِ رضاڪارانه طور قائم رهي نه سگهندي.

اڳين سياسي مفڪرن مان افلاطون سڀ کان اول ان ڳالهه جي ضرورت محسوس ڪندي، تجويز ڏني هئي ته رياست جي شهرين ۾ اتحاد ڪنهن نظريي (مذهب) جي بنياد تي قائم ڪرڻ گهرجي. هي ان سلسلي ۾ ان حد تائين ويو هو ته حاڪمن کي پنهنجو نظريو (مذهب) پيدا ڪري ٻه ماڻهن کي ان جو قائل ڪرائڻ گهرجي، پوءِ ذاتي طور ڪٿي ان نظريي ۾ سندن ايمان يا اعتبار نه ٻه هجي. سندس لفظن ۾ جيڪڏهين اها ڳالهه پيش ڪجي ته ان جو مطلب اهو نڪرندو ته ”حاڪمن کي ماڻهن سان ڌوکيبازي ڪرڻي آهي.“

اسان جي زماني ۾ برنارڊشا افلاطوني نقطي نگاه تي سندس ڪتاب ”بئڪ ٽوميٿوسلا“ جي تمهيد ۾ تبصرو ڪندي لکيو آهي ته ”اسان جي سياسي مدبرن کي ڪنهن ٻه طرح مذهب (نظريو) ايجاد ڪرڻ گهرجي، ۽ جنهن صورت ۾ اسان هر بالغ کي ووٽ جو حق ڏنو آهي، انڪري اهو مذهب (نظريو) ٻه بازاري هئڻ گهرجي.“ اهو خيال پهرين ٿوملس ظاهري ڪيو هو ته ”خدا آهي ئي ڪونه. پر اها ڳالهه چند ماڻهن تائين محدود آهي.“

هن وقت تائين اهو طريقو متاهين طبقي جي مدبرن ۽ سفيرن پئي ڪتب آندو آهي، پر هاڻ شايد گهڻي وقت تائين ڪتب اچي نه سگهندو، ڇاڪاڻ ته جنگ کان پوءِ تهذيب کي وري زنده ڪرڻ ڪو معمولي ڪم نه ٿيندو.

Gul Hayat Institute

برناردشا افلاطون کان ان ڳالھہ ۾ اختلاف ڪري ٿو. ۽ چوي ٿو تہ "اھو بھتر ٿيندو تہ خدائي تخت خالي ڇڏي ڏجي، بَجاءِ ان جي جو ان تي ھڪ ڏوڪي ۽ جھادت جو مجسمو وھاريو وڃي."

ان تي وڌيڪ صفائيءَ سان ذڪر جديد علم معاشره، فلاسافيءَ ۽ تاريخ جي مجدد ابن خلدون ڪيو آھي. ھو 15 صدي عيسويءَ ۾ سندس مقدمي ۾ لکي ٿو تہ:

"رياست (ملڪ) جو جوڙجڪ، ان جي يڪ وجودي، طاقت ۽ استحڪام، عصبيات (چند بنيادي لاڳاپي پيدا ڪندڙ جزن) تي مدار رکي ٿو." ھن صاف سائنسي بنيادن تي ڪي رايا پيش ڪيا آھن. ڪي لاڳاپا پيدا ڪندڙطاقتون، جي جدا جدا مواد کي ڳنڍڻ جو ڪم ڏين، سي بنيادي اصول شمار ڪري سگھجن ٿا. حڪومت ۽ اقتدار جي حاصل ڪرڻ لاءِ قبيلائي، نسلي، شھري، باھمي مفاد، ھم خيالي يا اعتقاد جي يڪ وجودي مڪيہ لاڳاپا شمار ڪري سگھجن ٿا.جيتري قدر لاڳاپا مضبوط ھوندا اوتري قدر اُھي جدا جدا مواد کي گڏ ڪري سگھندا. جيتري قدر يڪ وجودي زياده ھوندي، اوتري قدر حڪومت طاقتور ٿيندي. ابن خلدون جي نظريي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ھيٺئين اضافي جي ضرورت آھي- "آخر ۾ ھر ھڪ ملڪ کي فيصلو ڪرڻو آھي تہ ڪھڙي قسم جي ڳنڍيندڙ قوت (عصبيت) وڌيڪ ڪارگر ٿي سگھندي، ۽ ان جو مدار انسانذات جي مختلف ارتقائي دورن ۽ جدا جدا ملڪن جي ماڻھن جي تاريخي روايات تي رھندو." دائمي غيرفاني فطري قانون ھن عجيب غريب مسئلي تي بہ حاوي آھن، جھڙيءَ طرح بين جسماني ۽ ذھني مسئلن تي بہ حاوي رھن ٿا. بھترين مدبر اھو آھي، جو ماضيءَ کي پوري طرح سمجھي سگھي. حال جون ضرورتون ۽ امڪان پروڙي ۽ مستقبل بابت ذھن صاف رکي ۽ پوءِ ان مطابق عصبيت (لاڳاپا) چونڊي. اھوئي طريقو فطري ٿئي ٿو ۽ اھوئي زماني جي تقاضا مطابق ٺھڪي اچي ٿو. سياسي مدبر کي ھيءَ ڳالھہ ڪڏھين بہ وسارڻ نہ گھرجي تہ صحيح عصبيت (لاڳاپي) جو ڳولي لھڻ پائدار رياست جي جوڙجڪ جو بنيادي اصول آھي. ان ۾ سھوليت سان حڪومت ھلائڻ جو راز لڪل رھي ٿو. انسان دوست ماڻھو، جيڪو عالمي اتحاد جو خواھشمند آھي، سو شايد لساني اتحاد کي حقارت آميز نظر سان عصبيت جو صرف ھڪ جزو سمجھي. پر ان کي ھيءَ

Gul Hayat Institute

ڳالهہ نظر مان ڪڏھن نہ گھرجي. تہ جيتوڻيڪ قوم پرستي يورپ ۾ هڪ سو ورهيہ اڳ مروج ٿي، پر اڄ جرمني وري قوم پرستي کي ڪمزور ۽ عمل ۾ نہ اچڻ جهڙو ڇاٽي، نسل پرستيءَ ڏي موٽي رهي آهي. نہ رڳو ايترو پر اڪثر ماڻهو نسل پرستيءَ کان جان ڇڏائي نہ سگهيا آهن. سنڌ ۾ گذريل پنجن سالن جي چونڊيل ميمبرن ۽ وزارتن جي تجربي ثابت ڪيو آهي تہ اتي جا عصبيت قابل قبول رهي آهي، سا ذاتين ۽ قبيلن جي هئي. سيد، ٽالپر، سومرا ۽ ٻيا ڪيترا قبيلا ٻيءَ ڪنهن عملي عصبيت کي ڪار آمد نہ سمجهي، سياسي گروه بنديون نسلي بنيادن تي ٺاهي رهيا آهن.

صوبائي خود مختياريءَ بابت هڪ ڳالهہ ذڪر ڪرڻ جي لائق آهي. فطرت جسم انساني جي تڪميل لاءِ جڏهين ڪوشش ڪري ٿي تہ ساڳئي وقت عضون جي تڪميل ۽ حفاظت کي ڪڏهين نہ ٿي وساري. ڪنهن بہ جسم جي وڏائي ايتري اهميت واري نہ آهي، جيتري قدر ان جي جملي عضون جي صلاحيت ۽ تعاون آهي. اهي قومون ئي زنده رهي سگهن ٿيون، جي هر فطري عصبيت جي بنياد تي لاڳاپيل هجن. ڊائنا سور (جو دنيا جي معلوم جانورن ۾ وڏي ۾ وڏو جانور هو ۽ هاڻ عدم پيدا آهي) ختم ٿي چڪو آهي. پر اها حقيقت آهي تہ جسمي بناوت ۾ وڏائي بہ ضروري آهي. هزارها ننڍا جزا وقت گذرڻ بعد زندگيءَ جي تنازع ۾ وڏن جسمن ۾ هضم ٿي ختم ٿي ويا آهن. جيڪڏهين تنظيم ضروري آهي، تہ جسامت بہ مکيہ جزو آهي.

17 - جنوري 1945ع

Gul Hayat Institute

آءِ. آءَ. قاضي

فصل پنجون

علامہ قاضي صاحب جو پيغام، مقام ۽ اسان جون وٽس جوابداريون.

علامہ قاضي صاحب نہ فقط علامۂ دھر، اعليٰ فيلسوف، بلند پايہ مفڪر، اھل دل ۽ صاحب نظر بزرگ ھو، پر سنڌ جي پيغام جو شارح، صاحب فيض ۽ مرشد بہ ھو.

سندس فيض بخش صحبت ۾ مون کي چاليھن ورھين تائين رھڻ جو فخر حاصل ٿيو. مون ۾ جيڪڏھين ڪا بہ خوبي آھي، تہ سندس طفيل آھي ۽ سموريون خاميون پنھنجون اٿم.

ھو علم ۽ محبت جو بحر ذخار ھو، جو سوين موتين سان پرپور ھو. مون جھڙي اڌ پڙھيل ڳوناٺي کي سندس صحبت مان جو حاصل ٿيو، ان جي شڪر گذاري مون کان ادا ٿي نہ سگھندي.

قاضي صاحب جي ذڪر ڪيل ٿن لياقتن جي مختصر تشريح منھنجي سمجھہ موجب ھيٺينءَ طرح آھي-

Gul Hayat Institute

1- سر زمين سنڌ ھڪ خاص پيغام جي حامل ھئي:

ھر ملڪ جي مختلف دورن ۾ ڪي اھڙا بزرگ پئي پيدا ٿيا آھن. جن قومن ۾ سندن خاص پيغام ذريعي خود شناسي ۽ بيداري پيدا ڪئي آھي.

انھن مان ھڪڙا اھي صاحب ھئا. جن مذھبن جي تعليم ۽ نظام سان ماڻھن کي روشناس ڪرايو. انھن کي پيغمبر. رسول اللہ. مھاتما. مسيح وغيره لقبن سان سڏيو ويو.

ٻيا اهي بزرگ هئا، جن مکيہ مذهبن ۾ تجديد جو ڪم سر انجام ڪيو، تن کي مجدد، آچاريہ، سينٽ (Saint) جي نالن سان ياد ڪيو ويجي ٿو.

ٽيان اهي عالم هئا، جن حڪمت ۽ فلسفي ۾ مهارت حاصل ڪري، ڪي نظريا ايجاد ڪيا، جن کي حڪيم يا فيلسوف ڪوٺيو ويجي ٿو.

چوٿين قسم جا اهي بزرگ آهن، جن مختلف تهذيبن، مذهبن، فلاسافين ۽ نظرين پويان بنيادي وحدت جو پتو پروڙي، عالمي اتحاد ۽ امن لاءِ پيغام پيش ڪيو.

علامہ قاضي صاحب پوئين گروه جي بزرگن مان هو، جنهن اهل سنڌ اڳيان هيءَ ڳالهہ واضع ڪئي تہ ”سر زمين سنڌ سندس مخصوص جاگرافيائي ۽ تواريخي حالات ڪري، عالمي اتحاد ۽ امن لاءِ خاص پيغام جي حامل هئي، جنهن پيغام کي سنڌ جي مختلف دورن ۾ سندس درويشن پنهنجي تعليم ۽ ڪلام ذريعي پئي پيش ڪيو هو.“

هيءَ صاحب انهيءَ پيغام جي جديد طرز ۽ نموني تي تشريح ڪري، ان پيغام جي پکيڙڻ لاءِ هڪ تربيت يافتہ، مخلص مجسمۂ قرباني ڪارڪنن جو گروه پيدا ڪري، انهيءَ مِشَن جي سرانجاميءَ لاءِ آخر حياتيءَ تائين ڪوشش ڪندڙ رهيو. هو جو ٻج پوکي ويو آهي، سو اميد تہ جلد بار آور ٿي، هڪ ڏينهن بين الاقوامي اتحاد ۽ امن جو باعث بنبو.

هيٺ آءٌ سندس سر زمين سنڌ جي خصوصيت ۽ خاص پيغام تي مختصر روشني وجهندس-

Gul Hayat Institute

سنڌ جي خصوصيت:

ان جي ثبوت ۾ سندس منهنجي لاءِ لکيل، خطبۂ صدارت استقباليہ ڪميٽي آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس منعقده ڪراچي 1943ع مان چند حوالا پيش ڪندس:

”ڪيترين ڳالهين ڪري هن زمين (سنڌ) جي تاريخ نهايت بي نظير رهي آهي. اها قديم تهذيبن جو آشيانو هئي، جنهن جي ثابتي موهن جي دڙي جي آثار قديم مان ملي سگهي ٿي. هيءَ ٿي سر زمين آهي، جتي دنيا جا ڪيئي نسل ملي جلي ويا. دراوڙ، آريا، سامي ۽ منگول نسل جا نشان هتي آسانيءَ سان ڳولي سگهبا.

نہ صرف نسلن جو ميل جول هن زمين ۾ ٿيو، ليڪن مختلف مذهبن ۽ فلسفن جو هڪٻئي تي اثر ۽ ميلاپ پڻ جهڙو هتي ٿيو اهڙو ٻيءَ جاءِ تي ڇـِـتو ٿيو هوندو. ٻڌ ڌرم جيتوڻيڪ وچ هندستان ۾ پيدا ٿيو، ليڪن اهو هن زمين تي وڌيو ۽ ويجهيو. اسلام جڏهين هن زمين تي پير پاتو تہ ٻڌ ڌرم بہ اجا مروج هو. هتي جي رهاڪن مهاتما گوتم ٻڌ جو نفيءَ وارو سبق اجا نہ وساريو هو. اسلام صرف اڳينءَ تعليم ۾ اثبات جو اضافو ڪيو. ويدانيت ۽ وحدانيت جا فلسفا ۽ ساهتي ٿي هڪ ٻئي تي اثرانداز ٿيا. هڪ طرف وحدانيت هندو يوڳيءَ تي اثر وجهي، بت پرستيءَ کي گهٽايو، تہ ٻئي طرف مسلم درويشن سنياس مان سبق ورتا ۽ راڳ کي تصوف جو جزو بنايو. هندو مسلم عقيده باهمي سمجهوتہ ۽ رواداريءَ سان هڪٻئي جي نزديڪ اچڻ لڳا. گرونانڪ جي تعليم انهيءَ ميل جول جو مکيہ مثال ۽ نتيجو آهي. ”مسلم صوفين هن ملڪ ۾ شاهہ عبداللطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي بنيادي وحدت جو پرچار ڪري، مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، جنهن جو عملي ثبوت هتي جي هندو مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو. انسانذات ابتدائي زماني کان وني مختلف ارتقائي دور طئہ ڪندي، پنهنجي آخري مقصد يعني انساني وحدت خيال ۽ عمل طرف وڌي رهي آهي. انهيءَ لاءِ مختلف گروهن جي مذهبي، سياسي ۽ اقتصادي تحريڪن ۽ ڪوششن منزل مقصود تي پهچڻ لاءِ جدا جدا طريقن ۽ واٽن جو ڪم پئي ڏنو آهي. تاريخ جو هر ورق ان ارتقائي جدوجهد جي مثالن سان پربور آهي. شروعات ۾ ماڻهو ننڍن ننڍن ڪٽنبن ۾ ورهايل هئا. ٿوري عرصي گذرڻ بعد اهي ڪٽنب وڌي ويجهي قبيلن جي صورت اختيار ڪري ويا. آخر ۾ اهي قبيلا ملي قومون بڻيون. ماڻهن جي وچ ۾ باهمي اتفاق ۽ ميلاپ جا مختلف بنياد پئي رهيا آهن. جاءِ رهائش (وطن) زبان، زندگيءَ جو طريقو ۽ خيالات انهن مان مکيہ آهن. ”اڄ ڪلهہ نظريا چوطرف فيشن بنبا وڃن. پر انهن بہ امن آڻڻ جي عيوض مورڳو زياده فساد پيدا ڪيا آهن. جزوي حل، جدا جدا نالن ۾، عارضي عرصي لاءِ مستعمل رهڻ کان پوءِ، تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرڪجڻ بعد از خود بيڪار بنجيو پون. جيستائين مختلف سياسي، اقتصادي ۽ مذهبي نظرين جي اختلاف متائڻ لاءِ حل ڳولي نہ ڪڍيو ويو آهي، دنيا ۾ دائمي اتحاد

Gul Hayat Institute

۽ امن قائم ٿيڻ مشڪل پيو نظر اچي.“ انھي حل ڳولي لھڻ لاءِ خاص ماحول ۽ تاريخي روايتن ھيٺ ذھني تربيت جي حاصلات لازمي شرط آھي. انھيءَ مشن جي سرانجاميءَ لاءِ سر زمين سنڌ جا رھاڪو زياده موزون آھن. قديم تاريخ جا دفتر ان جا گواه آھن تہ ڪيئن نہ ھتي مختلف نسل، تھذيبون، مذھبي فلسفا، سياسي طريقا ملي جلي يڪرنگي اختيار ڪري سگھيا آھن. دنيا جي نئين تعمير لاءِ، جنھن ۾ مشرق و مغرب جا ويچا مٽجي ھڪ وحدت ۾ گڏجڻا آھن . سر زمين سنڌ ڪي خاص پيغام پيش ڪرڻو آھي. مون کي ھن انڊوڪار جي زماني ۾ ڪي روشني جا ترورا نظر اچي رھيا آھن. ھن جسماني ولوڙ بعد مکڻ ھتان ئي نڪرڻو آھن.“

پيغام سنڌ:

اھو پيغام ڪھڙو آھي؟ ڪھڙيءَ طرح اھو مشرق ۽ مغرب جا ويچا مٽائي، انھن کي ھڪ وحدت ۾ گڏيندو ۽ ڪھڙيءَ طرح اُھو مختلف سياسي، اقتصادي ۽ مذھبي نظرين جا اختلاف مٽائي دنيا ۾ دائمي اتحاد ۽ امن قائم ڪندو؟ ان لاءِ آءٌ سندس تحريرن کي پڙھڻ ۽ انھن تي غور ڪرڻ ۽ ساڻس شخصي گفتگو بعد ھيٺين نتيجن تي پھتو آھيان -

- اتحاد انسانيءَ جو حصول (محبت).
- ظاھري ڪثرت پويان بنيادي وحدت جي وجود جي پرڪا.
- مساوات انسانيءَ جي حصول لاءِ قومي تفوق ۽ خود مطلبيءَ کي ترڪ ڪرڻ.
- دين فطرت - قانون ارتقا (اسلام) کي چند دستورن ۾ محدود ڪرڻ ان جي روح جي خلاف ھو.
- تشدد ۽ ھنسا جذبہءَ محبت جي خلاف ھئا.
- تنازع للبقا جي عيوض تعاون برائي ترقي ۽ دفاع جي راه اختيار ڪرڻ.

ھيٺ مختصر طور آءٌ مٿي ذڪر ڪيل پيغام جي انھن مکيہ اصولن جي تشريح ڪندس.

اتحاد انسانيءَ جو حصول

مٿي ذڪر ڪيل خطبي ۾ قاضي صاحب فرمائي ٿو تہ ”انسانذات سندس آخري مقصد يعني وحدت خيال ۽ عمل طرف وڌي رھي آھي.“ سندس ملاقات ۾ ھن ڪان اڪثر شيخ سعدي عليہ جو ھينيون بيت اچاريندي ٻڌندو ھوس-

Gul Hayat Institute

بني آدمي اعضاءِ يک ديگر اند   کہ در آفرينش ز يک جوهر اند
چو يک عضوه بدرد آورد روزگار   هم عضوها را نماند قرار

معنيٰ:- انسانذات جو ڇاڪاڻ تہ اصل ۾ هڪ ئي جوهر پيدائش آهي، انڪري سڀ انسان هڪ بدن جي عضون جو مثال رکن ٿا- بلڪل ائين جيئن بدن جي هڪ عضوي ۾ سور ٿيڻ ڪري ساري بدن ۾ سور پيدا ٿئي ٿو. تنهنڪري اتحاد انساني نهايت ضروري آهي. اُهو محبت ذريعي حاصل ٿي سگهندو. اتحاد جو نتيجو امن عالم ۾ نڪرندو ۽ امن ترقي بني آدم جو پيش خيمو آهي.

ڪثرت پويان بنيادي وحدت

جڏهين ماڻهوءَ کي اهو پتو پوڻ لڳي ٿو تہ فطرت جي تقاضا وحدت خيال ۽ عمل آهي، ۽ انسان هڪ ئي بدن جا عضوا آهن، تہ لازمي نتيجو اهو نڪري ٿو تہ ڪيس ڪثرت پويان وحدت ڏسڻ ۾ اچي ٿي. هو پوءِ دنيا جي مختلف مذاهب، فلسفن، نظرين ۽ دستورن ۾ يڪرنگي ۽ وحدت جو نظارو پسي ٿو. پوءِ جڏهين انسانن کي مٿي ذڪر ڪيل ظاهري اختلافن ڪري برسر پيڪار ڏسي ٿو، تہ ڪيس خواهش پيدا ٿئي ٿي تہ جملي مذهبن ۽ نظرين جي پوئلڳن کي باهمي سمجهوتي، رواداريءَ ۽ باهمي تعاون ذريعي هڪٻئي جي نزديڪ آڻي.

انڪري قاضي صاحب جن اُن راءِ جا هئا تہ سر زمين سنڌ جا رهاڪو تاريخي روايتن ۽ ذهني تربيت سبب ان مشن جي سر انجاميءَ لاءِ زياده موزون هئا. هو هن راءِ جا هئا تہ انسانذات جو آفرينش ابتدا کان وٺي هڪ مذهب رهيو آهي، جو مختلف حالات ۽ زماني جي تقاضائن ۽ ضروريات مطابق ترقي ڪندو آيو آهي ۽ ڪندو رهندو. دين فطرت ۽ قانون ارتقا ٻيئي ساڳي ڳالهہ هئا. اسلام انهيءَ راز جي اظهار لاءِ پيغام آندو هو. جيتوڻيڪ هر ملڪ ۽ مذهب ۾ انهيءَ راز جو پتو ڪن مخصوص ماڻهن کي پئي رهيو آهي، ليڪن سنڌ مان اُن جو نچوڙ پيدا ٿي، شاهہ عبداللطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي بنيادي وحدت جي پرچار جي صورت ۾، محبت ۽ رواداريءَ جي پيغام طور سڄي عالم ۾ مقبول عام ٿيڻو آهي.

شاهہ صاحب فرمايو هو تہ:

ايڪ قصر در لک ڪوڙين ڪَڙس ڳڙکيون،
جيڏاهين ڪريان پرک تيڏانهن صاحب سامهون. (شاهہ)

Gul Hayat Institute

ٻئي سنڌي صوفيءَ فرمايو هو تہ:

ڪفر ۽ اسلام ۾ تا پرن اُبتا پير،
هڪ هندو ٻيا مسلمان، ٿيون وچ وڏائون وير،
انڌن اونڌه نہ لهي، تن ڪي سچ چوندو ڪير،
”روحل“ راه پرين جي، جان گهمي ڏٺوسين گهيڙ،
تہ رب مڙني ۾ هڪڙو، تنهن ۾ ڦند نہ ڦير،
سا ڪيڏي ڪندي پير، جا سُتي ڪعبہ وچ ۾!

(روحل فقير)

مساوات انساني

قاضي صاحب جو چوڻ تہ هن وقت دنيا کي مساوات انساني جي تعليم جي جيتري ضرورت آهي ،اوتري ڪڏهين بہ نہ رهي هئي. دنيا جون مختلف قومون باوجود اصولي طرح مساوات ۽ جمهوريت جي دعوائن جي، اجان تائين سڌيءَ ۽ اڻ سڌيءَ طرح تفوق برتريءَ جي مرض ۾ ڦاٿيون پيئون آهن. مذهب، جي دنيا ۾ محبت ۽ هڪجهڙائيءَ جي تعليم ڏيڻ آيا، سي بہ ان مرض کان آجا تي نہ سگهيا آهن. فلسفن کي بہ ان ڪم لاءِ ڪتب آندو پئي ويو آهي. پاڪ پليت، ننڍي وڏي، ڏاڍي هيٺي، اڇي ڪاري، شاهوڪار ۽ غريب وغيره جا تفاوت- تن انسانذات کي منجهائي ڇڏيو آهي.

ڪيس نهايت ارمان تي ٿيو، جڏهين ڪن مسلمان عالمن اسلام جهڙي مذهب کي بہ ان دوئيءَ يا فرق سان ملوث ڪري ڇڏيو هو. تنازع للبقا جي غلط اصول. کي مڃڻ، فسطائيت جي متن کي اسلامي رنگ ڏيڻ، پاڪ پليت جا عقيدا پکيڙڻ، ان دين فطرت کي چند ماڻهن جي گروه تائين محدود ڪرڻ، عقيدي ۽ عمل موجب اهي ڳالهيون اسلامي تعليم کان سو کوه پري هيون. تنهنڪري وحدت الوجود جي بنياد تي صحيح حقيقت معلوم ڪرڻ بعد، هُن سنڌ جي درويشن جي پيغام کي انهن خرابين کان بچڻ لاءِ صحيح حل ڄاتو تي- چي:

”پريان سندي پار جي مڙيئي منائي“.

Gul Hayat Institute

چوڻ وارا کهڙيءَ طرح پاڪ پليت جا تفاوت مذهب جي نالي ۾ مڃي سگهيا ٿي! اهو ڪو هڪڙو دور هو، جڏهين آريائي مذهب وقتي تقاضائن موجب جاتين ۾ ماڻهن کي ورهايو ٿي. هاڻ اهو دور ختم ٿي چڪو هو. جڏهين ڏنائين ٿي تہ ڪي ماڻهو مذهب جي نالي ۾ تشدد قائم رکڻ لاءِ جهاد جو اکر اچاري رهيا هئا، تہ هن کي شاهہ لطيف جي مصرع ياد آئي ٿي-

هو چوندئي تون مَ چوءُ واتان ورائي،
اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو کائي.

پير ۽ سيد، جي اصل ۾ اهل طريقت مان هئا، تن کي انڪساري، محبت ۽ مساوات جي صفتن کان عاري ٿي ڏنائين. تہ نهايت ارمان ٿيس ٿي. انهن ۾ فخر، وڏ ماڻهپائي، سجدا ڪرائڻ، ماڻهن جي ڪمائيءَ تي جوڙن وانگر گذر ڪرڻ ڪيس پسند نتي آيو. ملا کي جڏهين ظاهرداريءَ تي زور ڏيئي، حقيقي مسائل کان پاسيرو ٿي ڏنائين، تہ ارمان ٿي ٿيس، پر باوجود ان جي، سنڌ جي درويشن جي تعليم ۾ هن کي ٻين جاين کان زياده انهيءَ تعليم جي موجود هئڻ جو احساس ٿي ٿيو.

دين فطرت

هن قانون ارتقاءَ ۾ دين فطرت محسوس ڪيو هو. اسلام کي دين فطرت مڃيائين ٿي، پر ان کي چند دستورن، رسمن ۽ رواجن، قانونن ۽ فرسوده عقيدن تائين محدود ڪرڻ ۽ ان کي جدا فرقي بنائڻ جي ڳالهہ، روح اسلام جي خلاف ٿي سمجهيائين. جي، دين فطرت جا بنيادي متا، ڪائنات جو رتا ۽ مقصد سان پيدا ٿيڻ، اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم هئا. قانون ارتقاءَ يا دين فطرت وهندڙ پاڻيءَ وانگر هميشہ تازو رهڻو هو. هر زماني، ملڪي ماحول، ملڪي حالات، وقتي تقاضائن ۽ ذهني ارتقاءَ پٽاندر انسانذات کي وقت بوقت نوان نياپا ملڻا ۽ نامعلوم راز کلڻا هئا. اهو بي انت بحر هو. ان کي جدا فرقو بڻائي، ڪثرت مذاهب مان هڪ مذهب چئي باهمي خلفشار ۾ ڦاسائڻ نيڪ نہ هو.

ان قسم جي پيغام لاءِ بہ سنڌي درويشن جي تعليم ۾ هن کي ڪيئي نقطا مليا هئا. هن دين فطرت جي ڪنجي محبت ۾ محسوس ڪئي هئي. هو مصري شاهہ جي هن مصرع کي دهرائيندو هو تہ-

عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ.

Gul Hayat Institute

اهنسا يا عدم تشدد

هڪ ڏينهن مون هن ڳالهه کان ڊارون جي نئين نظريي تنازع للبقا (سر وائيول آف دي فٽيسٽ) جي مروج سوال کي پيش ڪري پڇيو تہ "اوهان مساوات کي دين فطرت جو مکيہ اصول ٿا سمجهو. هتي تہ پنج آڱريون بہ برابر نہ آهن. ٻڪري گاهہ کي کائي ٿي. بگهڙ ٻڪريءَ کي کائي ٿو. ڏاڍا هيڻن کي دٻائين ٿا. سامراجي قومون غريب ۽ پٺتي پيل قومن تي راڄ ڪن ٿيون. ان مان ظاهر ۾ ائين پيو معلوم ٿئي تہ دنيا ۾ مساوات آهي ئي ڪانہ. خود قانون فطرت تنازع للبقا جي حمايت ڪري ٿو." پاڻ مون کي پرنس ڪرپاٽڪن جي ڪتاب "ميوچوئل ايڊ" پڙهڻ لاءِ حڪم ڪيائون. ان جي پڙهڻ بعد جڏهين وٽس ويس، تہ فرمايائون تہ "تصوير جو ٻيو طرف ڏٺئي. انساني زندگيءَ ۾ هڪ دور هو، جنهن ۾ ڇتاپيٽي ۽ تصادم کي فوقيت مليل هئي. هاڻ وقت اچي ويو آهي، جڏهين لا آف جهنگل (حيواني تشدد) کي ڪٿو ڪرڻو پوندو. نہ تہ دنيا مان فساد، بدامني، نفاق ۽ خود مطلبي نہ نڪرندا. اتحاد انساني، امن عالم ۽ انساني ترقيءَ جي قانون ارتقاءَ جا بنيادي مقصد هئا، حاصل ٿي نہ سگهندا."

پوءِ پڇيم تہ اهي مقصد ڪهڙيءَ طرح حاصل ٿي سگهندا؟ تہ پاڻ فرمايائون تہ "اهي مقصد محبت، تاليف قلوب، ۽ تزڪيہ نفس، حميده اخلاق (معرفت) وڏيڪ سولائيءَ سان حاصل ٿي سگهن ٿا. دنيا ۾ جو ڳالهہ جا تشدد جي ذريعي حاصل ڪئي وڃي ٿي، سا وري تشدد جو شڪار ٿي، ختم ٿي وڃي ٿي. تلوار ذريعي جا شيءِ حاصل ڪيڻ واري هئي، سا تلوار ذريعي وڃڻ واري هئي. اهل سنڌ کي اهنسا جي پيغام جي حمايت ڪرڻي هئي.

تعاون براءِ ترقي

اڳ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ پاڻ ارتقاءِ حيات لاءِ تصادم ۽ ڇتاپيٽيءَ کي امن عالم لاءِ غير موزون ٿي سمجهيائون. ۽ چيائون ٿي تہ آينده انسانن کي "تعاون براءِ ترقي" ميوچوئل ايڊ، رواداريءَ ۽ گڏجي گذارڻ (Co-existance) جي اصولن تي هلي، امن ۽ ترقي حاصل ڪرڻي هئي. ان ڳالهہ لاءِ سنڌي درويشن اڳيئي پيغام ڏيئي ڇڏيو هو- ڇو تہ:

ولر ڪيو وتن، پرت نہ چنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهونشان ميٺ گهٽو.

حيوانن ۾ بہ ٻن قسمن جا جانور هئا. هڪڙا درندہ ۽ ٻيا سانتيڪا هئا. ڦهريان خونخوار ۽ ڦاڙيندڙ هئڻ ڪري پاڻ ۾ نهي هلي نٿي سگهيا، ٻيا ولر ۾ رهڻ وارا جانور، جي پنهنجي سلامتيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ولرن ۾ رهيا ٿي. ماڻهو ولرن ۾ رهڻ وارن (Gregarious) جانورن مان هو. انڪري سندن ترقيءَ ۽ خوشيءَ لاءِ اتحاد، امن ۽ تعاون جي ضرورت هئي، جي قربانيءَ ۽ محبت سان حاصل ٿي سگهڻ وارا هئا. خود مطلبي ۽ ايثار متضاد شيون هيون. محبت مان ايثار جو مادو پيدا ٿي ٿيو. شاهہ چيو آهي تہ-

پائي ڪان ڪمان ۾، ميان مار مَ مُون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

ان مصرع ۾ بني نوع انسان جي يڪ وجوديءَ جو پتو پوي ٿو.

(2) قاضي صاحب فيض يافتہ بزرگ هو:

"فيض" جي لغوي معنيٰ اُٿل يا سيلاب آهي. جڏهين درياءَ ۾ موج اچي ٿي ۽ پاڻي چڙهي ٿو، تہ اهو ڪنارن کان اُٿلي، آس پاس جي زمينن کي ٻوڙي، سيرآب ۽ زرخيز بنائي ٿو. جنهنڪري طرح طرح جا فصل، ٻيلا ۽ سبزہ زار پيدا ٿين ٿا.

اُن وانگر جڏهين ڪو بزرگ علم ۽ محبت جي صفتن سان پرپور ٿئي ٿو، تہ سندس صحبت ۽ ڪلام ۾ بہ اهائي صفت پيدا ٿئي ٿي، جهڙي اُٿندڙ درياءَ جي ٿيندي آهي.

صاحب فيض کي ولي بہ سڏيو وڃي ٿو. اڪثري عام ماڻهو ولي اُن کي سڏين ٿا، جو ڪرامتون ڏيکاري، اولاد وني ڏئي، بيماري دفع ڪري، دنيا جا مطلب پورا ڪرڻ لاءِ دعا ڪري، دُعا ۽ پٽ پاراتي جو مالڪ هجي، وظيفا ڪيي يا عبادتون ڪري، رهبانيت جي زندگي گذاري، مريدن کي ذڪر سيکاري، وغيرہ. پر اهي سڀ ڳالهيون اهل نظر ۽ صاحب دل ماڻهن وٽ رواجي، بيسود ۽ معمولي آهن. هنن جي نظر ۾ ولي يا صاحب فيض صرف اهو شخص ٿي سگهي ٿو، جو حقيقت اشيا جي اسرار کان واقف هجي ۽ ماڻهن جي نفسياتي، اخلاقي، ذهني خامين ۽ بيمارين کان واقف ٿي، انهن کان کين بچائڻ لاءِ ڪوشش ڪري، مردہ دلين کي علم ۽ عشق جي

Gul Hayat Institute

نعمتن سان زنده ڪري ماڻھن کي تزڪيہ نفس، حميده اخلاق ۽ صحيح تعليم جي نعمتن سان مالا مال ڪري.

وليءَ جي لغوي معنيٰ دوست، ھادي، استاد، محبوب آھي، پر ان جي حقيقي معنيٰ درويشن جي ھيٺين اقوال مان معلوم ٿي سگھي ٿي-

وينـــي جنين وٽ، ڏڪندو ڏور ٿئي،
تون تنين سان ڪٽ، اوڏا اڏي پکڙا. (شاھ)

يـــڪ زمـانـہ صحبت با اوليا،
بهتر از صد سالہ طاعت بي ريا. (رومي)

اھڙن بزرگن جي صحبت مان روح کي راحت ملي ٿي. ذھني خلفشار نڪري، يقين پيدا ٿئي ٿو. پوءِ انھن جو ست سنگي ھن حالت کي پھچي ٿو-

پڇي وڃ گمان، اسان صحيح سڃاتا سپرين

مون کي قاضي صاحب ۾ مٿي ذڪر ڪيل اھل نظر واري معيار جون سڀ لياقتون ڏسڻ ۾ آيون ھيون. تنھنڪري جيڪڏھين آءُ کيس صاحب فيض ولي سڏيان، تہ صحيح ٿيندو ليڪن ھر ماڻھوءَ جي نظر ۽ راءِ جدا آھي. شيخ سعدي عليہ فرمائي ٿو تہ-

بـاران کـہ در لطـافت طبعـش خـلاف نيسـت
در بـاغ لالـہ رويـد و در شـوره بـوم خـس.

ان ۾ صحيح ڪسوٽي مجنوءَ جي اکين جي ٿي سگھي ٿي، جيئن ھڪ شاعر چيو آھي-

ليلا را بہ چشم مجنوں بايد ديد.

(3) قاضي صاحب مرشد ڪامل ھو:

"مرشد" لفظ جي معنيٰ بہ جدا جدا پئي ڪئي ويئي آھي. ڪن ماڻھن سنتن، ساڌن، پرھيزگار عابدن، راھبن ۽ ڪانيءَ ڪرامت وارن کي مرشد ڪري مڃڻ جي راءِ ڏني آھي. تہ ڪن وري بزرگن جي اولاد، سجاده نشين، گاديسرن وغيره کي بہ مرشد يا گروءَ جي برابر يا ڪم از ڪم انھن جو جاءِ نشين سمجھي مرشد پئي ورتو آھي. ڇي، پاڳين جا پاڻ ڪڏھين خالي نہ ھوندا آھن.

Gul Hayat Institute

پوءِ انهي پوئين درجي ۾ ڪي اهڙا بہ ماڻهو تين ٿا، جي پيٽ جا پوڄاري، اقتدار ۽ دنياوي عيش آرام جا بکيا ۽ حڪومت وقت جا دلال هوندا آهن- انهن لاءِ شاهہ لطيف فرمايو آهي تہ-

ويا سي وينجهار، هيرو لعل ونڌين جي،
تنين سندا پوئيان، شيهي لهن نہ سار،
ڪٽين ڪٽ لهار، تنين سندي پيٽڻ.

ليڪن اهل طريقت ۽ صاحب دل ماڻهن وٽ صحيح مرشد اهو ٿي سگهي ٿو، جو علم ۽ عشق جي اعليٰ درجي تي پهتل هجي، جنهن کي انساني زندگيءَ جي بنيادي مقاصد جي صحيح ڄاڻ هجي، جنهن کي تسلسل حيات جو صحيح راز معلوم ٿيل هجي، جنهن جي زندگي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جي حصول لاءِ وقف ڪيل هجي، جنهن جي دل حساس هجي، جنهن جو فڪر سليم هجي، جو مجسمو اخلاص، تهذيب ۽ قربانيءَ جو هجي.

ان ڪان سواءِ مسلمانن مرشد جي صحيح سڃاڻپ لاءِ فنا في الرسول جو درجو پڻ مقرر ڪيو آهي. رسول مان سندن مراد حضرت محمد ﷺ آهي، جنهن کي هو رحمت اللعالمين سڏين ٿا، جنهن ساريءَ دنيا لاءِ اتحاد، امن ۽ ترقيءَ جي رحمتن جو پيغام آندو. صاحب طريقت حقيقت محمديءَ کي "علم ڪل" يا بحر عشق جي معنيٰ ۾ ورتو آهي. تنهنڪري هو ملا وانگر، ان کي ڪنهن خاص مذهبي نظام ۽ قومي گروه سان وابستہ ۽ محدود تعليم جو حامل نہ ٿو ڄاڻي. اهل طريقت جي نظر ۾ جنهن بہ ماڻهوءَ کي انسانذات لاءِ بنا تميز مذهب ۽ ملت جي محبت نہ هئي، جنهن جي عقيدي ۽ عمل مان امن عالم ۾ رڪاوٽ ٿي پيئي، جو نفرت، نفاق، تفوق، فساد ۽ تشدد جو حامي هو، سو ان حقيقت محمدي (رحمت اللعالمين) جي چشمۂ فيض مان سيراب ٿي نٿي سگهيو. بلڪ اهو، باوجود ظاهري زهد، تقويٰ ۽ علم جي، تنگ نظر ۽ بخيل هو- جنهن لاءِ شيخ سعدي فرمايو آهي:

"بخيل بود زاهد و ڪريد، بهشتي نباشد بہ حڪم خبر"

مون مٿي ذڪر ڪيل اهل طريقت جي نظر واريون جملي صفتون قاضي صاحب ۾ موجود ڏٺيون. شاد صاحب اهڙن ماڻهن لاءِ فرمائي ٿو تہ-

Gul Hayat Institute

جيئن ڏنو هو مون، آرياڻي اوهان جا ڏنو هو

قاضي صاحب فنا في الرسول جي درجي تي پهتل هو. ان لاءِ سندس خط نمبر 11 ۾ هينيان لفظ شاهدي ڏين ٿا-

"..... ٻه ٽي ڪلاڪ اڳ اسان "راس محمد" تان گذرياسون، جا سينا جي اپبيٽ جي ڏکڻ ڪنڊ ۾ آهي. عقبا جو شهر به اتي آهي. جيترو آءٌ غور ڪريان ٿو، اوترو طوفان خيز (راس) محمد جو نظارو مون تي اثرانداز ٿئي ٿو. "يا خدا آءٌ توکي محمد ﷺ کان سواءِ سڃاڻان ئي نه ها!" اهي بي بي رابع بصريءَ جا چيل لفظ اڄ به مون لاءِ اها معنيٰ رکن ٿا، جهڙي بي بي صاحبہ لاءِ رکندا هئا. جيڪڏهين ڪو محمد ﷺ کي پوريءَ طرح سڃاڻي، ته پوءِ ٻئي مرشد کان آزاد ٿي وڃي ٿو." وري پنهنجي ٻئي خط نمبر 14 ۾ لکي ٿو ته: "محمد ﷺ ڪهڙو نه سهڻو نالو آهي. حيف آهي دنيا کي، جو سندس وڏي ۾ وڏي محسن کي وساري ويٺي آهي. هيءَ دنيا محمد کان اڳ هڪ تنگ و تاريڪ جهنگل مثال هئي."

قاضي صاحب زندگيءَ جي مقاصد جو رازدان هئڻ ڪري، بنا تميز مذهب ۽ ملت، انسانذات جي اتحاد. امن ۽ ترقيءَ لاءِ پيغام پهچائڻ گهريو ٿي، جو حقيقت محمديءَ جو راز هو. قاضي صاحب حد درجي جو حساس دل هو، جنهن جي دل عوام جي درد دکن جو حال سهي نٿي سگهي-

"اي روشنيءَ طبع برمن بلا شدي". جي حالت ساڻن لاحق هوندي هئي. سندس خط نمبر 22 ۾ پاڻ لکي ٿو ته:

"سنڌي مسلمان اڄ پيٽ جا پوڄاري ٿي چون ٿا ته "نانم بده ڪفش برسر بزن". اها سندن پستيءَ جي حالت آهي. پيارا شاه. منجهن بيداري پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪر. سياست کي حال پاسي رکي، ڪين منظم ڪري، اُن پستيءَ مان ڪڍين. ستل قوم جي ڪهڙي پاليسي ٿيندي آهي! هنن کي دائمي ننڊ ۾ سمهڻ جي خواهش آهي. جو به

Gul Hayat Institute

ڪين سجاڳ ڪرڻ لاءِ چوي ٿو، ان ڪي هو بدترين دشمن سمجهن ٿا. پر باوجود ان جي، تو جهڙن ماڻهن کي سنڌن خدمت کان ڪڪ نہ تيڻ گهرجي. منادي (دانهن) ضرور هلي اچي. من ڪو ٻڌي سجاڳ ٿئي!" بيا بہ سنڌس ڪيترا خط آهن، جن مان سنڌس حساس دل جو پتو پوي ٿو. جيڪي سنڌس صحبتي ۽ واقف هئا، سي ساک ڀريندا تہ هو مجسمو اخلاص ۽ حميده اخلاق جو. حد درجي جو مهذب ۽ ايثار ۽ قربانيءَ جو پتلو هو. هن ڪي جيڪي صحيح ڏسڻ ۾ تي آيو، ان لاءِ ارشاد تي ڪيائين. ارشاد ڪرڻ مرشد جو ڪم آهي.

اسان جون ساڻس جوابداريون:

منهنجي نظر ۾ اسان کي سنڌس مشن کي سرانجام ڪرڻ لاءِ هيٺيان ڪم ڪرڻ گهرجن:

(1) اسان مان هر هڪ کي متي ذڪر ڪيل "پيغامِ سنڌ" جي ماهيت معلوم ڪرڻ گهرجي.

(2) اسان کي ان پيغام جي تعليم ۽ تربيت لاءِ هڪ مرڪز ۽ مخلص ڪارڪنن جو گروه پيدا ڪرڻ گهرجي.

(3) سنڌن يادگار شين جو عجائب گهر، سنڌس نالي ۾ عمدو ڪتب خانو ۽ ريڊنگ روم قائم ڪرڻ گهرجن.

(4) ان مرڪز تي هر ٽئي مهيني گڏ ٿي، صلاح مشورو ڪري، قاضي صاحب جي مقاصد جي حصول لاءِ ڪوشش ڪجي.

(5) ان اداري کي صاحب اقتدار، حڪومت ۽ بوالهوس سياستدانن جي پنجي کان آزاد رکجي.

مون کي فخر سان چوڻو ٿو پوي تہ قاضي صاحب عليہ الرحمة مون کي پنهنجي نظر تلطف هيٺ پنهنجي طالبن جي لسٽ ۾ شمار ڪرڻ لاءِ ڏنو هو.

مون کي پتو آهي تہ مون جهڙا سوين ماڻهو سنڌس محبت جا متوالا ۽ معتقد آهن. آءُ پنهنجي خوش قسمتي سمجهندس، جيڪڏهين اهڙي ڪارڪنن جي گروه سان گڏجي، پيغام سنڌ پکيڙڻ لاءِ ڪم ڪريان.

Gul Hayat Institute

ضميمو

قاضي ميان امام علي مرحوم جون ٻہ شاديون ڪيل هيون: پهرين شاديءَ مان ٽي نياڻيون ٽيس ۽ ٻيءَ شاديءَ مان ٻہ پٽ ۽ 8 نياڻيون.

پٽن جا نالا: 1. قاضي فخرالدين 2. قاضي ميان امداد علي (آءِ. آءِ. قاضي)، نياڻين جا نالا ۽ سندن اولاد:

1. مريم خاتون، زوجہ خانبهادر قاضي غلام نبي – اولاد: قاضي آفتاب احمد، قاضي بشير احمد، ٻہ نياڻيون آشا بيبي – خالق ڏني.

2. شاهل خاتون، ننڍپڻ ۾ وفات ڪئي.

3. امام زادي، زوجہ ميان شمس الدين- اولاد: قاضي غلام مصطفيٰ، ڊاڪٽر علي احمد، محمد ابراهيم ۽ هڪ نياڻي نور جهان.

4. زبيده خاتون، زوجہ خانبهادر قاضي غلام نبي – اولاد ڪونہ.

5. زلفت – اولاد ڪونہ.

6. موتي بيگم، زوجہ خانبهادر محمد حيات – اولاد: خانبهادر ميان يار محمد – خداداد ۽ چار نياڻيون بدر النساءِ، مهر النساءِ، زينت، اختر.

7. آمنت خاتون، زوجہ قاضي ميان علي محمد – ٻہ پٽ اولاد: ميان ممتاز علي، مشتاق علي ۽ ٻہ نياڻيون شرف النساءِ، خيرالنساءِ.

8. متل خاتون، زوجہ ميان نجم الدين – اولاد ڪونہ.

9. حيات خاتون، زوجہ محمد عالم ٻہ پٽ: گل محمد، عطا الله، ٻہ ڌيئرون: مها بيگم، جنت خاتون.

10. ڪمال خاتون، زوجہ ميان ولي محمد – ٻہ پٽ: گل محمد عطا الله، هڪ ڌي جمال خاتون.

11. امام زادي (؟)

Gul Hayat Institute